
ڪي ڪي
ماڻهو
وديا ساگر
منظور ڪوهيار

ڪي ڪي ماڻهو ديا ساگر

(مقالا، مضمون ۽ خاڪا)

منظور ڪوهيار

ڪنول پبليڪيشن قنبر

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ارپنا

محنت ڪش ۽ معزز دوست

افضل قادريءَ

جي نانءُ

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(205)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”ڪي ڪي ماڻهو وديا ساگر“** ناميا ري ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار **منظور ڪوهيار** پاران مختلف شخصيتن تي لکيل خاڪن ۽ مضمونن جو مجموعو آهي.

هي ڪتاب ڪنول پبليڪيشن قنبر پاران 2010ع ۾ ڇپايو ويو. اسان ٿورائتا آهيون انجنيئر عبد الوهاب سهتي صاحب جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساجاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com

سَٽاءُ

سوانح نگاري ۽ سوانح نگار ______ 07

جي ايم سيد: هڪ عظيم درسگاه ______ 12

جي ايم مهڪري: مها پرش ______ 23

سائين محمد بخش لاشاري: پرپيڙ استاد ______ 35

ڊاڪٽر اياز قادري: هڪ ڪهاڻيءَ جي بهترين پڄاڻي ______ 39

ڪامريڊ تاج محمد ابڙو: ساڃاهوند ساربان ______ 46

ڪامريڊ جمال الدين بخاري: پري جن پاري ______ 51

سوڀو گيانچنداڻي: سنڌ جي تاريخ جو امر ڪردار ______ 57

بدر ابڙو: پهريون ۽ آخري تاثر ______ 62

ميان علي محمد قادري: چراغ شهر ______ 67

محمد حسين مڪاني: وساريل ڪاهوڙي ______ 79

انيس انصاري: پرمل ۽ نرمل انسان ______ 88

قلندر بخش بدوي: رڃ پار ڪرائيندڙ ______ 93

هري دلگير: ڀِٽائيءَ جو هنج ______ 97

لقمان حڪيم: نمڪين ۽ برجستو ______ 107

هدايت منگي: ساوڻي جي موج ______ 113

واجد: جا پيڙ هئي پرواني ۾ ______ 118

محبت ٻرڙو: ماناڻتو ماڻهو ______ 123

افضل قادري: محنت ڪش ۽ معزز دوست ______ 130

اداري پاران:

مختصر حياتيءَ جي سفر ۾ جتي انسان پاڻ ’مسافر‘ آهي، اتي ان پنڌ تي ساڻس وک ۾ وک ڪٽڻدڙ ٻيا ڪيترا ماڻهو ’همسفر‘ جي روپ ۾، سندس همنوا ۽ راهرو به آهن.

ڪائنات جي هلندڙ ڦرندڙ چرخي ۾ ڪيئي ’محروم‘ آيا ۽ ويا. فنا رڳو انهن کي ئي نه ڇهي سگهي آهي، جيڪي ’ماهر‘ هئا، جن پوينءَ ۽ پوينءَ واسين لاءِ پنهنجي رس ڀري ڪردار جو امرت ورهايو.

’منظور ڪوهيار‘ پڻ علمي آٿڻ جو اڻ ٽٽو حصو آهي، جتي سندس ادبي پورهيي جو وکر، پنهنجي ڀرپور رنگن سان ڏيان ماڻ لهي ٿو. منظور ڪوهيار جي شخصيت کي نکارڻ ۽ سنوارڻ ۾ جن به عالمگير فردن جيترو به جهڙو به رول ادا ڪيو آهي، منظور ڪوهيار بغير ڪنهن مصلحت جي انهن کي پنهنجي هن ڪتاب ذريعي مجتا جو ملهه ارپي پيو.

هيءُ ڪتاب، منظور ڪوهيار جي يادگيرين سان گڏ سندس آتم ڪٿا به آهي. هن جتي پنهنجي ادنيٰ شخصيت کي بي عيب رکيو آهي، اتي ساڻس وابسته اعليٰ انسانيت جي جوهر کي نمايان مقام ارپيو آهي.

هيءُ ڪتاب، فني حوالي سان خاڪن/مضمونن/ ۽ مقالن وچ ۾ بنيادي فرق کي سمجهڻ لاءِ پڻ ڪارگر آهي.

منظور ڪوهيار جي سليس ٻوليءَ ۽ منظر نگاريءَ سان گڏ تاريخي حوالن/بحثن جي حسناڪي هن ڪتاب کي عام ڪتابن کان منفرد بڻائي ٿي.

اداري پاران شايع ٿيندڙ سندس هي چوٿون ڪتاب به سندس ٽن اڳلن ڪتابن وانگر الڳ ۽ منفرد آهي. پارکو پڙهندڙن جي راءِ جو انتظار هوندو.

سعيد سومرو
ڪنول پبليڪيشن قنبر
poetsaeed@yahoo.com

سوانح نگاري ۽ سوانح نگار

ڪنفيوشس جڏهن مرڻ تي هيو تہ سندس شاگردن ڪانئس سوال ڪرڻ شروع ڪيا. هڪ شاگرد ڪانئس پڇيو: ”استاد ڪجھ ديوتائن جي باري ۾ ٻڌايو.“ ڪنفيوشس وراڻيو: ”مان اڃان ماڻهن کي سمجهي ناهيان سگھيو تہ ديوتائن جي باري ۾ ڇا ٻڌائيندس!“

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ ماڻهو ڏاڍو ٻهروپيو آهي، ڇو تہ سندس شخصيت جا گهڻا پاسا آهن. ان ڪري انگريزي وارو لفظ personality بہ لاطيني لفظ persona مان نڪتو آهي، جنهن جو مطلب آهي نقاب يا مکوٽو. ۽ ان حوالي سان شخصيت جي ماپ طور صرف، قد ڪاٺ، لٽن ڪپڙن، رنگ ڍنگ، ذات پات، سماجي سياسي يا مذهبي رتبن جي بنياد تي ناهي ڪئي ويندي، پر شخصيت جي سيني پهلوئن جي بنياد تي ٿيندي آهي، جنهن ۾ ظاهري ڏيک ويک کان وٺي ماڻهؤ جا احساس امنگ ۽ ورتاءَ اچي وڃن ٿا. اها ڳالهہ آءُ پنهنجي پاران نٿو ڪيان، پر سماجي نفسياتي ماهر social psychologist بہ اها ڳالهہ ڪن ٿا.

سماجي نفسيات جي لغت جي حوالي سان هڪ وصف هيءَ بہ آهي:

“Personality is the totality of impressions which one man makes on other.

” شخصيت مڪمل تاثرن جو اُهو مجموعو آهي، جيڪو هڪ ماڻهو ٻي ماڻهو مٿان وجهي ٿو.“

سماجي نفسيات جا ماهر چون ٿا تہ پنج جزا شخصيت کي ناهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

1. وراثت: جيڪا هڪ شخص کي پيءُ،ماءُ جي طرف کان ملي ٿي.
2. جاگرافيائي ماحول: جيڪو ماڻهوءَ جي جسماني ساخت تي اثر انداز ٿئي ٿو.
3. سماجي ماحول: جيڪو ماڻهو جي سماجي تربيت ڪري ٿو ۽ کيس سماجي رتبو social status ڏياري ٿو.
4. ثقافت: جيڪا ماڻهو کي مخصوص رهڻي ڪهڻي، ٻوليءَ ۽ لباس سان آراستہ ڪري ٿي.
5. زندگيءَ جا مخصوص تجربا ۽ مشاهدا: جيڪي هر هڪ ماڻهو کي الڳ الڳ ٿين ٿا، اهي ئي سندس مخصوص نفسياتي ڪيفيت جوڙين ٿا.

ان مان ثابت ٿيو تہ هر شخص جي شخصيت ڏاڍي پيچيده انداز ۾ جڙي ٿي ۽ ان تي لکڻ تہ هيڪاري ڏاڍو ڏکيو آهي، ڇو تہ هڪ انسان بظاهر جيڪو ٻاهران ڏسڻ ۾ اچي ٿو سو ضروري ناهي تہ

اندر ۾ بہ ساڳيو هجي، ان ڪري هڪ سوانح نگار هڪ ماڻهو تي صرف ايترو لکندو، جيترو هن کي نظر آيو هوندو يا کيس معلومات ملي هوندي.

سوانح عمري يا حيات نگاري جي فن جي ابتدا ڪٿي ٿي....؟ ان حوالي سان ڪيترين دعوائون آهن. ڪي چون ٿا تہ چين ۾، ڪي مصر ۾، ڪي يونان ۾، تہ ڪي هندوستان ۾. حيات نگاري جي فن جي حوالي سان عراق مان مليل ”گل گامش جو قصو“ پهريون ڪتاب ڄاڻايو وڃي ٿو پر حقيقت ۾ تہ رامائڻ ان حوالي سان گل گامش جي قصي کان وڌيڪ بهتر آهي.

پراڻي دؤرن ۾ جيڪي سوانح عمريون لکيون ويون، اهي بادشاهن، مذهبي شخصيتن، جنگجو ماڻهن يا مشهور ماڻهن جون هيون. وچئين دؤر 400ع کان 1450ع ۾ عيسائي مبلغن پنهنجن شهيدن ۽ پيشوائن جون سوانح عمريون لکيون.

9 صدي عيسوي ۾ مسلمان عالمن بہ حضرت محمد صلعم، ۽ صحابہ ڪرامن جي سوانح حيات لکي. ان حوالي سان سعد البغدادي وڏو ڪم ڪيو. جيئن تہ اسلامي دنيا ۾ حديث هڪ وڏو موضوع يا نصاب بڻيو ان ڪري محدثن جي زندگي ۽ انهن جي حيثيت ۽ مرتبي کي پرکڻ لاءِ بہ تنقيدي سوانح جو بنياد پيو جنهن کي چيو ويو ”علم الرجال“ يعني ”ماڻهو جو علم. “

عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ تي 18 صدي عيسوي ۾ لکيو ويو. ۽ اهو ئي جديد سوانح نگاري جو دؤر آهي، جنهن ۾ سيموئل جانسن 1781ع critical lives of poets لکيو. جان جيڪس روسو اعتراف confessions لکي ڪري سوانح نگاري کي نئون موڙ ڏنو جنهن ۾ ماڻهوءَ پنهنجين غلطين کي بہ قلم بند ڪيو. جنهن جي ڪري ڪيترن ماڻهن پنهنجين آتم ڪٿائن ۾ وڏي جرئت سان پنهنجن ڏوهن ۽ گناهن جو اعتراف ڪيو.

جڏهن پرنٽنگ مشين وجود ۾ آئي تہ ڪتابن ڇپجڻ جو وڌيڪ رجحان پيدا ٿيو. ان دؤران سوانح عمريون بہ گهڻيون ڇپجڻ لڳيون، پر پهرين جنگ عظيم ۾ انسانن جيڪي هيانءُ ڏاريندڙ تباهيون ۽ بربااديون ڏٺيون، اُهي بہ سوانح حيات جي ذريعي وڌيڪ سامهون آيون. ۽ ائين ٻي جنگ عظيم اُن ۾ وڌيڪ واڌارو آندو.

1970ع کان پوءِ يورپ ۾ عورت جي سجاڳي وارو دؤر ليکيو وڃي ٿو. ان دؤران عورتن بہ سوانح نگاريءَ جي لحاظ سان ڪيئي ڪتاب لکيا.

اردو ادب ۾ غالب جي خطن کان وٺي، امرتا پريتم جي ”ايڪ ٿي سارا“ تائين مختلف اندازن ۾ خوبصورت ۽ بهترين سوانح عمريون لکيون ويون آهن.

سنڌيءَ ۾ بہ سوانح نگاريءَ جي حوالي سان تمام سٺو لکيو ويو آهي. جن ۾ جي ايم سيد جو ڪتاب، ”جنب گذاريم جِن سين“، پير علي محمد راشديءَ جو ڪتاب، ”اُهي ڏينهن، اُهي شينهن“، پير حسام الدين راشديءَ جو ڪتاب ”هو ڏوتي، هو ڏينهن“، محمد بخش مجنون جو ڪتاب ”مسڪين جهان ڪوسو“، اختر بلوچ جو ’قيدياڻيءَ جي ڊائري‘ وغيره آهن.

سوانح عمري يا حيات نگاري جي هڪ سادي وصف اِها بہ آهي:

”ڪنهن بہ شخص جي نجي زندگيءَ جا معاملا ۽ واقعا بيان ڪرڻ.“

سوانح عمري تاريخ جو حصو آهي. پر تاريخ لکڻ وانگر هن جا انداز مخصوص ناهن. سوانح عمري يا حيات نگاريءَ جي لکڻ جا نمونا تمام گهڻا آهن. جن مان ڪجھ هيٺين ريت پيش ڪجن ٿا.

1: معلوماتي سوانح حيات Informative Biography

هن ۾ ڪنهن بہ شخص جي ذاتي زندگيءَ جي باري ۾ بنيادي ڪوائف ڄاڻايا ويندا آهن. مثلن: نالو ذات پات، ڄمڻ جو ڏينهن، هنڌ، تعليم، ڪرت، شاديون، ڪارناما ۽ موت (مئل هئڻ جي صورت ۾) هن قسم جي معلومات ڪنهن شخص جي ذاتي رڪارڊ مان حاصل ڪئي ويندي آهي.

2: تنقيدي سوانح حيات Critical Biography

هن قسم جي سوانح حيات ڪنهن شخص جي شخصيت پرکڻ ۽ سمجھڻ لاءِ سندس خطن، انٽرويوز، ذاتي زندگيءَ بابت مليل مواد کي سامهون رکي لکي ويندي آهي. اِن ڪري تنقيدي سوانح حيات تحقيق وانگر خشڪ ۽ گهٽ دلچسپ ٿئي ٿي.

3: معياري سوانح حيات Standard Biography

هن قسم جي سوانح حيات ۾ حقيقتن سان گڏوگڏ دلچسپ واقعا بہ شامل هوندا آهن. معلومات سان گڏوگڏ علمي ۽ ادبي رنگ بہ هوندو آهي. اِن ڪري اهڙي قسم جي سوانح حيات کي معياري سوانح حيات ڪوٺيو ويندو آهي. تنهن ڪري ان کي پذيرائي بہ گهڻي ملندي آهي.

4: تشريحي سوانح حيات Interpretive Biography

هن سوانح حيات ۾ ماڻهو جي زندگي ۾ آيل واقعن، کي تشريحي انداز ۾ بيان ڪيو ويندو آهي. جنهن ۾ خوبصورت لفظن، جملن، محاورن، استعارن ۽ تشبيهن جي چاشني هوندي آهي. پر تشريحي سوانح حيات اجائي ڊيگھ جو پڻ شڪار ٿيندي آهي.

5: افسانوي سوانح حيات Fictionalized Biography

هن قسم جي سوانح حيات کي افسانوي انداز ۾ لکيو ويندو آهي تہ جيئن اُن شخص متعلق، پڙهندڙن جي دلچسپي قائم رهي. اهڙي طرح تاريخي ناول بہ افسانوي سوانح حيات جو حصو بڻجي وڃن ٿا. جيئن جميلہ هاشميءَ جو ”دشت سوس“ ناول، جيڪو حسين بن منصور حلاج جي شخصيت جي حوالي سان لکيل آهي.

6: **خاص مطلب واري سوانح حيات** Special Purpose Biography

هن قسم جي سوانح حيات ڪنهن خاص قسم جي سياسي، مذهبي پروپيگنڊه لاءِ لکي ويندي آهي. يا وري سياسي سماجي رتبہ حاصل ڪندڙ ماڻهو پنهنجي ساک بچائڻ يا وڌائڻ لاءِ لکرائيندا آهن. جيئن اڄڪلهہ سياستدان ۽ فوجي جنرل پنهنجي سوانح حيات لکرائيندا يا لکندا آهن.

7: **آتم ڪٿا** Auto Biography

آتم ڪٿا، حيات نگاري يا سوانح حيات جي حوالي سان اُهو انداز آهي، جنهن ۾ ليکڪ پنهنجي سموري ڪيفيتن، امنگن ۽ احساسن کي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پنهنجي ذاتي زندگي جي اُنهن واقعن، حادثن تان پردو ڪڻندو آهي، جنهن جي عام ماڻهن کي خبر ناهي هوندي.جيئن شهيد بينظير ڀٽو جي جڳ مشهور آتم ڪٿا Daughter of East آهي. آمريڪا ۾ عام ماڻهن بہ پنهنجيون آتم ڪٿائون لکي ڇرڪائي وڌو ۽ ثابت ڪيو تہ هر شخص کي پنهنجي الڳ شخصيت آهي. جيڪا هن کي ٻين کان منفرد بڻائي ٿي.

8: **خط** Letters

سوانح حيات جي حوالي سان خطن جو بہ اهم ڪردار آهي، ڇو تہ ماڻهو جي شخصيت خطن وسيلي بہ ظاهر ٿئي ٿي. ان حوالي سان ڪليم لاشاري جو ڪتاب”خطن جو سوانحي مطالعو“ هڪ بهترين تجزيو آهي. جنهن ۾ ڪنهن بہ شخصيت کي سمجهڻ لاءِ خطن جي اهميت ۽ افاديت متعلق بحث ٿيل آهي.

9: **ڊائريون**

سوانح حيات جي حوالي سان ڊائري بہ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. ڪنهن شخص جي ذاتي زندگي بابت، سندس خوشين، غمين بابت هڪ روزنامچو آهي.جيئن اينيءَ فرينڪ جي ڊائري جڳ مشهور ٿي.

10: **انٽرويو** Interview

انٽرويو بہ ماڻهن جي شخصيت کي ظاهر ڪرڻ ۾ اهم ڪردا ادا ڪن ٿا. بشرط ڪہ انٽرويو وٺندڙ ذهين ۽ هوشيار هجي. جيئن دنيا جي وڏين شخصيتن کان ”اوريانا فلاسيءَ“ جا ورتل انٽرويو آهن. جيڪي ڏاڍا مشهور ٿيا، ۽ اُنهن شخصيتن کي سمجهڻ جي حوالي سان بہ هڪ حوالو بڻيا.

11: **يادگيريون/ساروڻيون** **Memoirs**

ڪنهن خاص عهدي يا جڳهہ تي رهندي ماڻهن يادگيريون لکيون . اِن حوالي سان 15 صدي عيسويءَ ۾ فلپ ڊي ڪامنس فرينچ ڪائونسلر ۽ سنڌ جي حوالي سان ڪيپٽن ٿي پوسٽنس پنهنجون يادگيريون لکيون. اهي بہ سوانح نگاري جي حوالي سان اهميت رکن ٿيون.

12: **سفرنامہ** **Travelogue**

سفرنامو بہ هڪ قسم جي سوانح حيات آهي. جيڪو ماڻهو سفر جي دؤران پنهنجي ۽ ٻين متعلق لکي ٿو. اهو اڳتي هلي تاريخي دستاويز بڻجي وڃي ٿو. ابن بطوط جو سفرنامو يا چيني سياحن جا سفر نامہ پنهنجي دؤر جا تاريخي دستاويز آهن. سنڌيءَ ۾ الطاف شيخ جا سفرنامہ بہ مشهور آهن.

13. **جيل وارتائون**

جيل دؤران گهاريندڙ قيدن جون ڊائريون، آتم ڪٿائون بہ جڙ تاريخي دستاويز بڻجي وڃن ٿا. جيئن سنڌي ۾ رسول بخش پليجي جو ڪتاب ”ڪوٺ لکپت جو قيدي“ هڪ دستاويز بڻجي ويو.

سوانح نگاري جي حوالي سان لکڻ جا بہ ڪيترا اسلوب آهن. ڪي مضمون جي صورت ۾، تہ ڪي مقالي جي صورت ۾، تہ ڪي خاڪي جي صورت ۾، جنهن کي انگريزي ۾ Personality Sketche سڏيو وڃي ٿو. شخصي خاڪي لاءِ 20 صدي عيسويءَ ۾ پهريان اِهو معيار هيو تہ 750 لفظن کان 1500 لفظن تائين مشتمل هجي. پر هاڻي ڪا حدبندي ڪونهي. چو تہ سوانحي يا شخصي خاڪي جو مطلب آهي، ”ڪنهن ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو مختصر لفظن ۾ بيان ڪرڻ.“ ڪو ساگر کي ڪوزي ۾ ڪيئن بند ٿو ڪري، اُها ليکڪ جي پنهنجي مهارت آهي.

مون جيڪو ڪجهہ لکيو سو من مؤجي انداز ۾ لکيو آهي. ڪڏهن شخصيتن تي خاڪا لکي ”سوجهرو“، ”پرک“ ”عبرت اخبار“، ”عبرت ميگزين“ ۽ ”پيغام“ رسالن ۾ ڇپرايم تہ ڪڏهن ”لاڙڪاڻو هسٽاريڪل سوسائٽي“ جي ”وساريان نہ وسرن“ واري پروگرام ۾ مضمون لکي پڙهيم. ڪڏهن ”رائٽرس ڪلب لاڙڪاڻو“ تہ ڪڏهن ”قادري قلم قبيلي“ طرفان ”ميان محمد صالح قادري جي عرس“ جي موقعي تي منعقد ادبي ڪانفرنس ۾ شخصيتن تي مقالا پيش ڪيم. ڪجهہ ٻيا مضمون يا خاڪا بہ لکيم تہ سستيءَ سبب ڇپرائي نہ سگهيم، اهي ئي پيا رهيا. ڪي پورا، ڪي اڌورا. حال في

الحال صرف اُنهن شخصيتن تي لکيل خاڪا ۽ مضمون هن ڪتاب ۾ ڏنا آهن. جيڪي منهنجي لاءِ چڙ وديا ساگر جي سمان هيا ۽ آهن.

هن ڪتاب ۾ بيان ڪيل هڪ هڪ شخصيت تي پورو ڪتاب لکي سگهجي پيو. پر چا ڪجي، ڳالهہ اُهائي تي اچي، تہ ”اور ڀي غم هين، زماني مين محبت ڪي سوا“

اِها شابس آهي، سعيد سومري کي، جيڪو مون کي اهو چئي پيو اُتساهہ ڏياريندو آهي، تہ ”سائين هن سال ڪهڙو ڪتاب آڻيون؟“ ۽ مان بہ سندس چوڻ تي عمل ڪندو آهيان. اِن ڪري جو منهنجن ڪيترن ڪِتن ۾ پنن جا ڍير لڳا پيا آهن. جن کي منهنجي زال مراد خاتون سانديِ سانديِ هاڻي پوڙهي ٿي چڪي آهي. سوچيندو آهيان ان بهاني سان گهٽ ۾ گهٽ ان جو بار تہ هلڪو ٿيندو.

منظور ڪوهيار

0343-3629448
هائوس نمبر A 3056
فيز 2 گلشن حديد ڪراچي

جي ايم سيد: هڪ عظيم درسگاهه

سال 1979ع جو هيو. پوريءَ طرح ياد ناهي تہ مهينو جُون جو هيو يا جولاءِ جو. بشير شاهاڻي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن جي صدر جي حيثيت سان، اجان پڳل پسٽل رکڻ جي الزام ۾ جيل ياترا نہ ڪئي هئي.

مان ۽ بشير شاهاڻي ذاتي دوست ۽ ڳوٺائي هياسين. اِن ڪري لاڙڪاڻي کان سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو اچڻ وڃڻ گڏ ٿيندو هو. بشير شاهاڻي ايندي ويندي عمومن ”سن جي سائين“ جي ديدار درشن لاءِ لهي پوندو هيو. ۽ مون کي بہ صلاح هڻندو هيو. پر مان نٽائي ويندو هيس.

هن هڪ دفعي لاڙڪاڻي کان يونيورسٽي ايندي زوري سن لاهي وڌو ۽ چيائين : ”هر ڀيري حرامپائي ڪري نٽائين ٿو. اڄ نہ ڇڏيندو سانءِ!“

اسٽاپ تي لٿاسين تہ ڪو بگيءَ وارو بہ نظر ڪو نہ آيو. ڏنڊا ڏوٽا هياسين. سو ڪنهن بگيءَ جي انتظار ڪرڻ بجاءِ گوڏي گاڏي ڪئي سين. ائين پئي لڳو تہ سنڌ وارو سن ۽ انگريزيءَ وارو SUN پاڻ ۾ ٻڪجي ويا آهن. هلندي هلندي ٻنهي جو وات ال ڪانوُ وانگر پٽجي ويو هو. تيز روشنيءَ جي ڪري اکيون چنجهيون ٿي ويون هيون.

سن ڳوٺ جي گهٽين مان مڙندي، هڪ جڳهہ جي دروازي ۾ داخل ٿي ٿلهي تي چڙهياسين. پوءِ دالان ۾ اچي جوتا لاٿاسين. بشير شاهاڻي ٻليءَ پير هلندي سامهون واري ڪوٺيءَ جو دروازو احتياط سان کوليو ۽ اندر داخل ٿيو. دروازي بہ جڻ آرام ۾ خلل محسوس ڪندي احتجاجن چيڪٽ ڪيو. اندر دريءَ جي سامهون هڪ جُهنگ پوڙهو مڙس ڏير جي وڇايل تڏي تي رلهي مٿان گهري ننڊ ۾ ستل هيو مٿن کان 15 سالن جو هڪ ڇوڪرو ويٺو هٿي رهيو هيس ۽ پيرن کان اڌ وهي همراهہ زور ڏئي رهيو هيس. بشير شاهاڻي سڙٻاٽين ۾ ٻڌائيندي چيو:

”اهو ئي هيڏ ستل سائين جي ايم سيد اٿئي!“

مون هڪ نظر سائين تي وڌي، جيڪو محو خواب هيو. ضرور اِهو خواب سنڌ جي آجپي جو ئي هوندو اسان ٻنهي ڄڻن پنهنجا ٿيلها ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ رکيا.پوءِ سامهون رکيل ڪرسين تي ڦانءِ ٿي ڪري پياسين. جو گهٽي پگهر وهڻ ڪري جسم ساٽو ٿي چڪو هيو.

منهنجين اکين ڪمري جو جائزو وٺڻ شروع ڪيو. جيتري قدر ياد آهي تہ ڪمري جي ڏاکڻين پاسي ڀت تي اوني ٽوپ ۽ سويٽر سان، سائين جي ايم سيد جي قد آدم ناهوڪي تصوير لڳل هئي. اُن جي پير ۾ پر ٿورو مٿيرڪو ڪنهن مصور جي منظرڪشي واري تصوير نهيل هئي، جنهن ۾ نہ ڪٽندڙ

ساون ڪيتن جو سلسلو ڪيتن ۾ بيٺل متارا ڏٺا, وتر ستر هاري ۽ ڇيلھ ڇهبڪ ناريون ڏيکاريل هيون. ائين پئي لڳو ڄڻ مصور سائين جي ايم سيد جي اکين ۾ پيهي سنڌ جي روشن مستقبل جي تصوير ڪشي ڪئي هجي.

اولهائين پٽ تي ڳاڙهي سنڌي ٽوپ ۽ ريشمي اجرڪ سان سائين جو پورٽريٽ ٽهيل هو. جنهن ۾ جي ايم سيد جي لازوال مرڪ شامل هئي. جنهن ۾ مون کي مونالیزا جي مرڪ کان وڌيڪ گهرائي ۽ گيرائي نظر آئي. (بهرحال هرهڪ جي پنهنجي اک آهي.) اولهه - اتر واري پٽين جي ڪنڊ ۾ ڪارنر ٽيبل مٿان پلاسٽر آف پيرس جو سنڌس ٺئي سفيد رنگ جو بت رکيل هو. ڪمري ۾ به اولهه ۽ به اوير ڪان ڪتون پيل هيون. ڪمري جي اتر ۽ ڏکڻ پاسن کان چار چار ڪرسيون رکيل هيون, جن تي سفيد چادرن جا گاديلا پيا هيا.

بشير شاهاڻي جَهلي ڇڪڻ شروع ڪئي, جهليءَ جي جُهلڪن ڪجھ پگهر سڪايو ته اُتي مَٽ مان پاڻيءَ جا به ٽي گلاس پيري ڏوگهياسين. هڪ ننڍي ٽيبل تي ٽري Tray رکيل هيو. جنهن ۾ قسمين قسمين ميوا پيل هيا. خاص ڪري مشهدي صوف, چتري ڪيلا ۽ لاڙڪاڻي جا ڳاڙهه سرا ڇيها ۽ ٻاوا زيتون (زيتونن جا قسم) وغيره. دل ڪڍيو ته جيڪر هڪ اڌ شيءِ ڪٽي کائجي. پر سڄو ڪم زيتونن خراب ڪري وڌو جو منجهن سياري جي مند ۾ پڪل زيتونن واري لالاڻ هئي جڏهن ته لاڙڪاڻي جي گرمين واري زيتونن ۾ ڳاڙهاڻ ناهي هوندي.

بشير شاهاڻي منهنجي گهور کي سمجهي ويو ۽ ڏاڍي مهمانوازي واري انداز ۾ چيائين:

”پلي کاءُ, سائين جي ايم سيد مهمانن لاءِ گهرائي رکيا آهن. چتري ڪيلا ته زبردست ٿي.“

مون وراڻيو ”ڪيلا کائيندا اُهي, جن سچي عمر ڪيلن تي گذارو ڪيو هجي.“

”پوءِ پلا صوف ؟“ هن صوفن ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

”سنڌ يونيورسٽي جي صوفن, سان, مشهدي صوفن جي ڪهڙي پيٽ ... جن اُهي صوف چکيا هوندا ته اُنهن کي هي صوف ڪٿان وڻندا؟“

”وڏو لاهه آن ... سمجهين وئين!“ بشير مشڪندي وراڻيو. پوءِ بشير شاهاڻي ويهي ڪيترن دوستن جا قصا ٻڌايا, جن پل ۾ اچي اِنهن مٺي مان ٽهيل ميون کي چڪ هنيا هيا. خاص ڪري مرتضيٰ مهيسر جو قصو ٻڌائي ڏاڍو کلايائين. سائين جي ايم سيد ايڏي گهري ننڊ ۾ هيو جو ڄڻ ڪيس ڪنهن به شيءِ جي پرواهه نه هئي, نه گرمي جي, نه جهولي جي, جيڪو در جي وٽين مان زوڪاٽ ڪندي پئي آيو نه وري اسان جي سڙٻاٽن ۽ ڪک ڪک جي.

سائين جي ايم سيد اندازن ڏيڍ ڪلاڪ ڪانپوءِ اکيون پٽي رڙ ڪئي:

”چوڪرا پاڻي!؟“

چوڪرو اُٿيو ۽ مٽ مان پاڻي پري آيو. سائين اُٿي پاڻي پيتو ۽ پوءِ اسان ڏانهن ڏٺائين. اسان اٿي سائين سان ملياسين. سائين آهستگيءَ سان خوش وخير عافيت ڪئي. اُن کان پوءِ اسان ٻنهي کي گهوريندو ۽ مشڪندو رهيو ۽ آخر ۾ بشير شاهاڻي سان مخاطب ٿيندي چيائين:

”آءٌ سمجهان ٿو تہ هاڻ منهنجو حافظو ختم ٿيندو ٿو وڃي. چوڪرا! مون توکي چاليهہ دفعا ڏنو آهي. پر ڪوشش جي باوجود بہ نالو ياد ڪري نہ سگهيس.“

”سائين، مان بشير شاهاڻي،“ بشير باادب ٿي چيو.

”ها،ها، هاڻ ياد اچي ويو... ۽ هن جو؟“ مون ڏانهن اشارو ڪندي چيائين

”منظور حسين...! سائين منهنجو ذاتي دوست ۽ ڳوٺائي آهي.“

”اڇا، لاڙڪاڻي جو آهي... هاڻي اوهان ڇا پڙهندا آهيو؟“

”مان جاگرافيءَ جو فائنل سيمسٽر ڏنو آهي ۽ هن سوشيالاجي جو.“ بشير جواب ڏنو

پوءِ ٻنهي کان جاگرافي ۽ سوشيالاجي جا سبجيڪٽ پڇيائين. اسان واري وٺي ٻڌاياسين ۽ پوءِ بشير ڏانهن منهن ڪري چيائين:

”ها تون جاگرافي پڙهندو آهين نہ ... ٻڌ، مون هڪ ڪتاب لکيو آهي. جنهن ۾ سنڌ جي جاگرافي تي بحث ٿيل آهي. جنهن ۾ انگن اکرن سان آبادي، مٺي پاڻي، جابلو علائقن، ڍنڍن ڍورن جي باري ۾ ڄاڻ ڏني آهي. هر سال ڪيٽري مٽي سمونڊ ۾ پئي ٿي ۽ ڊيلٽا ٺهي ٿي.اُن جا انگ اکر شامل آهن...توکي ڊيلٽا جي خبر آهي؟“

”نہ سائين،“ بشير لڄي ٿي وراڻيو.

”ڊيلٽا چئبو آهي، اُن زمين کي، جنهن جو ڪجهہ حصو پاڻي ۾ هجي ۽ ڪجهہ ٻاهر... ڀلا هڪ ايڪڙ ۾ چورس فوٽ گهڻا؟“

”6666 فوٽ “ بشير شاهاڻي ڏکو هڻيو. اِهو سوچي تہ ڦٻي ويندو.

اِهو جواب ٻڌي، سائين ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو:

”خدا جو غضب پويو... سمجهائي سمجهائي بينو آهيانؤ تہ پڙهو... پڙهو پر پڙهو ئي نٿا.“

مون هڪدم وراڻيو: ”سائين 43560“

”شاباس، توکان عهدو ڪسي هن کي ٿا ڏيون.“ سائين بشير تي ڪاوڙجندي چيو.

”پر سائين هي تہ ميمبر ئي ناهي.“

”باقي ڪنهن کي ٿا ميمبر ڪيو. لوفرن ۽ اڻ پڙهيلن کي .... خدا جو غضب پويو!“

”سائين هن کي تہ چوان ٿو تہ ميمبر ٿيءُ، پر ٿي ئي نہ ٿو.“

بشير کي اجا وڌيڪ چند پڙڻ جو ارادو هيس تہ هڪ نوجوان اندر آيو. سائين سان مليو جنهن ڏانهن سائين جو ڌيان ٿي ويو. لڳي پيو تہ خاص ڪارڪن ۽ گهڻ گهريو هو. سائين اُن کي پٽي پڏايو تہ نازسنائيءَ جو خط آيو آهي، جنهن ۾ لکيو اٿائين:

سائين دعا ڪجو...آءٌ توهان جي رستي تي قائم رهان ۽ اِنهيءَ امتحان ۾ پار پوان. جيڪو سر تي اچي پيو آهي. اوهان کي منهنجي جرئتمندي جي پوري جاڻ آهي. مهرباني ڪري هيٺين سوالن جا جواب ڏيندا تہ مهرباني ٿيندي

1.اوهان جناح ڪيپ ڇو پائيندا آهيو؟

2.رسول بخش پليجو چوي ٿو تہ ماڻهوءَ جي شخصي ڪردار کي ڇڏي، سندس قومي ڪردار کي پرکڻ گهرجي.

3.پڏئون ٿا تہ اوهان پٽي جي موت تي رُنا هيئہ؟

سائين جواب ڏيڻ لڳو:

’پهريان تہ آءٌ اِن ڪيپ کي جناح ڪيپ مڃڻ لاءِ تيار ناهيان. ڇو تہ اها ڪيپ اسان وٽ ايران ۽ افغانستان کان پهتي آهي. جيڪا بنيادي طور تي قراقلي ڪيپ يا ٽوپي سڏبي آهي. جيڪا فارس جي ڪاري رڍ جي ليلي جي کل مان ناهي ويندي آهي. پيو جنهن جو شخصي ڪردار نہ هوندو، اُن جو قومي ڪردار نہ هوندو. ان جو وڏو مثال حضرت محمد ﷺ آهي. جنهن جو عربن وٽ پهريان شخصي ڪردار اڀريو ۽ پوءِ قومي ڪردار. يعني رسول عربي. ٽيون پٽو ڪهڙو بہ هيو پر هيو تہ سنڌي ڳالهائيندڙ نہ ... شڪايتون بہ پنهنجن سان ڪبيون آهن ۽ روئبو بہ پنهنجن لاءِ آهي.

مون هڪڙو ڪتاب لکيو آهي. جنهن ۾ هڪ خواب جو ذڪر آهي تہ خدا وٽ سنڌ فريادي آهي. ۽ جوابدار ذوالفقار علي ڀٽو آهي. سنڌ جي طرف کان وڪيل آءٌ آهيان ۽ ڀٽائي ذوالفقار علي ڀٽي جو وڪيلِ صفائي بڻيو آهي.“

انهيءَ دؤران هڪڙو پيو همراه بہ اِن گفتگوءَ جي دؤران اچي چڪو هيو. جيڪو سائين جي گفتگو ڌيان سان ٻڌي رهيو هيو. تنهن ڪنڌ ڌوڻيندي چيو: ”هڪڙي طرف وڪيل شاه عبداللطيف ڀٽائي ۽ ٻيءَ طرف سيد غلام مرتضيٰ، وڏي ڳالهہ آ، وڏي ڳالهہ آ، سائين اِهو ڪتاب جلد از جلد اچڻ گهرجي.“

سائين جي ايم سيد ٻڌائڻ لڳو:

”ڪتاب تہ پورو ٿي ويو آهي. پر منهنجو خيال آهي تہ ان ڪتاب کي مختصر ڪري ٻارنهن سوالن ۾ ورهائجي پوءِ اُنهن سوالن جا جواب ڏجن. اِهي سوال ۽ جواب رڪارڊ ڪيا وڃن تنهن کان پوءِ ڪئسٽ جي ذريعي تشهير ڪئي وڃي تہ جيئن سنڌ جا ماڻهو سجاڳ ٿين. ائين جيئن آيت الله خميني ايران ۾ ماڻهن سان رابطو رکيو هو.“

اِنهيءَ گفتگو دؤران شربت آيو جيڪو سيني واري وٽيءَ سان پيتو.

مون هڪ ڳالهہ نوٽ پئي ڪئي تہ اُهو همراه وڏو غلم جو توبچي هيو هيڏانهن هوڏانهن جا اجايا سجايا گفتا پئي ڪيائين. مثلن اِهو پئي چيائين تہ بيگم پٽو اچڪلهہ جنرل ٽڪا خان جي ڪڍ لڳي آهي. جنهن تي سائين جي ايم سيد جو رد عمل ڏاڍو سخت ٿي پئي ويو. غصي ۾ پئي چيائين:

”خدا جو غضب پوين... اجا اِنهن جي ڪڍ.“ مون کي اِهو احساس شدت سان پئي ٿيو تہ اهي غلم جا توبچي ۽ خوشامندي ماڻهو ڪيڏا نہ خطرناڪ آهن. جيڪي هرويرو ماڻهن جي وچ ۾ وٿيون ۽ گمان پيدا ڪندا آهن. اُن وقت حضرت سليمان جي چوڻي ياد آئي، تہ ”چغل خور ۽ خوشامندي ماڻهن جون ڳالهيون لذيذ لقمن جهڙيون هونديون آهن ۽ اهي پيٽ جي تمام اندرين پاڙن ۾ لهيو وڃن ٿيون.“

3 وڳي ڏارا ماني آئي. ورانڊي ۾ گلم تي ٿي ويناسين. پاڄيءَ ۾ پلو گوشت ۽ واڱڻ جو ٻوڙهو. بصر، انب جي ڪتاڻ ڏوڏيون ۽ سنڌڙي انب بہ رڪابين ۽ ٿالهين ۾ سجايل هيا. ڪٽڪ جي ماني ۽ چانور بہ دسترخوان ۾ شامل هئا. جيڪا ڳالهہ نوٽ ڪرڻ جي هئي، سا اِها هئي تہ سائين کي وچٿو هٽندڙ چوڪرو ۽ زور ڏيندڙ اڏ وهي همراه بہ اسان سان گڏ ماني پئي کاڌي. ڳالهين مان معلوم ٿيو تہ اُهو اڏ وهي همراه سائين جو مريد ۽ هاري هيو ۽ چوڪرو هاريءَ جو پٽ هيو. اِهو منظر زندگي ۾ مون پهريون دفعو ڏٺو هو تہ مريد ۽ مرشد، هاري ۽ وڏيري گڏ ويهي ماني پئي کاڌي. نتيجي ۾ سائين جي ايم سيد لاءِ اِهو تاثر جڙيو تہ سائين روايتي پيرن مرشدن يا وڏيرن منجهان نہ هيو منجهنس نہ ڇوت ڇات هئي ۽ نہ وري ڪا احساس برتري ۽ گهمنڊ.

کائڻ جي دؤران مون اِهو بہ ڏٺو تہ سائين پلي کي هٿ نہ پئي لاتو. البت گوشت ۽ انب واپرايائين پئي. بشير ۽ مان نہ ڇڏيو سين پلي کي، نہ گوشت کي ۽ نہ وري واڱڻ کي.انبن ۽ ڏوڏين سان بہ ڏاڍي ڪئي سين. ماني کائڻ کان پوءِ سائين چيو: ”بابا هاڻي ڪجهہ آرام ڪيو.“

سائين، اُتي وراندي ۾ ڏير جي مخصوص تڏي تي، وهاڻي تي مٿو رکي آهلجي پيو. ۽ اسان ٻئي وري ٻئي ڪمري ۾ وڃي ستاسين. ڏاڍي ڪوشش جي باوجود بہ ننڊ نہ آئي. نيٺ 5 وڳي ڌارا ٻاهر نڪتاسين تہ سائين جاڳي رهيو هيو. ڪو همراه ڪائنس اسلام جي باري ۾ پڇي رهيو هيو. سائين ٻڌائي رهيو هيو:

”ملان جي اسلام ۽ اسان جي اسلام ۾ فرق آهي. ملي وٽ رب رڳو مسلمانن جو ۽ ڏاڍو قهار آهي. اسان وٽ رب سڄي عالم جو ۽ راحمين آهي. ملو چوي ٿو تہ هڪڙو جهان هت آهي ۽ ٻيو جهان قيامت کان پوءِ آهي. پر آءٌ چوان ٿو تہ هڪڙو جهان هيءُ آهي، جيڪو هلي ٿو ۽ ٻيو جهان ايندڙ مستقبل آهي، بهشت ۽ دوزخ قومن کي هتي ئي ملندو. جيڪا قوم سست ۽ جاهل رهندي اُها عذاب ۾ هوندي. جيڪا چست ۽ چاڻ واري هوندي، اُها سڪون سان زندگي گذاريندي.“

”سائين هندو تہ الله کي نہ ٿا مڃن، اُهي بتن جي يا غير الله جي پوڄا ڪن ٿا؟“ اُن همراه جو ٻيو سوال هيو.

”هندن جي پراڻن مذهبي ڪتابن ۾ بہ وحدت الوجود جو نظريو ڏنل آهي. اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ڪونهي تہ وحدت الوجود جو نظريو رڳو مسلمانن وٽ آهي. هر مذهب وارا الله کي مڃن ٿا. اُن هستيءَ جا صرف نالا الڳ الڳ آهن. ڪو ايشور چوي، ڪو ڳاڊ چوي، ڪو خدا سڏيس ٿو. هرڪو سڏيءَ طرح يا اڻ سڏيءَ طرح مڃي ٿو. پر الله کي اُهو سمجهي، جيڪو پهريان زمين وارن کي تہ سمجهي نہ؟

ٻڌ کان ڪنهن پڇيو ”خدا ڇا آهي؟“ تہ اُن جواب ۾ چيو تہ هڪڙو ستارن جو علم رکندڙ شخص اُپ کي ڏسندي کوهہ ۾ وڃي ڪريو. ماڻهن جڏهن پڇيس تہ کوهہ ۾ ڪيئن ڪرين تہ چيائين زمين ماپڻ کان اڳ هليو هيس اُپ ڪڇڻ. اِها ڳالهہ قاضي قادن بہ پنهنجي شعر ۾ چئي آهي.

ڪنز قدوري قافيہ، پڙهي پروڙين سپ

تہ ڪر منڊي ماڪوڙي، کوهہ ۾ پئي ڪڇي اُپ

جيڪو ماڻهو دنيا جي سڀني مذهبن کي نہ ٿو پڙهي، اُهو الله، خدا ,ڳاڊ ۽ ايشور کي نہ ٿو سمجهي سگهي.“

سائين ائين چئي خاموش ٿي ويو. تہ سڄو ماحول سانت ٿي ويو. ٿوري دير کان پوءِ سائين ڪرسيون ٻاهر اڳڻ تي ڪڍايون. ٻاهر ٿي ويناسي تہ ڪجھہ ماڻهو ٻيا بہ آيا. سڀني لاءِ چانهہ آئي. سائين نون آيلن کان حال احوال وٺڻ شروع ڪيا. اُنهن مان هڪڙي همراه سائين سان نوبيڪلائي ۾ ڳالهائڻ لاءِ چيو. ٻيو ڪو اسان کي تخليہ لاءِ چئي، ان کان اڳ بشير شاهاڻي مون کي اٿڻ جو اشارو ڪيو. اسان ٻاهر نڪري وياسي. سن جي گهٽين مان گهمي ڦري موٽياسي تہ سائين، بشير کان پڇيو:

”بابا! جميعت طلبہ جي ڪنهن شاگرد کان، سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي ڪن ڇوڪرن ڦر ڪئي آهي ڇا؟“

”خبر ڪونھي،“ بشير وراڻيو.

”اِھا جلدي خبر وٺ ۽ پوءِ جلدي تدارڪ ڪري, اِنھن کي فيڊريشن مان ڪڍي ڇڏيو. خدا جو ڪو غضب ڪِرين. مون کي علڻ خان ٽيٻي بہ لسٽ ڏني آھي. اُھا لسٽ ڏسي, تحقيق ڪري اُنھن کي بہ ٻي ميٽنگ ۾ ڪڍي ڇڏيو.“

بشير شاھاڻي اُن ھمراھ کان نالو پڇيو جنھن دانھيو ھيو تہ ٻڌايائين:

”محمد خان پناڻ!“

”چڱو مان ھاڻي حويلي ڏانھن وڃان ٿو وري رات جو ملندا سي.“

سائين سيِن کان موڪلائي ھليو ويو.

اسان ٻئي ڇڙا ٻاھر نڪتاسين تہ جيئن ڪا ھوا جھتيون. ٻاھر بہ ھوا گرم پئي لڳي. پر منھنجي من ۾ ٽڏڪار ھئي, ھڪ اھڙي عظيم ھستي سان ملندي دل ٺري پئي ھئي, جنھن جي لاءِ تمام گھڻو ڪجھ ھُلايل ھيو. تہ سيد سنڌ جي شاگردن کي ڪاري خراب ڪيو آھي. پر حقيقت اھا ھئي تہ ھو اُنھن کي سڌارڻ لاءِ ڪوشان ھيو تہ سنڌ جو مستقبل سپورنج ۽ ساڃاھوند جوانن جي ھٿن ۾ اچي. پر ڪجھ شاگردن سندس رقيق القلبي مان ناجائز فائدو ورتو ھو يا وري سائين جي مسلسل نظر بندي جي ڪري متائن نظرداري نہ پئي ٿي سگھي.

رات جو جڏھن سيد سان ملاقات ٿي تہ اُن وقت گلم تي وِيٺي ھٿ بتيءَ جي روشنيءَ ۾ تاريخ طبري پئي پڙھيائين. اسان کي ڏسي چيائين, ”ڪيڏانھن ويا ھيئہ؟“

بشير وراڻيو, ”چڪر تي!“

”مان اوھان جو انتظار پئي ڪيو جو منھنجي ماني کائڻ جو وقت ٿي ويو آھي. چوڪرا ماني آڻ.“

سائين اتي بيٺل ھڪ چوڪري کي چيو. ٿوريءَ دير کان پوءِ چوڪرو کير, چانور, دال ۽ انب ڪٽي آيو. ماني کائڻ وقت اُھي ٻئي ھمراھ ھڻ ڪڻ بہ موجود ھيا. جن اجايا سجايا سماچار پئي سڻايا. سائين ڪن کي اڻ ٻڌو ۽ ڪن کي ٻڌو پئي ڪيو. جن کي ٻڌو پئي ڪيو اُن تي ڪاوڙ وچان پئي چيائين:

”خدا جو ڪو غضب پوين“

ماني کائڻ کان پوءِ, بشير شاھاڻي ۽ مون ڏانھن منھن ڪري چيائين:

”ٻيو ڪو علمي حوالي سان سوال يا مونجھارو ھجي تہ پڇو؟“

مون کي چڻ وارو ملي ويو:

”سائين, ڇا شاہ عبداللطيف ڀٽائي شري ڪرشن کان متاثر ھيو؟“

”ڪيئن نہ متاثر هوندو. هيڏو سارو گيتا جو گيان شري ڪرشن ڏنو آهي. هندو ڌرم ۾ گيتا جي وڏي اهميت آهي.“

مون چيو ”سائين شري ڪرشن تہ چل ڪپٽ جو ماهر هيو مها ڀارت ۾ جڏهن ڏريوڌن زخمي حالت ۾ هيو تہ هن ڪرشن کي چيو تہ ’اڙي ڪنس داس جا پٽ! چا تو ۾ ذرو بہ شرم ڪونهي. تنهنجي چوڻ تي مون ڀيمر کي اڌرم ۾ انيتي سان ماريو. هن سنگرام کي ڌرم يد چاٽي گهٽا ئي راجا هن ۾ شريڪ ٿيا. پر اُهي اڌرم ۽ دغابازي سان ماريا ويا آهن .... چا توهان ڪان وڏيڪ مها پاپي، نٺر ۽ نرلجو بہ ڪو ٿي سگهي ٿو؟‘

ڪرشن چيو ’مترو! هن دشمن جي وقلڻ تي ڪو ڌيان نہ ڏيو. دروڻ ۽ ڪرڻ ڏاڍا پراڪرمي وير هئا. سڏي سنواتي نموني جيتڻ ناممڪن هو. اُن لاءِ ڪا نہ ڪا رمز رکي کين ماريو ويو. پنهنجي بچاءَ لاءِ ڌرم، نيتي جي رکيا لاءِ چل ڪپٽ ڪرڻ ۾ ڪو وهم ڪونهي.‘ ۽ ٻيو تہ هن سنڌ جي راجا جئدرٿ کي بہ چوڏهين ڏينهن تي چل ڪپٽ سان ماريو هو.“

”تون اهو ڪتاب پڙهيو؟“ سائين سوال ڪيو.

مون وراڻيو: ”شري مها ڀارت، لوڪ رام ڀيسو مل ڏوڏيجا جو ڪتاب.“

”اچا، گهڻو ڪري تہ اهو 1967ع جو ڇپيل آهي!؟“ سائين سوچيندي چيو.

”جي سائين!“

”تو نالو چا ٻڌايو پنهنجو؟“

”منظور حسين“، مون جواب ڏنو.

سائين سمجهائيندي چيو” منظور...! توهان هن زماني جي اخلاقيات کي اُن زماني جي اخلاقيات سان ڇو ٿا ڀيٽيو؟ جي اوهان ڀيٽيندءُ تہ پوءِ دنيا جي مڙني شخصيتن جا اخلاقي قدر اجوڪي اخلاقي قدرن سان نہ ٺهڪندا. ان ڪري ڪنهن بہ شخصيت کي اُن زماني جي اخلاقي قدرن جي تحت ڏسو.... تو گيتا پڙهي آهي؟“

”پڙهي آهي!“

”ڪيئن لڳي؟“

”روحانيت جا سڀ مارگ بيان ٿيل اٿس، جن ۾ گيان، ڌيان، يوگ ڪرم ۽ ڀڳتي بابت زور ڏنل آهي.“

”ان جو مطلب تہ تو گيتا بہ پڙهي آهي. لطيف بہ سر رامڪلي ۾ جڏهن پورب جو ذڪر ڪري ٿو تہ شري ڪرشن جي ڏنل گيتا واري فلاسافيءَ طرف اشارو ڪري ٿو.

پوڄا ڪرم پاڻ ڪي، پل پوڄا ڪان پاڻ
لاهوتي لطيف چئي، سڏ نہ ڪڍن ساڻ
تعلق ڇڏڻ تڪيا، ايءَ آديسين اهڃاڻ
جاڙي ڇڏي جاڻ، پريا پورب پنڌ ڏي“

اِهو پورب پنڌ دوراڪا جي طرف هوندو هيو.

يا ٻيو بہ شعر بہ اُنهن ناٿن فقيرن جي حوالي سان آهي. جيڪي شري ڪرشن جي شهر دوراڪا
کي پنهنجو مرڪزي منزل سمجهندا هيا.

ڪيچي ڪاچوتي، ناگن ٻڌي نيهن جي
سُک نہ ستا ڪڌهن، لاهي لانگوتي
جهڙا آئيا جڳ ۾، تهڙا ويا موتي
تنين جي چوتي، پورب ٿيندي پڌري.

چوڪرا، تو منهنجو ڪتاب ’پيغام لطيف‘ پڙهيو آهي؟“

”جي سائين!“ مون وراڻيو.

”ڇا سمجهيو تي؟“

”توهان لطيف کي هڪ نئين رخ يعني قومي شاعر جي حوالي سان پيش ڪيو آهي.“

”پوءِ ان ۾ ڪامياب ويو آهيان يا نہ؟“

”بالڪل اوهان شاہ جي بيتن جي حوالي سان ثابت ڪيو آهي تہ شاھ قومي شاعر آهي.“

”خدا جو شڪر آهي... ٻيو ڪو سوال؟“

مون وري ٻيو سوال ڪيو.

”سائين شاہ عبداللطيف جو آئيڊيل يا مرشد ڪير هيو؟“

سائين جي ايم سيد ٻڌايو:

”حضرت علي...! شاہ صاحب اهل تشيع صوفي هيو. پر اِهو ذهن ۾ رکو تہ اجوڪن شيعن جهڙو نہ هيو. صوفي لاڪوفي هيو. سر رامڪليءَ ۾ جنهن انداز ۾ تعريف ۽ توصيف ڪري ٿو. جن ۾ ويراڳي، ناٿگا، جوڳي، ٻيڪاري، آديسي، ڪاپڙي، سامي وغيره اچي وڃن ٿا. پر جڏهن حضرت عليءَ جي ڳالھ ڪري ٿو تہ اُن کي پنهنجو رهبر سمجهي ٿو:

”نانگا نانيءَ هليا، هنگلا جان هلي
ديکي تن دوارڪا، مهيسن ملهي
آڳهه جن علي، آءَ نه جئندي ان ري“

يا

”گذر گئي گذران ڪين قبولج ڪاپڙي
عليءَ جو ميدان سڱر سنياسين ڪي.“

يا وري

”عليءَ جي ميدان ۾ وينا ڏوڻ ڏُٽي
ترڪ ڪيائون تڪيا، پريون پنڌ سٽي
ڪندي ڪوه ڏٽي، ڏيئي طعنا تن ڪي.“

پيو ته شاهه عبداللطيف محرم ۾ ڪارا ڪپڙا پهريندو هيو ۽ سر ڪيڏارو ڪربلا جي واقعي جي حوالي سان جڻ سنڌيءَ ۾ لکيل عظيم نوحو آهي. هاڻي توهان پلي وجي آرام ڪيو!“

اسان اٿياسين ته سائين وري چيو:

”منظور توسان ملي خوشي ٿي. بشير هن کي ميمبر ضرور ڪجانءِ!“

”ها سائين ها“، بشير زور سان وراڻيو ۽ پوءِ آهستگي سان چيائين، ”مان ته ڏاڍو زور ٿو پريانس، پر حرامي ٿي ئي نه ٿو. پر هاڻي ميمبر ضرور ڪندومانس.“

بشير ۽ مان اُتان نڪري اوطاق جي اڱڻ تي جڏهن ڪتن تي آهلياسي ته مون وٽ ”سن جي سائين“ لاءِ مجموعي طور تي اهو تاثر جڙيو ته لاشڪ سائين جي ايم سيد هڪ عظيم علمي درسگاهه آهي. جنهن جي قدر ۽ قيمت جو اسان کي اڃا احساس ڪونهي. تڏهن ته ڪيترائي هن عظيم درسگاهه جي حاضري ڀريندي به ڪجهه ناهن سکيا. بقول پٽ ڏٽيءَ جي:

محروم ئي مري ويا، ماهر ٿي نه مئا
چڙيءَ جي چنهج جيان، لڏيائون لئا
حباب ئي هئا، انهيءَ وادي وچ ۾.

***

جي ايم مهڪري: مها پُـرش

واقعي ڪن شخصيتن جي تاثر کي بيان ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. جڏهن لکڻ ويهان ٿو ته يادن جي يلغار منجهايو وجهي ته ڪٿان شروع ڪيان، ڪٿي ختم ڪيان...؟ ڪهڙي ڳالهه ڪيان، ڪهڙي ڳالهه رهايان!؟

پوءِ به حال سارو ڪجهه نه ڪجهه بيان ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو ته من سندس يادن جي مهڪ، جيڪا اڄ به گلاب ۽ موتئي جي خوشبوءِ جيان ذهن ۾ تازي آهي، سا ڪنهن علم جي پانڌيئڙي سان ونڊي ورهائي سگهجي.

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڊاڪٽر جي ايم مهڪري،1977ع، 1978ع ۽ 1979ع ۾، وزيٽنگ پروفيسر جي حيثيت سان ليڪچر ڏيندو هو. هفتي ۾ چنچر ڏهاڙي سوشيالاجي ۽ سومر ڏيهاڙي سائڪالاجي ڊپارٽمينٽ وارن شاگردن کي پڙهائيندو هو. هر دفعي نئين ڳالهه، نئون نقطو نئون موضوع ڇيڙيندو هو. سندس پڙهائڻ جو نمونو ئي نرالو ۽ انداز ئي جدا ڳانه هو. مان جڏهن به تصور جي اک سان ڏسان ٿو ته اوڻهتر سترسالن جو عمر رسيده، دراز قد ۽ پورن وارن واري شخص جي شبيهه اکين اڳيان ڦري ٿي. هڪ يگانو شخص، جيڪو هٿرادو مشين Pace maker سان دل ڪنيون، آرٽس فيڪلٽي جي ٻه ماڙ بلڊنگ جي ڏاڪڻين تي چڙهندو چڙهندو سوشيالاجي ڊپارٽمينٽ جي ڪلاس روم ۾ داخل ٿيندي چوي ٿو:

”اشوڪ، اشوڪ اعظم نه ٿي سگهي ها، جيڪڏهن کيس سٺا صلاحڪار نه هجن ها، اڪبر اڪبر اعظم نه ٿي سگهي ها، جيڪڏهن کيس سٺا مشير ۽ نورتن نه هجن ها. اهي مشير ئي هوندا آهن جن حڪمرانن جو ٻيڙو ٻوڙيو ۽ اهي ئي صلاحڪار هوندا آهن، جن ٻيڙو تاريو. اڪبر پڙهيل نه هو. پر سندس دربار ۾ راجا توڏرمل جهڙو جينيس وينو هو جنهن روينيو ايڪٽ لکيو ۽ هندستان جي آباد سر زمين جي سروي ڪرائي. ابو الفضل ۽ ملان فيضي جهڙا اعليٰ دماغ، جن آئين اڪبري ٺاهيو. بيربل جهڙو ذهين ۽ داناءُ، جنهن کان هڪ ڏينهن اڪبر بادشاهه هڪ عجيب سوال ڪيو ته انسان کي وڌ ۾ وڌ ڪهڙي شيءِ پياري آهي؟

بيربل جواب ڏنو ”انسان کي پنهنجي جان...“

”پوءِ عورت، پنهنجا ٻار بچائيندي، موت جي پرواهه ڇو نه ڪندي آهي؟“ اڪبر سوال ڪيو.

”مها بلي ! اهو عام حالتن ۾ نہ. پر اهو مخصوص حالتن ۾ ٿيندو آهي. ان جو اوهان کي تجربي سان جواب ڏيڻ گهران ٿو.“

پوءِ بيربل هڪ ڀار واري عورت کي گهرائڻ جو حڪم ڏنو. عورت کي ڀار سوڌو گهرائي حوض ۾ ويهاريو ويو. پاڻي چڙهيو ويو. جڏهن پاڻي سندس چيلهہ تي آيو تہ هن ٻار کي ڪلهي تي کنيو. پاڻي وڌيو تہ هٿن ۾ جهلي بيٺس. اڃا وڌيو تہ ٻار کي پوڙي مٿان چڙهي بيٺس ...

دنيا ۾ هر ساهواري کي پنهنجي جان پياري هوندي آهي، هر جاندار ۾ زنده رهڻ جي خواهش هوندي آهي. ايستائين جو پروٽو پلازم ۾ بہ ... چو...؟ اها مون کي خبر ڪونهي پر ايتري خبر آهي تہ وجود جي بقا لاءِ هر جاندار جدوجهد ڪري ٿو. پوءِ اهو ٻچي ٿو جيڪو بئي کان طاقتور آهي يا وري حالتن مطابق زنده رهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. جيئن شينهن ويڙهہ ڪري زنده رهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. گدڙ ڏر ۾ لڪي زنده رهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اها ڳالهہ انساني گروهن تي بہ صادر اچي ٿي. انهيءَ سلسلي ۾ منهنجي اڄ جي ليڪچر جو موضوع آهي

”بقا جي جدوجهد“(Struggle for existence)“

ان کان پوءِ جڻ علم جو درياهہ پرتجي پيو هو. سوشيالاجي کان وٺي سائڪالاجي جي علم تي ٻڌل مفروضہ ۽ نظريہ ٻڌائيندو ويو.

يونيورسٽي ۾، اڪثر استاد جيڪي شاگردن جون تارون رڪ سان ڪٽائي ڇڏيندا ها. التين جهڙا نوٽس پيا لکرائيندا ها. اتي سائين مهڪري، علم جو امرت پيو اوتيندو هو. ڳالهائيندو هو تہ ڄڻ ساڃاهہ جو ساگر ٿو ڇلڪي. سندس ليڪچر جي دوران ڪا جهل پل نہ هوندي هئي، ڪير ڪهڙي بہ ڊپارٽمينٽ جو هجي، ڪهڙي بہ مڪتبِ فڪر جو هجي، اچي ڪيس ٻڌندو هو. ڪڏهن تہ ڪي علم جي واڌاري جي لاءِ ۽ ڪي وري ڪج بحثي لاءِ اچي ويهندا ها. پر ان جي ڪيس ڪا پرواهہ نہ هوندي هئي. انهيءَ حوالي سان هڪ ليڪچر ياد ٿو اچي. گهٽو ڪري 1977ع جو زمانو هو. سائين مهڪري صاحب ’مذهب هڪ سماجي ادارو‘ (Religion as a social Institution) جي موضوع تي پئي ڳالهايو. هڪ باريش اردو ڳالهائيندڙ نوجوان بہ وينو هو. سو سائين سان ڏنگريءَ وانگر وچڙي پيو.

”يلا سائنس اهو چونہ ٿي ٻڌائي تہ ڪل ڪيترا آسمان آهن...!؟ صدرت المنتهيٰ ڪٿي آهي....؟“

سائين مهڪري وراڻيو ”سائنس جو اهو ڪم ناهي تہ غيب جي علم جي ڄاڻ ڏئي ... نہ وري سائنس جو ڪم آهي ڏُڪا هڻڻ ... سائنس هڪ باترتيب ڄاڻ آهي. جنهن جو بنياد مليل حقيقتن تي آهي. ارسطو کان وٺي نيوٽن، پلس (واڌو) آهي. نيوٽن کان آئن اسٽائن تائين پلس (واڌو) آهي. اهو مثال ائين

آهي تہ سامهون هڪ ٽڪري اچي ٿي، ان کي پار ڪجي ٿو تہ ٻي ٽڪري بيٺي آهي. انسان تہ اڃا ڪُوئي مثل آهي، جيڪو جاڙ جي هڪ وڏي پهاڙ کي کوٽڻ جي مسلسل ڪوشش ڪري رهيو آهي. "

"توهان اهو چونہ ٿا ٻڌايو تہ دنيا جو سڀ کان پهريون مذهب ڪهڙو آهي...؟" ان نوجوان وري سوال ڪيو.

" هڪ سماجي ماهر لاءِ ، ڪو بہ سنو يا برو ناهي هوندو. ان کي صرف اهو ڏسڻو آهي تہ ڪنهن مخصوص انساني سماج ۾ مذهب ڪهڙو ڪردار ادا ڪري ٿو. سوچ ۾ سمجهہ جون راهون رد ڪري ٿو يا وڌائي ٿو.. فلاح ۾ اصلاح پيو ڪري يا ماڻهن کي بگاڙ ۾ انتشار طرف وٺي وڃي ٿو.. مسلمان لاءِ اسلام، ڪرسچن لاءِ عيسائيت، هندو لاءِ هندو مذهب سٺو آهي...."

ان باريش انتهاپسند ٻي ڏينهن تي، هڪ مخصوص اردو اخبار ذريعي جي ايم مهڪري لاءِ باهہ ٻاري ڇڏي تہ مهڪري سنڌ يونيورسٽي ۾ دهريت ڦهلائي رهيو آهي .

اسان کي حيرت اها ٿي تہ ٻي هفتي جڏهن آيو تہ رد عمل ۾ ڪلنڊي پنهنجي مخصوص بنگلوري لهجي ۾ چوڻ لڳو "يئي!..مئين (مين) ڪيون ڊرون ...؟مئين ڪهتا هون ڪي، زور شور سي هماري خلاف لکين ... ضرور لکين ... صرف همين ڀي اپني موقف ڪي اجازت دين تا ڪي هم ڀهي دو پلس دو برابر چار ڪهہ سڪين!"

سنڌس ڏنل ليڪچرن مان، اڄ بہ ڪيترن جا عنوان حافظي ۾ موجود آهن. مثلن:

پراڻو سماج	Primitive Society
برصغير جا ڳوٺ	villages of Sub continet
عام راءِ	public opinion
جنس	Sex
بقا جي جدوجهد	Struggle for existence
مذهب هڪ سماجي ادارو	Relegion as a social Institution
ڪوڙي تاريخ	Lie Histroy
پروپئگنڊا	Propegenda
تعليم	Education
ڏاج	Dowery

وغيره.

تحقيق تہ جي ايم مهڪري پنهنجي حوالي سان هڪ وديا ساگر هو. افسوس جو پنهنجي دؤر جي سقراط کي، ڪو افلاطون جهڙو شاگرد ميسر ٿي نہ سگهيو. جيڪو سندس علمي درس ۽ بحث کي منظر عام تي آڻي محفوظ ڪري ها.

پر هڪڙو ليڪچر Public opinion کي پنهنجي نوٽ بوڪ تي ورتل نوٽس ۽ ڊائريءَ جي ورقن جي آڌار تي تيار ڪري، اُهو اوهان آڏو پيش ڪيان ٿو. اُن ۾ جيڪڏهن ڪا گهاٽي واڌي محسوس ٿيئي تہ اها منهنجي ڪاتي ۾ شامل ڪئي وڃي.

26 آگسٽ جو ڏينهن، سال 1977ع جو هيو. گرمي ڪجهہ سبيل هئي، انهيءَ زماني ۾ شاگردن يا شاگرديائين ۾ پاڪولا پيئڻ ۽ پينيز ڪائڻ جو فيشن عام هيو اسان ڪائڻ جا تي دؤر ختم ڪري چڪا هياسين، سوشيلاجي ڊپارٽمينٽ جو پٽيوالو "گل" ڊوئي ڊوئي تڪجي پيو هو. شاگردن ۽ شاگرديائين اهو چئي کسڪڻ شروع ڪيو هو تہ. "سر مهڪري اڄ نہ ايندو."

"يار سائين نہ ايندو!" منهنجي ڪلاس ميٽ دوست جان محمد بہ تنگ ٿي چيو.

"اڌ ڪلاڪ پيو انتظار ڪيو." مون چيو.

"اڌ ڪلاڪ!...اڌ ڪلاڪ!..." چوڪريون چپن ۾ پِٽڪيون.

" چاچنهن اچي ويو"، بدر النساءِ آرٽس فئڪلٽي جي سيڪنڊ فلور تان هيٺ ڏسندي ۽ پنهنجي عينڪ ٺيڪ ڪندي مون کي چيو. چيڙائڻ لاءِ عمومن ڪلاس ميٽ ۽ ڊپارٽمينٽ جا سينئر اسٽوڊنٽ مون کي جي ايم مهڪري جو پائيٽيو سڏيندا ها. پروفيسر جي ايم مهڪري جو اچڻ وارن وارو مٿو نظر آيو تہ اسان آرٽس فئڪلٽي جي بہ ماڙ تان ٽپ ... ٽپ ...ڪندا، هيٺ لٿاسين، ڏاڪڻ جي پهرين ڏاڪي تي جي ايم مهڪري پير رکيو تہ اسان بہ اچي پهتاسين، اسان جو ملڻ، ليڪچر شروع ٿي ويو.

"معاف ڪجو!.. دير ٿي وئي....اڄ جنهن بس تي آيس ان ايڪسيڊنٽ ڪري وڌو اتي جيڪي ماڻهن جا رايا ٻڌا، ڏاڍا دلچسپ هيا. ان ڪري اڄ جي ليڪچر جو موضوع آهي،" PUBLIC OPINION"

سوشيلاجي ڊپارٽمينٽ جي ڏاڪڻي ۽ ڪنڊائتي ڪمري ۾ پهتاسين تہ مهڪري صاحب پهريائين جتي لاهي هڪ پاسي رکي (اڪثر ڪيس پيرن جي ترين سڙڻ جي شڪايت هوندي هئي) هن چاڪ کڻي بورڊ تي عنوان لکيو ۽ پوءِ هڪدم مون ڏانهن ڏسندي چيائين،

"منظور! PUBLIC OPINION جي باري ۾ تو وٽ ڪهڙي DEFINATION آهي؟"

مون ديرئي نہ ڪئي WARNER جي ٻڌايل وصف کڻي بيان ڪئي.

Public opinion cosists of people reaction to definetly worded statement and question under interim condition

”نہ، نہ!... ائين نہ ...تون ڏاڍي تڪڙ تو ڪرين، ھڪدم پرائو غزل پڙھي تو ٻڌائين، پنھنجو ٻڌاءِ...پنھنجي وصف، جيڪا تنھنجي ذھن ۾ جڙي آھي يا جڙي ٿي؟“

مون اجا سوچيو پئي تہ مھڪري صاحب، موضوع کي ٻئي پاسي کان پڪڙيو: ھيئن ٿو ڪيان جو توھان کي لفظن ذريعي اھو منظر ٿو ٻڌايان .... جڏھن مان بس تي آيس پئي تہ اوچتو نڪاءُ ٿيو بس لڏي لمي، ماڻھو چرڪي اٿيا، بريڪ لڳي، ماڻھو خوف ۽ پريشانيءَ ۾ لٿا. ماڻھن ڏٺو تہ بس جي سائيڊ رھڙيل ۽ ڪنڊ پيگل ھئي. ٻي ڪراس ڪنڊڙ بس پريرو وڃي بيٺي. ان سان بہ ساڳئي حالت ھئي، ٻنھي بسين جي ڊرائيورن ۽ ڪنڊيڪٽرن ھڪ ٻئي کي پٽي گاريون ڏنيون ۽ عام ماڻھن اتي بيٺي تبصرا پئي ڪيا. ھاڻي تصور ڪيو تہ اوھان بہ اتي بيٺا آھيو. اوھان اتي ڪھڙي راءِ ڏيندو؟منظورا! چالاڪي نہ ڪجانءِ، بلڪل عام ماڻھو واري راءِ؟“

”مان چوان ھا، ڊرائيور انڌا آھن. ڪين گاڏي ھلائڻ نہ ٿي اچي.“ مون ھاڻي بلڪل عام ماڻھن واري راءِ ڏني.

”شاباس!... ھاڻي تون ٻڌاءِ“ مھڪري صاحب جان محمد ڏانھن اشارو ڪيو.

”مان چوان ھا ڊرائيور نشو ڪري ڊرائيونگ ڪن ٿا، ان ڪري ايڪسيڊنٽ ٿين ٿا.“

”شاباس!...تون ٻڌاءِ!“ مھڪري صاحب جي آڱر جو اشارو انجم يوسف ڏانھن ويو. جنھن ان وقت چيوگم پئي چٻاڙيو.

”مان چوان ھا،حادثا تيز رفتاري جي ڪري ٿين ٿا.“ انجم جواب ڏنو.

”نيڪ آ، تون...!؟“ اشارو مھڪري صاحب جو بدرالنساءِ ڏانھن ٿي ويو بدر النساءِ عينڪ کي نيڪ ڪيو ھٻڪي ھٻڪي پوءِ چيائين: ”حادثو قسمت ۾لکيل ھو....“

” ھلو نيڪ .....تون .....؟“مھڪري صاحب جو ڪنڌ سان اشارو خير النساءِ ڏانھن ٿي ويو.

” مان چوان ھا ڊرائيور چوويھ ڪلاڪ گاڏي ھلائن ٿا. ان ڪري ننڊ وٺي وڃين ٿي، تڏھن حادثا ٿين ٿا.“

”چڱو توں!؟“ اشارو ياسمين ڏانھن ٿيو تہ ياسمين جواب ڇڻ ٺاھي نڪي رکيو ھو ”حادثو ٽرئفڪ جي قانون جي خلاف ورزيءَ سبب ٿين ٿا.“

مھڪري صاحب ھڪدم رڙ ڪئي.

”بس!...بس!... اها ئي عام راءِ PUBLIC OPINION آهي. حقيقت اها ئي آهي ته عام راءِ چئبو ئي ان کي آهي ته جيڪو ماڻهو بي ساخته چئي ڏين. ان ۾ ڪا باقاعده عقلي ڳالهه يا دليل بازي ناهي هوندي، حقيقت تي ٻڌل ڪو تجزيو ناهي هوندو. راءِ ڏيڻ وارو ڪو ذميواري محسوس ناهي ڪندو. بس هڪڙو رد عمل جي طور تي اظهار هوندو آهي، جنهن کي ڪو واضح رخ ناهي هوندو.

ان جو مثال ائين آهي، جيئن ڪکرن ۾ پاڻي جي ڦڙن ۾ چارج پيدا ٿي ويندي آهي، جڏهن اها اليڪٽرڪ چارج گهٽي تعداد ۾ جمع ٿي ويندي ته منجهس وڄ پيدا ٿي ويندي آهي، ان کي جڏهن ڌرتي تان ATTRACTION ملندي يا ڪشش ٿيندي ته اتي وڄ ڪرندي آهي. ائين عام راءِ به ماڻهن جي ذهنن ۾ اليڪٽرڪ چارج جيان گڏ ٿي ويندي آهي ۽ جڏهن به ڪي سرد دماغ، نيم پاڳل، چالاڪ يا سماجي پلاٽيءَ چاهيندڙ ماڻهو ان کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪندا آهن ته عام ماڻهو وڄ جيان ڪِري، اهو ڪم ڪري ويندا آهن، جيڪو اُهي ٻي حالت ۾ ناهن ڪري سگهندا.

انهيءَ عام راءِ جا ڪرشما ڳوٺن کان وٺي شهرن تائين جاري ۽ ساري آهن. اها عام راءِ شخصيتن کي ناهي، شخصيتن کي ڊاهي، اها خاندانن کي عزت و تڪريم ڏئي، خاندان اجاڙي، مثلن ڳوٺن ۾ اهو هُل ٿي وڃي ته پير صاحب رات جو اُڏري مديني شريف هليو ويندو آهي ته انهيءَ پير جي ديدار لاءِ ماڻهو سؤن ميلن کان پنڌ ڪري ڏسڻ ايندا آهن. پر ڳوٺ ۾ اهو هلي وڃي ته فلاڻي ڏائڻ آهي، ماڻهن جا هيانءَ ڪڍي کائيندي آهي ته ان جي زندگي برباد ٿي ويندي آهي. ان عام راءِ کي ڦهلائڻ لاءِ خاص ماڻهو هوندا آهن، جنهن کي افواهن جا سوداگر RUMOURS MONGER سڏيو ويندو آهي، جيڪي ڳوٺن ۾ پيرن جا خليفا، يا وڏيرن جا لانڍيا هوندا آهن. اهڙي ريت شهرن ۾ اخبارن جا ايڊيٽر،صحافي، جاسوسي ادارن جا ايجنٽ، سياسي، سماجي ۽ مذهبي ورڪر هوندا آهن ۽ انهن جي پٺيان عام راءِ PUBLIC OPINION کي رخ ڏيڻ وارا چالاڪ ماڻهو هوندا آهن، جن کي اسان سياسي، سماجي، مذهبي، رياستي اڳواڻ يا سربراهه ڪري ڪوٺيندا آهيون.

عام راءِ کي ڪنهن رخ ۾ استعمال ڪرڻ جا ڪجهه مثبت ۽ منفي اوهان کي مثال ٿو ٻڌايان. انگريزن ڪيڏا به هندستان ۾ سڌارا آندا، پر ماڻهن ۾ انگريز سامراج جي ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان نفرت هئي، مهاتما گانڌي جڏهن ڏٺو ته ماڻهن ۾ انگريزن جي خلاف نفرت ۾ ڪجهه اضافو ٿيو آهي، ته هن ان کي رخ ڏيڻ لاءِ نعرو هنيو سُديش جو وديشي شين جو بائيڪاٽ ڪرائڻ لاءِ افواهي سوداگرن کي ميدان ۾ لاٿو ويو ۽ انهن افواهي سوداگرن ۾ وڏو ڪردار احمدآباد ۽ بمبئي جي سرمائيدارن ادا ڪيو هو انهيءَ زماني ۾ چاليهه هزارن جي گاڏيءَ تي چڙهي، ڪانڌيءَ جا ڪپڙا پهري، مهاتما جي آڏو ويهي چرخو

هلائيندا هيا. تصويرون ڪيرائي اخبارن ۾ ڇپرائيندا هيا. ته جيئن سنڌن ڪارخانن جو ردي ڪپڙو جيڪو انگلستان جي ڪارخانن مان نهيل ڪپڙي ڪان معيار ۾ گهٽو گهٽ هيو، کپي وڃي. پوءِ دنيا ڏٺو ته عام راءِ جي هڪ رخي اظهار تي، دنيا جي انهيءَ ننگي فقير (موهن داس ڪرمچند گانڌي) انگريزن جي سج نه لهڻ واري شهنشاهيت کي لوڏي ڇڏيو.

اهڙيءَ طرح دنيا جي نيم پاڳل ماڻهن، جيئن "پيٽر دي هرمن" گڏهه تي چڙهي سڄي يورپ ۾ هل غوغاءُ مچايو ته، "عيسيٰ جي صليب کي ڪافر مسلمانن کان بچايو"... پوءِ دنيا ڏٺو ته ان پاڳل جي چوڻ تي ٻه صليبي جنگيون ٿيون ۽ يورپ جي ماڻهن پنهنجو نئون نسل هٽي مارائي وڌو.

ٿيون مثال، ڪئنيڊا جي انگريزن ۽ فرينچن ۾ هلڪي ڦُلڪي ڇڪتاڻ هئي، پر انهن افواهن جي واپارين RUMOUR MONGERS هڪ ڪن وڌي، شيشي جي برنين ۾ وجهي گهمايو ته فرينچن، انگريزن جو ڪن وڍيو آهي ته ٻنهي جي وچ ۾ EAR WAR "ڪن واري ويڙهه" شروع ٿي وئي، جيئن هندستان ۾ ڳئون جي منڊي مندر ۾ ۽ سوئر جي منڊي مسجد ۾ اڇلائي، هندو مسلم فساد ڪرايو ويندو آهي، جيئن صوفين جي سرزمين سنڌ ۾ مسجد منزل گاه وارو جهيڙو ڪرايو ويو.

انهيءَ عام راءِ PUBLIC OPINION کي جيڪڏهن ماڻهن جي ذهنن ۾ ڪپايو FIX ڪيو وڃي يا ماڻهن ۾ ڪا راءِ پختي ٿي وڃي ته ان کي سخت راءِ STEREO TYPE سڏيو ويندو آهي، جيڪا عام راءِ جي خطرناڪ صورت آهي.

انهيءَ کي نفسيات جي علم ۾ CONCEPT FORMATON به سڏبو آهي، جيئن برصغير جي مسلمانن ۾ هندن لاءِ هڪ اهڙي راءِ جڙي، جنهن ۾ هندو جو تصور رڳو اهو هيو ته مٿي تي ٽوپي، اڇو چولو ڌوتي، پيٽ وڏيل، حريص ۽ ڪميني مخلوق. اهڙي ريت هندن وٽ مسلمانن جو تصور رڳو اهو هيو ته وڏين مڇن وارو ڳئون ڪائيندڙ وحشي، غاصب، بي رحم، ۽ ظالم. ۽ انهيءَ سلسلي ۾ هندستان جي مشهور سماجي ماهر محترم شرما لکيو آهي ته سنڌس ننڍپڻ هماليه جي ترائي المورا ۾ گذريو. جڏهن هو ننڍو پر سمجهه ڀريو هيو ته پنهنجي پيءُ سان گڏ بيل گاڏيءَ تي پنهنجي مائٽن جي ڳوٺ ڏانهن پئي ويو. واٽ تي پرسان لنگهندڙ ماڻهن جي ٽولين ڏانهن سنڌس پيءُ اشارو ڪري چيو "ڏسو! اهي مسلمان اٿوَ پنهنجي ڳوٺ پيا وڃن."

ته شرما هڪدم ڏسي وراڻيو "بابا، اهي ته ماڻهو آهن."

مسلمان جي باري ۾ عجيب غريب رايا ٻڌي، شرما چوي ٿو ته منهنجو حتمي رايو اهو بيٺو ته مسلمان ماڻهوئي ناهن هوندا. جيئن اڄڪلهه اسان جو رويو يهودين لاءِ آهي.

روسي نفسيات جي ماهر پاولوف ڪتي تي هڪ انوکو تجربو ڪيو. ڪاڏي کائڻ کان اڳ، ڪتي جي وات ۾ ڪيتري گگ جمع ٿئي ٿي، هن اها نوٽ ڪئي، ان حالت کي فطري موٽ NATURAL REFLEX سڏيو. پوءِ هن ڪتي کي کاڏي ڏيڻ کان اڳ گهنٽي وڄائي، کاڌو ڏيڻ شروع ڪيو ڪجهه عرصي کانپوءِ هن رڳو گهنٽي وڄائي ته ڪتي گگ ڳاڙڻ شروع ڪئي، ان کي CONDITION REFLEX سڏيو.

تنهن کان پوءِ مهڪري صاحب چاڪ ڪٽي بورڊ تي ان جا گراف ڪجهه هيئين ريت ڏاهيا.

Bell گهنٽي ــــــــــــ کاڌو food

گگ slavia

پيو تجربو جي - بي - واٽسن J.B.WATSON ٻه ڪيو هو انهيءَ ڏس ۾، هن اهو تجربو هڪ ٻار تي ڪيو هر انسان ۾ خصوصن ٻار ۾ ڪاوڙ، خوف ۽ پيار جا ردعمل صاف ظاهر هوندا آهن. هن ڇا ڪيو جو هڪ ٻار کي سهي جي پرسان ڪيڏائڻ لڳو. ننڍڙو ٻار جانور سان کيڏڻ پسند ڪندو آهي، هڪ ڏينهن جڏهن ننڍڙو ٻار سهي کي هٿ لائي خوش پئي ٿيو ته اوچتو سندس پٺيان بندوق جو ٺڪاءُ ڪيو ويو ٻار دهلجي روئڻ لڳو. هن ٻي دفعي ٻه ساڳئي ڪار ڪئي، ٽئين دفعي ٻه ورجائي آخر ۾ نتيجو اهو نڪتو، جو ٻار جي سامهون صرف سهو آندو پئي ويو ته ٻار دهلجي رنو پئي، ڪڏهن ڪڏهن CONDITION REFLEX جبلتن جهڙي ڏک ڏيندا آهن... اها صورتحال انساني سماج ۾ ڏاڍي ڏکوئيندڙ هوندي آهي.

سخت راءِ STEREO TYPE جو بنياد ٻن شين تي ٻڌل هوندو آهي.

ذاتي تجربو 1. PERSONAL EXPERIENCE

مڃيل ڄاڻ 2. ACCEPTED INFORMATION

پهرين جو مثال ائين آ، ته جيڪڏهن ڪو ڳاڙهي ٽوپي وارو شخص، اوهان کي پٿر ثو هڻي. پوءِ هڪ ٻئي پٺيان چار ٻيا ٻه ڳاڙهي ٽوپي وارا ماڻهو اوهان ڏانهن پٿر يا جهنب اڇلائن ٿا ته اوهان جي پڪي پختي راءِ اها ٻيهندي ته، هڙيئي ڳاڙهي ٽوپي وارا بدتميز ۽ خطرناڪ ٿيندا آهن ۽ اوهان هر ڳاڙهي ٽوپي واري کان چرڪندءُ.

ACCEPTED INFORMATION جو مثال ٻڌو. مثلن ڪو پنڊت، ملو پادري، واعظ ڪندي چوي ته الهامي ڪتابن ۾ آيل آهي ته، ڳاڙهي ٽوپي وارا هڙيئي بدتميز ۽ خطرناڪ ٿيندا آهن، جيڪو مڃي سو جنتي ٿيندو، جيڪو نه مڃي سو دوزخي، جيئن ڪميونسٽن لاءِ هتي ACCEPTED INFORMATION آهي ته هڙيئي ملحد ٿيندا آهن.

اھڙين سخت راين تحت زندگي بسر ڪرڻ ائين آھي، جيئن احمقن جي جنت ۾ رھڻ، حقيقت اھا آھي انساني سماج ۾ جيڪڏھن چالاڪ، سرد دماغ ماڻھو پنھنجن مقصدن، مطلبن خاطر ماڻھن جا ذھن مائوف نہ ڪن ھا، تہ دنيا ۾ ڪنھن بہ اجائي اِزم جي ضرورت نہ پوي ھا. پاڻي درياھہ ۾ وھي ٿو جنھن ڪي اج لڳي ھا، پيئي ھا. دنيا ۾ ڪنداڻتن نظرين ۽ ڪنداڻتي پئسي CORNER IDEAS ۽ CORNER MONEY جي ڪري، جيڪو انساني سماج کي نقصان پھتو آھي، ان جو ڪاٿو ئي ڪونھي.“

مھڪري صاحب، ٿوري جھٽ خاموش رھيو ۽ پوءِ اسان ڏانھن ڏسندي چيائين، ”ھاڻي اوھان جي ڪائڻ پيئڻ جو وقفو آھي، پوءِ سوال جواب جو سلسلو شروع ٿيندو.“

بدرالنساءِ کي چڻ وارو ملي ويو اُٿي، گل پٽيوالي کي سڏي آئي، گل ويو ۽ موٽيو اسان پيتيز پئي ڪاڏيوسين ۽ پاڪولا پئي ڍوڪيون سين. مھڪري صاحب صرف پاڻي پئي پيتو. سائين مھڪري ڪڏھن ڪڏھن فروٽ ڪائيندو يا وري گرين ٽي پيئندو ھو پر اڄ سندس ڪنھن تي بہ موڊ نہ ھيو.

ڪائڻ پيئڻ جي وقفي ڪانپوءِ مون پڇيو

”سائين، سماج ۾ سخت راءِ STREO TYPE کي ختم ڪرڻ جو ڪھڙو اپاءُ آھي؟“ مھڪري صاحب کي چڻ اھڙي قسم جي سوال جو انتظار ھيو پڌائڻ لڳو،

”ان جو اپاءُ پھريان DE_CONDITIONING ۽ پوءِ RE_CONDITIONING آھي.

مون اوھان کي، جي — بي - واٽسن جو اڏورو تجربو پڌايو. ھاڻي پورو تجربو پڌو، ھن چا ڪيو جو ھن وري ٻار کي ھرڪائيندڙ شيون مثلن رانديڪا وغيره ڏيکاري، سندس سامھون سھي کي آندو ٻار آھستي آھستي چيرڪ پرڻ ۽ روئڻ بند ڪيو ان حالت کي سڏيو ويوDE_ CONDITIONING ۽ پوءِ ڪيس مزيدار ٽافيون ڏيئي سھي سان کيڏڻ جي ترغيب ڏني وئي، ان کي چيو ويو RE_CONDITIONING

پھرين جنگ عظيم ۾، انگريزن، جرمنن خلاف برصغير ۾ عجيب پروپئگنڊا ڪرائي تہ اھي ننڍن ٻارن جو ميجالو شوق سان ڪائيندا آھن، ان جو اثر اھو ٿيو جو عام ماڻھو جرمنن جو نالو پڌي ڊڄي ويندا ھيا. ان جو اثر ٻي جنگ عظيم تائين ھليو. پر اڄ اھي جرمن برصغير ۾ گھمندا ٽا وتن، ماڻھو انگريزن کان وڌيڪ انھن جي عزت ڪن ٽا. انھيءَ جو سبب جرمن ماڻھن پنھنجي طرز عمل سان برصغير جي ماڻھن کي De_Conditioning ڪيو ماڻھن چيو . جرمن ھرو پرو ايڏا بہ خراب ڪونھن. جيئن انگريز چون ٽا. اِڳتي ھلي اجا ھنن پنھنجي راءِ کي ڦيرايو جڏھن محسوس ڪيائون تہ جرمني جا ماڻھو علم ۽ ادب دوست، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جا ڄاڻو با اخلاق ۽ وفادار آھن، تہ انھن چوڻ شروع ڪيو جرمن ماڻھو سياڻا سيبتا، قول ۽ فعل جا پڪا آھن. ان کي Re_Conditioning سڏبو آھي. ائين جيئن

ڳاڙهي ٽوپي وارو ڪو ماڻهو پتر هٽڻ جي بجاءِ، اوهان کي سلام ڪري، ٻيو ماڻهو وري اوهان کي چانهه پياري ته توهان جو رايو ڦري ويندو. اوهان چوندءُ ڪي ڳاڙهي ٽوپي وارا چڱا به آهن ته ڪي برا به ـ پر جڏهن ويهه ڳاڙهي ٽوپي وارا اوهان سان ڪنهن نه ڪنهن هنڌ سنو ورتاءُ ڪن، ته اوهان جي راءِ اها بيهندي ته اڪثر ڳاڙهي ٽوپي وارا سنا آهن، ڪي ڪي خراب به ٿي سگهن ٿا.

اجوڪو ليڪچر اتي پورو. هاٽي وي ـ سي آفيس ڏانهن ٽيليفون ڪري، منهنجي اچڻ جو ٻڌايو ته اوڏانهن وڃان، شيخ اياز سان ملڻو آهي. اوهان منهنجي وڃڻ کان پوءِ هڪ ٻئي سان ضرور بحث ڪجو ۽ نتيجا ڪڍي ٻڌائجو.“

جان محمد فون ڪرڻ ويو اسان سڀئي مهڪري صاحب سان گڏ هيٺ لٿاسين، ٿوري دير کان پوءِ ڪار آئي، مهڪري صاحب روانو ٿي ويو.

سچ پچ ته جي ايم مهڪري کي ڪنهن به ڏکئي موضوع تي ڳالهائڻ وقت، ڪا ڏکيائي نه ٿيندي هئي. چو ته سندس اندازِ بيان بغير ڪنهن رک رکاءَ جي ۽ ايڏو طاقتور هوندو هو جو ائين لڳندو هو ڄڻ حقيقت جو ڪڙو پر سچو روپ ڏيکاري رهيو آهي. هڪ ليڪچر ۾ جنس sex جهڙي شجر ممنوع موضوع کي ايڏي ته سهڻي انداز سان بيان ڪيو هيائين، جو ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون بغير ڪنهن جهجهڪ جي ٻڌندا رهيا. ’جنسي استحصال‘ Sex Exploitaion تي ڳالهائيندي، جڏهن ڪلڪتي جي قحبہ خانن تي پهتو ته سندس انداز ڪجهه هن نموني هو:

”مان ڪلڪتي جي چڪلي ۾ باقاعدو صرف اهو ڏسڻ ويندو هيس ته مختلف طبقن جي ماڻهن جا مختلف رويا ڪهڙا آهن...؟ ڪلڪتي جي چڪلي ۾ هڪ هڪ عورت، جدا جدا داستان هئي، الڳ الڳ موضوع هئي، جيڪا عورت 20 سالن جي هئي سا ڏيڍ سؤ کان به سؤ رپيه ڏينهن ۾ ڪمائيندي هئي... پنجويهه سالن جي، سؤ کان ڏيڍ سؤ تائين.... ٽيهن سالن جي پنجاه يا سؤ.. چاليهن جي، پنجويهه يا پنجاهه ... پنجاهه سالن واري، ڪڏهن ڏهه، ڪڏهن پنج... آخر ۾ جڏهن مري ويندي هئي ته ميونسپالٽي وارن کي فون ڪري سندن لاش پورايو ويندو هو. ڪنهن سماجي ماهر کي سماج جي نبضن تي هٿ رکڻو هجي ته چڪلي ۾ وڃي مشاهدو ماڻي، سچي سماج جو اصل روپ سامهون اچي ويندس....“

سندس اهڙو بي باڪيءَ وارو انداز گهٽن کي پانءِ نه پوندو هو. ان ڪري استاد به ڪائنس نالان هوندا ها. هڪ دفعي خبر پئي ته مهڪري صاحب سئڪالاجي ڊپارٽمينٽ ۾ وينو آهي. اسان شاگرد به اتي

پهتاسين، ان وقت مختلف استادن سان، سائين مهڪري بحث مباحثي ۾ مصروف هيو. ان وقت هڪ استاد، نئين نسل تي ڀريو ويٺو هو.

”اڄوڪو نئون نسل علم ۽ عقل ٻنهي جو دشمن آهي، انهن سان مٿو هڻڻ اجايو آهي .“

ٻين استادن به سندس تائيد ۾ ڪنڌ ڌوڻ پئي ڪئي. مهڪري صاحب به جوش ۾ اچي ويو ۽ چوڻ لڳو: ”جتي اسان پراڻي نسل جو سفر ختم ٿيندو اُتان نئين نسل جو سفر شروع ٿيندو. نئين نسل کي لوئڻ، حقارت سان ڏسڻ، پنهنجي مستقبل جي نفي ڪرڻ برابر آهي... جي اهي جاهل رهجي وڃن ٿا ته انهيءَ عمل جا ذميوار اسان آهيون. چو ته اسان اِنهن کي پنهنجي ڄاڻ، پوريءَ ريت منتقل نه ڪئي. قومن جي رِلي ريس RELY RACE ۾، پنهنجي بيٽن Baton کي صحيح سلامت ۽ تيزيءَ سان نئين نسل تائين پهچائڻ اسان جو ڪم آهي ته جيئن هو سماجي ترقي جي ڊوڙ ۾ ڀرپور حصو وٺي سگهن ...“

”توهان ڪٿي ڪجهه به چئو پر اڄوڪي نئين نسل ۾ اُها ٿوم ڪونهي.“ اُن استاد بضد ٿيندي چيو.

سائين مهڪري کي مجبورن وري جواب ڏيڻو پيو:

”هڪ ته اها واهيات قسم جي احساسِ برتري آهي ته اسان جو نئون نسل اسان کان گهٽ آهي... اها فخر ڪرڻ جي نه، پر ٻڏي مرڻ جي ڳالهه آهي... ٻي ڳالهه ته ڊگري جي ڪا ايڏي حيثيت ناهي هوندي... ڊگري ڪنهن جي صلاحيتن جو پيمانو ته ٿي سگهي ٿي، پر عملي ڪارڪردگي جو نه ... پيلا ٻڌايو ايڊيسن کي ڊگري هئي...؟ روسي کي ڊگري هئي...؟غالب کي ڊگري هئي...؟شاهه لطيف کي ڊگري هئي...؟انهن آڏو ڊگريون ٺڪا جهلينديون هيون! انهن بنا ڊگرين وارن تي،تو اسان جهڙا اڄ ريسرچ ڪري ڊگريون وٺن ٿا. اسان جي سماج ۾ ٻين الميئن سان گڏ هڪ الميو اهو به آهي ته ماڻهن جي پرک سندس ڪارڪردگي نه پر ڊگريون آهن. نام نهاد تعليمي ڊگرين کان وٺي مذهب، جنس ۽ طبقي جي ڊگرين تائين. برصغير ۾ سماجي انتشار جو سبب برهمڻ ذهنيت واري ڊگري رهي. جيسيتائين اها ڊگري برقرار آهي. تيسيتائين ذهين ۽ محنتي فرد تباهه ۽ برباد ٿيندا رهندا.“

اهو استاد صاحب، مهڪري صاحب جا رومالي ۽ سنڌائتا ڌڪ سهي نه سگهيو ۽ باقاعده چئلينج ڪرڻ واري انداز ۾فرمائڻ لڳو:

”مان اوهان کان هڪڙو سوال پڇان ٿو اهڙا شاگرد آهن ڪتي...؟ جن کي ڪو استاد پنهنجو سمورو حاصل ڪيل علم ڏيڻ چاهي ۽ هو وٺڻ چاهي... ايمانداريءَ سان ڪنهن هڪ شاگرد جو نالو ڪڻو...؟؟“

سائين مهڪري صاحب ٽڏو ساهہ کڻي اسان ڏانهن ۽ پوءِ اُن استاد ڏانهن ڏسندي، جواب ۾ هڪ شعر پڙهيو!

”خضر ڪيون بتائي، ڪيا بتائي
اگر ماهي ڪهي، دريا ڪهان هئي!“

پر جي ايم مهڪريءَ جو شعري اشارو ڪنايو اُن استاد جي مٿي جي مٿان گذري ويو ۽ هو سمجهي نہ سگهيو.

جي ايم مهڪري جنهن جو پورو نالو سيد غلام محي الدين ولد مينر علي مهڪري هيو. 19 آڪٽومبر 1908ع تي هندوستان جي باغن واري شهر بئنگلور ۾ پيدا ٿيو. دهلي ۽ بمبئي يونيورسٽيءَ مان سوشيالاجي ۽ سائڪالاجي سبجڪيٽن ۾ پي ايچ ڊي ڪيائين. ورهاڱي کان اڳ ڪراچيءَ ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. انگريزي اخبار ڊان ۽ مشهور مئگزين ’سنڌ ڪوارٽرلي‘ جو مستقل ليکاري هيو. سندس مشهور ڪتاب Sorrows of sindh آهي. جنهن ۾ سنڌ ڌرتيءَ جي دردن جو تجزيو آهي. هن پاڪستان ۾ ريپبليڪن پارٽيءَ جو بنياد بہ رکيو. مولائي ماڻهو هيو ان ڪري سندس سياسي پارٽيءَ کي پذيرائي نہ ملي سگهي پر سندس علمي حيثيت ۽ لياقت جا ڪيترائي ماڻهو معترف رهيا. جن ۾ ابراهيم جويو، شيخ اياز غلام رباني آگرو مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، مظهر يوسف، خيرالنساءِ جعفري وغيره جهڙيون علمي و ادبي شخصيتون قابل ذڪر آهن.

سنڌ جو نوجوان ناول نگار منير چانڊيو ۽ مان سنڌ جي مانائتي ۽ شانائتي شخص سائين ابراهيم جويي سان 24 آگسٽ 2010ع تي ملڻ وياسين تہ اتي ڪچهري ڪندي، جي ايم مهڪري جو ذڪر نڪتو تہ هن سندس شخصيت تي راءِ ڏيندي چيو تہ: ”جي ايم مهڪري سنڌ ۽ سنڌي قوم جو عاشق هيو هن کي مهاجر لفظ کان چڙ هئي، هو چوندو هيو، ’آءٌ سنڌي آهيان، ان ڪري جو آءٌ سنڌ ۾ پنهنجي مرضي سان آيو هيس، نڪي مجبوريءَ مان.‘

مان دعويٰ سان چوان ٿو تہ هو پنهنجي فڪر ۾ سيڪيولر، انسان دوست ۽ علمي لحاظ کان بحر هيو. اهو ئي سبب هيو جو مون سندس انگريزي اخبارن ۾ لکيل مضمونن کان متاثر ٿي، انهن جو ترجمو ڪيو ۽ ’مهڪري جا مضمون‘ جي عنوان سان ڪتاب ڇپرايو.“

اهڙي خوبصورت راءِ جي اظهار تي ابراهيم جويي صاحب جي وات ۾ گلاب. پر ان ۾ ڪا مبالغي آرائي ڪونهي تہ هي دمقراط ۽ سقراط جهڙو قدآور شخص 15 آگسٽ 1995ع تي جڏهن اسان کان وڇڙي ويو تہ ائين لڳو ڄڻ اسان جي تنل قتل سماج مان هڪ مها پرش موڪلائي ويو هجي.

سائين محمد بخش لاشاري : پربڻ استاد

اڄ بہ اکين اڳيان اهي منظر ڦرن ٿا. سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي فيڪلٽي آف آرٽس واري عمارت. ٻہ ماڙ تي سوشيالاجي ڊپارٽمينٽ جي ڪنڊ وارو ڪمرو. سائين محمد بخش لاشاري Principle of sociology سبجيڪٽ پڙهائي رهيو آهي. پڇي ٿو:

”هاڻي فرق سمجھہ ۾ آيو ثقافت ۽ تهذيب ۾!؟“

”نہ سائين!........“اسان شاگرد جواب ڏيون ٿا.

سائين اڄان وڌيڪ سماجي ماهرن جون وصفون ٻڌائي ٿو سمجهاڻي ڏئي ٿو اسان جي حيص بيص جاري آهي، وڃي ٿو گھرو ٿيندو. پورو هفتو انهيءَ موضوع تي ڳالهائي ٿو. ايسيتائين جيسيتائين اسان مطمئن نہ ٿا ٿيون. آخر ۾ هڪ پيپر civilization and culture تي لکي اچي ٿو ۽ چوي ٿو: ”ڏسو توهان جي سوالن جي ڪري آءٌ هي پيپر لکي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهيان. مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي، جو اوهان جهڙا شاگرد مليا آهن.“

سنڌس ان انگريزي ۾ ٽائيپ ٿيل 35 صفحن تي مشتمل پيپر جي ڪاپي اڄ بہ مون وٽ محفوظ آهي، خدا ڄاڻي تہ اهو پيپر ڪٿي ڇپيو بہ آهي يا نہ.....!؟

يونيورسٽي جا استاد تہ هزَئي سُون، پر هي سيتا رامي سُون هيو جنهن ۾ ذرو بہ ڦيٽ نہ هئي، ڪيترائي استاد جيڪي خدا جي واسطي ڪوئو بہ نہ مارينديا هيا, اتي سائين لاشاري جهڙو پُرياتو ۽ پاونگ ايئن لڳندو هو جڻ صحرا ۾ مٺو چشمو هجي. ڪڏهن بہ ڪيس واندڪائي ۾ اوٻاسيون ڏيندي نہ ڏٺوسي، جڏهن بہ ڏٺوسين تہ ڪنهن شاگرد کي سمجهائيندي، ڪنهن ڪلارڪ جي ايڪسپلينيشن ڪال جو جواب ٺاهيندي، ڪنهن استاد جي لکيل پيپر جي ڪريڪشن ڪندي.

آرٽس فيڪلٽي ۾ سندس آمد جو عجيب انداز هو جتي ڪيترائي استاد لڙڪيل ڪلهن ۽ بيزار مُکن سان داخل ٿيندا هيا، اتي سائين هشاش بشاش مرڪندو ايندو هو جڻ پري کان دغدغا پئي پري.

ايم اي فائينل ۾ رڳو ڇوڪريون هونديون هيون. بدرالنساءِ، خيرالنساءِ، انجم يوسف، راڻي گل، نازي گل ۽ سيما. 31 جنوري 1978ع تي اسان کين الوداعي پارٽي ڏني سي. جان محمد ۽ منهنجي مڙئي انهن سان گھٽي لڳندي هئي، ان ڏينهن تي اسان ٻنهي ڄڻن جيڪا الوداعي تقرير ڪندي لفاظي ڪئي، ان ۾ وڇوڙي جو وڏو درد سمايل هو. جنهن جو متن ڪجھہ هينئين ريت هو:

”جڏهن ڪا راڌا، ڪنهن پيار جي پنگھٽ تي، ڪا سلميٰ ڪنهن پريم ڏگر تي، ڪا وينا خوشبو واسيل واٽ تي ملي ٿي تہ پوءِ ايئن محسوس ٿئي ٿو تہ هر ڪا رات شبِ برات، هر موسم، موسمِ بهاران، ۽ هر زمين جو ٽڪر گوشہ چمن لڳي ٿو. اسان ڪيئن وساري سگهنداسي انهن يادن کي، انهن ڪيفيتن کي، جنهن ۾ وقت جي گذرڻ جو احساس ئي نہ ٿيندو هيو اج جڏهن وڇوڙي جو وقت آيو آهي تہ احساس ٿيو آهي تہ وڇوڙو بري بلا آهي،خدا بهتر ٿو ڄاڻي تہ اسان انهيءَ وڇوڙي جي اذيت ۽ عذاب مان جانبر بہ ٿي سگهنداسين يا نہ....“

استادن ۽ ٻين شاگردن هڪ ٻئي کي ٽوٽيون هنيون ۽ کليا.

ان ڏينهن کان پوءِ ڪلاس هلندي جان محمد ڳوٺ هليو ويو ۽ مان لاڙڪاڻي اچي پهتس، ٽي ڏينهن نہ گذريا تہ سائين لاشاري جي ٽيليفون اچي پهتي تہ جلدي اچي مل....! مان ساڻس مليم تہ چنڊ پٽيائين جا منهنجي تصور ۾ بہ نہ هئي:

”مون سمجهيو هيو تہ اوهان هتي پڙهڻ آيا آهيو پر اوهان تہ رڳو عشق ڪرڻ آيا آهيو......“

مان ڪنڌ جهڪائي ٻڌندو رهيس، ۽ پوءِ کيس ٻڌايو تہ ”مان دراصل لاڙڪاڻي ويو هيس، انٽر ڪلب ڪرڪيٽ جي ٽورناميٽ ۾ حصو وٺڻ...“

”پوءِ اهو ڄانگهڙيل ڇو نہ ٿو اچي؟“ جان محمد جي لاءِ پڇيائين.

”خبر نہ آهي.“ مون وراڻيو

”اچ ڪيئن بہ ڪري منهنجي گهر وٺي اچيس.“

مان جان محمد کي سندس ڳوٺ صاحب خان رند حيدرآباد مان، ڏتاري ڏتاري اولڊ ڪيمپس حيدرآباد، سائين جي گهر نمبر 31 تي وٺي آيس، سندس منهن پيلو لڳو پيو هيو. سائين لاشاري اوطاق ۾ ويهاري، گهر ماني ڪرائي. ماني کائيندي احوال وٺڻ لڳو. جان محمد ڏاڍي ڏکاري انداز ۾ ٻڌائڻ لڳو:

سائين، دراصل پڙهائي تي دل ئي نہ ٿي چوي....“

سائين سمجهائڻ لڳس؛”بابا، سنڌ يونيورسٽي روپ ساگر آ...جنهن ۾ رروپ وٺتيون پيون اچن ۽ وڃن.هرويرو پڙهائي کي اڌ ۾ ڇڏڻ صحيح نہ آهي....“

مون کي وريِ اِهو احساس ٿيو تہ واقعي يار پٽڙيءَ تان لٿو ٿو وڃي تہ وچ ۾ ڪڏي، ڪجھ هن نموني جي نصيحت ڪرڻ لڳس:

ڄانو...! مون تہ ايئن سمجهيو هو تہ تون ڪنهن هڪ هنڌ پٽ جي پينگھہ پائي لڏڻ وارن مان ناهين.....هونئن جي اهي هليون ويون تہ ڊپارٽمينٽ ۾ اجاڻ گنج لڳو پيو آ. پاڻ ٻن سان تي ڇوڪريون

گڏ آهن. ايم اي پريويس ۾ پنج ڪن ڪونجيلين ڪونجار ڪنديون ٽيون وتن. ائين بي اي آنرز ۾ به حسن خرامان خرامان ڪندو ٿو وتي، پرسان سائيڪالاجي ڊپارٽمينٽ به سڃو ڪونهي.

اسان ٻئي دوستن ۽ دشمنن جي دلين تي داغ آهيون ڪڏهن وجي ڪامرس ڊپارٽمينٽ وارن جي دلين تي هٿ رکي ڏس يا انهن ڊپارٽمينٽ جي ڇوڪرن تي، جتي پنجاهه ڄڻن ۾ پوٽين چار ڇوڪريون مس آهن.....“

”تون ڪندو آهين رڳو بڪ....! توکي ڪهڙي خبر ته مون سان اصلي ڪهڙو مسئلو آهي......“ جان محمد چڙي وراڻيو.

”پوءِ ڦاٽ نه.....!“ساڳئي لهجي ۾ جواب ڏنومانس.

”دراصل منهنجي سڳي ۽ ماتيجي ماءُ جي جهيڙي مون کي منجهائي ڇڏيو آ..... ذهني سڪون ئي وڃائجي ويو آ.“

سائين لاشاري ۽ مون کان ٿهڪ نڪري ويا. سائين ڪيس ڌيرج سان سمجهائڻ لڳو ”بابا ماڻهن ويچارن سان الائي ڪهڙا ڪهڙا مسئلا درپيش آهن، ويڏنون آهن. ته به ويچارا هلن پيا. توکي گهر جي ٻن عورتن جي جهيڙي منجهائي وڌو آ....ڇڱو تون منهنجي جدوجهد جو داستان ٻڌ، جي سبق پرائي سگهين ته پراءِ......نه ته وڏيڪ تنهنجي مرضي.......“

ان ڪان پوءِ سائين پنهنجي ڏکن سورن ۽ جدوجهد جو داستان ٻڌايو جنهن جو اختصار هن ريت هو:

”منهنجو تعلق ڳوٺ پيرو لاشاري ۽ ضلع بدين سان آهي، ننڍپڻ ۾ والد گذاري ويو. غريب گهراڻي سان تعلق هيو. صبح جو پرائمري اسڪول ۾ پڙهندو هئس، شام جو مينهون چاريندو هئس. اسڪالر شپ تي 1953ع ۾ ميٽرڪ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيم. نوڪري ڪندي انٽرميڊيٽ فرسٽ ڪلاس فرسٽ ۾ پاس ڪيم. بي اي فرسٽ ڪلاس ۾ ۽ ايم اي سوشيالاجي فرسٽ ڪلاس سيڪنڊ پوزيشن ۾ پاس ڪيم. اڄ اوڻويهين گريڊ ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر جي حيثيت ۾ ڪم ڪيان پيو. ايئن نوڪري ڪندي ڪيترين تڪليفون آيون. پر ڪڏهن به دل نه لاٿي.....زندگي جدوجهد جو نالو آهي. ان ڪري آنءُ نه ٿو سمجهان ته تنهنجو پڙهائي ختم ڪرڻ وارو عذر قابلِ قبول آهي. ان ڪري تون سياڻي ايندين. اهو منهنجو حڪم آهي!“ جان محمد ٻئي ڏينهن تي حڪم جي بجا آوري ڪئي. يونيورسٽي آيو. ايم اي پاس ڪرڻ ڪان پوءِ آمريڪا جي رياست ڪيليفورنيا ۾ پهتو. اڄ آمريڪا جو با عزت شهري آهي. ۽ اتي ڊپارٽمينٽل اسٽور جو مالڪ آهي.

سائين لاشاري خاڪ مان ڪٽي افلاڪ تائين پھچائڻ وارن استادن منجھان ھيو. اھڙو ماھ ڪامل استاد جنھن جو ناتو شاگردن سان دائمي ھوندو ھيو يونيورسٽي ڇڏڻ ڪان پوءِ بہ شاگرد ۽ شاگردياڻيون، سندس اولڊ ڪيمپس سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد واري گھر ڪي، پنھنجو گھر سمجھي اچي رھندا ھا. ڪيس اولاد بہ خدا اھڙي صالح ۽ وڏيءَ دل واري عطا ڪئي، جو سندس شاگردن جي اچڻ وڃڻ ڪي ننڍي نہ پانيائون. ميلا متا پيا ھوندا ھئا سندس ننڍڙي اوطاق تي. اتي خبر پوندي ھئي تہ ھي شاگرد 1975ع جي بيچ جو، ھي 1976ع جي بيچ جو ھي 1977ع ۽ ھي 1978ع جي بيچ جو آھي.

جي سندس ڳڻن ڪي چيتارجي تہ ڪتاب ٺھي وڃن. مان جي رڳو پنھنجي ڳالھہ ڪرڻ چاھيان تہ بہ نہ ڪري سگھان. 1980ع ۽ 1982ع ۾ جڏھن حيدرآباد ھوندو ھئس تہ ساڻس اھڙا انگل ڪيم جيڪي دوستن سان ڪبا آھن:

"سائين ھل تاپ ۾ واھہ جي انگريزي فلم لڳي آھي. "

"اي منظور....! آنءُ يار فلم ڪونہ ڏسان، پر جي تون چوين ٿو تہ آنءُ ھلان ٿو."

"سائين اڄ ماني گھر جھلي ڇڏجو سڄي ڪائيندا سين. "

"آنءُ يار ھاڻي پوڙھو مڙس، سڄي ھضم ڪري سگھان الائي نہ. تون ڪٽي ڪائجانءِ، آنءُ ڪٽي بہ ٽي گرھہ ھٽندس."

مون کي ياد آھي تہ سائين ڪڏھن بہ پيسا پرڻ نہ ڏنا. ھر دفعي سان اھو چوندو رھيو تہ "اھي پيسا گھر موڪلي ڇڏجانءِ. تو کي اھو احساس ھئڻ گھرجي تہ ھاڻي تو کي خاندان جي ضرورتن جو بہ خيال رکڻو آھي."

ڪھڙي خبر تہ سندس حياتيءَ جو ماڻ ائين پرجي ايندو. آگسٽ 1998ع ۾ پنھنجي پٽ فضل محمود ڏانھن، ڪوئيٽا گھمڻ ويو. 31 آگسٽ جي شام تي ڪلندي ڳالھائيندي، بلڊ ۾ ڪلاٽ اچي وڃڻ ڪري مسئلو پيدا ٿيس. ٻن ٽن ڪلاڪن اندر زندگيءَ جو کيل ختم ٿي ويو. اھڙا داني پرش ۽ پرٻيڻ استاد ڪڏھن ڪڏھن جمندا آھن. جيڪي شاگردن لاءِ سؤ ياڳا سون ھوندا آھن.

**

ڊاڪٽر اياز قادري: هڪ ڪهاڻيءَ جي بهترين پڄاڻي

هر انسان جي زندگي ٻه ته هڪ ڪهاڻي آهي. ڪنهن جو منڍ پڇڙ ڪائيندڙ ته ڪنهن جي پڇاڙي، ڪا معنيٰ ته ڪا بي معنيٰ، ڪا خوشي ۽ سرور جو سنگم ته ڪا پيڙا ۽ درد جو امتزاج.

اياز حسين قادري ٻه هڪ ڏؤر، هڪ شهر، هڪ خاندان ۽ هڪ شخص جي ڪهاڻي آهي. هن جو جنم 19 جنوري 1927ع ڏاري ميان جي ڳڙهي (قادري پاڙي) لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. سندس والد غلام سرور ”فقير“ تعليم کاتي ۾ آفيسر هو. ساڍن پنجن ورهين جو ٿيو ته سندس والد بزرگوار راهه رباني ورتي. والده ڪيس يتيمي جو احساس نه ڏياريو. سندس چوڻ هو ”هڪ ته ماءُ ايڏي شفقت ڏني جو والد جي ڪمي محسوس ئي نه ٿي ۽ ٻيو ته فقيري اثر ڪري، مون ڪڏهن والد کي مئل نه سمجهيو. چو ته اسان وٽ هي جهان دارالفنا ۽ ايندڙ دارالبقا آهي.“

اياز قادري جڏهن ٻه ننڍپڻ کي سارينڌو هو ته لاڙڪاڻي جي منظر نگاري ڪجهه هن ريت ڪندو هو. ”اسان جڏهن ننڍا هياسي ته لاڙڪاڻي جو اولهائون پاسو بيڪر روڊ (هاٿوڪو قائد عوام روڊ) تائين. اوير ۾ قافلي سراءِ، اتر ۾ گهاڙ واهه ۽ ڏکڻ ۾ غريب مقام تائين هوندو هو. جتي هاٿي رهائشي ڪالوني ٺهي وئي آهي. سج لٿي ڪانپوءِ ويندي ٻه ماڻهن کي پئه پيو ٿيندو هو. عجيب و غريب قصا مشهور هوندا هئا. ان مقام جي باري ۾.

لاڙڪاڻو شهر ان زماني ۾ باغن، پٽرن ۽ چونڪن جو شهر هو. امن ۽ محبت جو گهوارو ادب ۽ علم جو مرڪز. لاڙڪاڻي کي ته ان زماني ۾ چوندا ئي شاعرن جو آکيرو هئا. شهر جي هندن ۽ مسلمانن کي صوفين ۽ سنتن، پيار ۽ محبت واري ڏور سان ٻڌي ڇڏيو هو. شهر جا اڳواڻ ٻه خدا ترس ۽ هڏ ڏوکي هئا. نواب حاجي امير علي لاهوري ميونسپل ڪاميٽيءَ جو عوامي پريزيڊنٽ، جيسيتائين گهوڙي تي چڙهي سڄي شهر جو چڪر نه هڻي، تيسيتائين آرام نه اچيس. اسان جي اوطاق تي ته ضرور ايندو هو. ميان علي محمد قادري سان گهڻي هوندي هيس.

اسان جي ويڙهن وچ ۾ ميان محمد صالح قادريءَ جي قبي تي راڳ ٿيندو هو. هندو مسلمان گڏ ويٺا هوندا هئا. هڪٻئي جا حال پائي ۽ باخبر، جو ايتري ٻه خبر هوندي هين ته ڪنهن جي گهر ۾ چا رڌو پڪو آهي. هڪ ٻئي ڏانهن پاچي موڪلڻ ۽ سڏي ڪارائڻ جو رواج هو.“

سائين اياز قادري جون ڳالهيون ٻڌندا هئاسين ته ان زماني ۾ لاڙڪاڻي جي معاشي ۽ سماجي صورتحال سمجهه ۾ اچي ويندي هئي. لڳندو هو ته رڳو وچ ۾ گهرن کي پٽيون هيون، باقي ته ماڻهن جو

دليون ڳنڍيل هيون. سائين قادري صاحب جي ڪچهريءَ ۾، ويٺل سنڌس سؤٽ مظهر علي عرف مجن قادري وري لاڙڪاڻي ساهه سيباڻي جي تصوير ڪشي ڪجهه هيئن ڪندو هو:

”سائين، لاڙڪاڻو معشوقن جو شهر... ننڍا هياسين ته، مائي سمل ڏٺي سين، اها مائي سمل هئي. جنهن تي مير ڪرم داد عاشق ٿيو. چياڻينس ته هزار ايڪڙ ڏيندونمانءِ، مون سان ويهه. وراڻيائينس ته مير آهيان ته ڪيجري، ويهنديس ته سهي، پر ٻڌائي ڇڏيان ته منهنجي دل ٻئي هنڌ آهي. وري سائين منهنجي ڪي چوان، ميان محمد صالح قادري جي درگاهه تي مائي عنايتان جي سنڌي جهمر ڏٺي سين، وٺي جو ناٿ ڪري ته پٽڪا ڳچين ۾..... مائي عنايتان جهڙو چپن ڪي لڱل مساڳ اڄ تائين اسان نه ڏٺو. ڇا پُڇن اڃوڪيون سرخيون .... هيون ته نالي ۾ ڪيجريون، باقي رت خاندانن جو هو. لاڙڪاڻي جي وڏيرن ۽ نوابن تي ائين ڪاتي هلندي هئي. جيئن جمعو ڪاسائي پهرن (ٻاڪرو مال) ڪي سيران ڏئي. اسان پنهنجي جوانيءَ ۾ مائي تاج ۽ خورشيد ڪي ڏٺو. بگيءَ تي چڙهي، شام جو شهر ۾ چڪر هڻي وجن ته سڄي لاڙڪاڻي ڪي باهه لڳي وڃي. اسان پاڻ انهين جي باهين ۾ جرڪياسين!“

مجن خان چپ ٿي ويندو هيو ته سائين اياز قادري چوندو هو. ”هر ماڻهوءَ ڪي پنهنجو ماضي سٺو لڳندو آهي. پر ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته اڳي ماڻهن ۾ همدردي وڌيڪ هئي. هيءَ جيڪا ٻه وٿي پئي، اها هندو مسلم سياست جي ڪري، جنهن سڄي برصغير ڪي اٿلائي پٿلائي ڇڏيو. جنهن ڪري حقيقي عشق وارا ۽ مزاجي عشق وارا ماڻهو پريشان ٿي ويا. اهي قدر جيڪي اسانجي سماج ڪي ٽيڪ ڏيون بيٺا هئا، سي ڪِري پٽ پيا. ان ڪري هر طرف خودغرضي ۽ نفسانفسيءَ جو ماحول ٿي ويو آهي.“

اياز قادريءَ جون اهڙيون ڪچهريون ته اسان ڪي ڇڪي سنڌس اوطاق تي وٺي ايندڀون هيون. جڏهن به خبر پوندي هئي ته سائين ڪراچي کان لاڙڪاڻي پهتو آهي ته، بغير ڪنهن تڪلف جي اچي سنڌس دروازو کڙڪائيندا هئاسين. اهو پٽن ڪي چيل هيس ته جڏهن به ڪو اديب يا اهل علم ماڻهو پڇڻ اچي ته ڪيس ننڊ مان به اٿاريو وڃي ۽ ائين ٿيو. اسان ڪيس ننڊ مان اٿاري ڪچهريون ڪيون. هن ڪڏهن نرڙ تي گهنڊ نه وڌو. ڪچهري هلندي هئي. ”اپنشد“ جي ڪهاڻين جو اهو ”پرجاپتي“ وارو ڪردار ادا ڪندو هو جيڪو ڪنهن ڪي به احساسِ ڪمتريءَ جو احساس نه ڏياريندو هو. باوجود انهيءَ جي ته اياز قادري علمي لياقتن جي حوالي سان ٻيجنتي مالا هو. 1944ع ۾ مئٽرڪ مدرسي هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان، بي اي آنرس، ايس ايم آرٽس ڪاليج ڪراچي مان ڪيل هيس. ايم اي فارسي، سنڌي، ايل ايل بي ۽ پي ايڇ ڊي هئڻ جي باوجود به ڏک نه ڏيندو هو ۽ نه احساس ڏياريندو هو ته ڪو اڪابرين منجهان آهي. احساس برتريءَ کان آجو وڏائيءَ کان ڪوهين ڏور، بالڪل صاف دل صوفي، جنهن جي

قول ۽ فعل ۾ تضاد ئي ڪو نہ. ان جو ٻيو ڪهرو ثبوت ڏجي تہ پاڻ اهلِ تشيعت جو ۽ سندس وڏڙن جي مسجد ۾ مولوي اهلِ سنت جو رکيل. جنهن جي پنيان نماز هٿ ڇوڙي پڙهندو هو. پڇندو هيومانس: ”اهو ڪيئن؟“

ڪلي چوندو هو: ”سجدو الله جو آهي.“

پڇندو هو مانس: ”پوءِ اهو هٿ ڇوڙڻ ۽ ٻڌڻ جو فرق ڇو؟“

جواب ڏيندو هو : ”دلين ۾ فرق نہ هجي، باقي اهي فرق ثانوي آهن.“

اياز قادري سنڌ جي انهن اعليٰ پايي جي ڪهاڻيڪارن منجهان هو جن ڪهاڻيءَ کي، سماجي حقيقت نگاريءَ جي حوالي سان اهم موڙ ڏنو. سنڌي ٻوليءَ ۾ مقصدي ادب کي هٿي ونائڻ ۾، لاشڪ تہ اياز قادري هڪ اهم ۽ وڏو نانءُ آهي. 1957ع ۾ ڇپيل سندس ڪهاڻين جو مجموعو ”بلو دادا“ هڪ اهڙي وٿ آهي، جيڪا پنئي پراڻي ناهي ٿيڻي، ٻوليءَ جي حوالي سان هو سلاست ۽ بلاغت جو ڏڻي هو. 1132 صفحن تي پي ايچ ڊي لاءِ لکيل سندس تخليقي مقالو ”سنڌي غزل جي اوسر“ پڻ هڪ اهڙو ڪارنامو آهي، جنهن تحقيق جي حوالي سان سندس نانءَ کي دائميت بخشي. ان ڪري سنڌ جي سيني نقادن ۽ علمي شخصيتن سندس محنت جو اعتراف ڪيو آهي. هري دلگير درياڻي 21 جنوري 1985ع ۾ کيس آديپور ”انڊيا“ مان لکيو.

”تو وٽان تنهنجو شاهڪار سنڌي غزل جي اوسر پهتل آهي. سنڌي غزل تي تو جيڪا محنت ڪئي. ان لاءِ تو اڳيان سر جهڪايان ٿو. بي شڪ تو لاثاني پورهيو ڪيو آهي.“

انهيءَ حوالي سان، سنڌي ادب جي ساڃاهہ وند ڊاڪٽر موتي پرڪاش 12 مارچ 1985ع ۾ کيس دبئيءَ کان لکيو ”ها اوهان جي ٿيسز جي ٻئي ڀاڱي جي هڪ ڪاپي مڪتبہ اسحاقيہ وارن موڪلي آهي. پڙهيم. ڏاڍي محنت ڪئي اٿوَ. پارٽ ۾ سنڌي غزل جو اوسر وارو ڀاڱو تہ لاجواب آهي. خاص طور سنڌي ادب جي مسئلن ۽ ترقي تي جيڪا روشني وڌي اٿوَ. سو هڪ دستاويزي ڪم آهي. سنڌ ۾ سنڌي ادب جي پارکن کي، چاهي هند ۾، سيني کي ڏاڍو پسند ايندو.“

ڊي ڪي منشاراڻي جي راءِ بہ ڏاڍي عقيدت ۽ احترام واري آهي:

”اوهان جي ٿيسز پڙهڻ کان پوءِ منهنجو رد عمل اهو آهي تہ آءٌ هن دوريءَ کان ان هٿ کي چمان ٿو. جنهن اهڙي قلم ذريعي اهڙو تحقيقاتي شاهڪار پيش ڪيو آهي.“

سچ پچ تہ سنڌ ۽ هند ۾ هر محقق ۽ اديب سندس ان ٿيسز کي مانائتو ۽ شانائتو قرار ڏنو. ۽ مڃتا طور تي 1985ع ۾ ”اڪادمي ادبيات“ ان تحقيقي مقالي تي کيس ايوارڊ سان نوازيو. تحقيق جي حوالي

سان سندس شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي لکيل مقالن ۽ مضمونن جو ڪتاب ”مون مطالع سپرين“ به هڪ اهم وٿ آهي. سچل شناسي ۾ ته سندس ڪو پيرمٽ نه هو. ان جو وڏو سبب ته سندن جد امجد فقير ميان محمد صالح، سچل سائين جو هم عصر ۽ خواجه عبدالحق جو مريد هو. اهو ئي سبب آهي جو درازا شريف جو موجوده گادي نشين ”سائين سخي قبول محمد فاروقي“ پنهنجي هڪ تقرير ۾ اهو برملا اظهار ڪيو ته، ”شايد اوهان اڄ ان ڳالهه کي realize نه ڪيو. پر اها حقيقت آهي ته سياڻي ان شيءَ کي اوهان تاريخي پسمنظر ۾ ڏسندا ته درگاهه درازا جو گادي نشين وري قادريه خاندان جي گادي نشين جو شاگرد ٿي رهيو آهي. ڊاڪٽريٽ ڪرڻ واري عرصي ۾ آءُ جڏهن به قادري صاحب سان ملندو هيس ته هڪ استاد هجڻ جي حيثيت ۾ آءُ ڪيس پيرين پئي ملڻ جي ڪوشش ڪندو هيس ۽ هو وري هڪ مريد هجڻ واري حيثيت ۾ مون کي پيرين پئي ملڻ جي ڪوشش ڪندو هيو. اها هڪ دلچسپ صورت حال هئي.“

اياز قادري نه صرف محقق هو پر اهڙن اٺن شاگردن جي پي ايڇ ڊي جي موضوعن جو نگران به رهيو. جن جو تحقيقي ڪم به قابل فخر آهي. اياز قادري ترجمن کي به وڏي اهميت ڏيندو هو. سندس ان ڳالهه تي به زور هوندو هو ته هر اديب کي ڏاريءَ ٻوليءَ جو ادب سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ادب وري ڏاري ٻولي ۾ ترجمو ڪرڻ کپي. ڇاڪاڻ ته ان عمل سان ٻوليءَ کي وسعت ملي ٿي. ۽ ان جو پاڻ عملي مظاهرو ڪندي ڪيترائي ترجما ڪيائون.

جن ۾ ”گورڪيءَ جي آتم ڪهاڻي“ـ ”آزاديءَ جا اڳواڻ“ ـ”جنن پرين جون ڪهاڻيون“ ـ ”خطرناڪ ڪهاڻيون“ ـ ”پاڪستاني ڪلچر“ ـ ”ڪراچي يونيورسٽي جي تاريخ“ ۽ سنڌي ٻوليءَ مان شاهه جي رسالي کي اردو نثر ۾ ترجمو ڪري هڪ اهم ڪم سر انجام ڏنائين. جنهن جو اعتراف اردو ٻوليءَ جي نامياري شاعر افتخار عارف به ڪيو آهي. اياز قادري صاحب لاءِ لکي ٿو:

”اياز قادري جي ڪوشش ڪري اردو ٻوليءَ وارن لاءِ شاهه لطيف جي عارفاڻي پيغام کي سمجهڻ جي راهه هموار ٿي.“

اهڙي طرح صحافت ۾ هفتيوار ”الحقيقت“ جو مدير، جڳ مشهور سه ماهي انگريزي رسالي sindh quarterly جو باني ٻيلي ۽ ايڊيٽر ٿي رهيو. شاعريءَ تي به ڪيس عبور حاصل هو. محترمه ڊاڪٽر فهميده حسين، اياز قادريءَ جي شاعري بابت لکي ٿي ”اياز قادري جو ادب، شاعري ۽ تحقيق ۾ وڏو حصو آهي. شاعريءَ تي ڪيس وڏو عبور حاصل هو.“

سچ تہ اياز قادري هڪ همہ گير شخصيت هو. جيڪڏهن سندس علمي ۽ ادبي عهدن تي نظر وجهجي تہ هڪ ڊگهي لسٽ ڏيٽي پوندي. جيڪڏهن هتي مختصر انداز ۾ سندس علمي ۽ ادبي عهدن جو ذڪر ڪجي تہ بہ اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ هو هڪ وڏي علمي ادبي هڏ ڪاٺ وارو شخص هو.

1954ع ۾ جميعت الشعراءَ سنڌ جو جوائنٽ سيڪريٽري.

1955ع ۾ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو پهريون جنرل سيڪريٽري.

ميمبر سينيٽ ڪراچي يونيورسٽي

ميمبر سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو

ميمبر انسٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄامشورو

ميمبر سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچي

چيئرمين شاهہ لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي

چيئر مين سنڌي ڊپارٽمينٽ ڪراچي يونيورسٽي

ميمبر اقبال اڪيڊمي لاهور

ميمبر ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي لاڙڪاڻو

بنيادي ميمبر 13 مئي 1997ع ۾ رائيٽرس ڪلب لاڙڪاڻو.

مون ڪڏهن بہ نہ ٻڌو تہ ترقي پسنديءَ جي نانءَ تي هن ڪڏهن مذهب کي ننديو ۽ نہ ئي ديندار جي ناتي ان کي هٿيار بڻايائين. هميشہ نيرورتا واري حالت ۾ رهيو. اياز قادري پوري ڄمار ڪنهن بہ ڌر جي پليٽ فارم کي پنهنجي ادبي قد بت کي وڌائڻ لاءِ استعمال نہ ڪيو. اڃا ٻين کي همٿائيندو ۽ اتساهيندو رهيو. اهڙن ماڻهن منجهان مان بہ آهيان. ڪيئن وساري سگهندس اهي لفظ جيڪي هن منهنجي ڪهاڻين جي مجموعي **’سچ لهڻ ڪان پوءِ بہ‘** تي، ميسيج گروپ لاڙڪاڻي پاران ڪرايل گروپ ڊسڪشن ۾ چيا هئا.

”عيسائين ۾ هڪ رواج آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن کان گناهہ سرزد ٿي ويندو آهي تہ اهو فادر وٽ وڃي پنهنجي گناهہ جو اعتراف ڪندو آهي، جيڪڏهن محبت ڪرڻ گناهہ آهي تہ آءٌ اعتراف ڪيان ٿو تہ مان منظور ڪوهيار سان سندس ڪهاڻين جي ڪري محبت ڪيان ٿو.“

جي مان خوشفهمي جو شڪار نہ ٿيان تہ اهي لفظ هڪڙي قسم جو آشيرواد ها، هڪ اهڙي ڪهاڻيڪار لاءِ، جيڪو نو آموز هو. هونئن بہ اياز قادري ڪنهن جي ڪٿل ڳالهہ ڪٿي وڃڻ وارو شخص هو. اڳلي جي ڪم علمي تي آڱر ڪڻڻ وارن مان نہ هو. اياز قادري جي عمر جو گهڻو ٽڪو حصو ڪراچي ۾

گذريو. 1949ع ۾ ايس ـ ايم لياري هاءِ اسڪول چاڪيواڙي ۾ ٽيچر جي حيثيت سان عملي زندگيءَ جو آغاز ڪيائين ۽ رٽائرمينٽ 1987ع ۾ پروفيسر ۽ هيڊ آف دي سنڌي ڊپارٽمينٽ ڪراچي يونيورسٽي جي حيثيت سان ڪيائين. ان ڪان پوءِ شاهه عبداللطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي جو ڊائريڪٽر ايڊوائزر جي حيثيت سان خدمتون سر انجام ڏيندو رهيو.

حقيقت اها هئي ته سنڌس دل لاڙڪاڻي ۾ هوندي هئي. عيد برات، شادي يا غمي يا ڪمي ڪارين لاڙڪاڻي ايندو ته پنهنجي پراڻن نون دوستن کي ساريندو. ٽيلوفون يا نياپا ڪري پنهنجي جڳهه تي علمي ادبي ڪچهريون ڪرائيندو. انهن ڪچهرين ۾ سوڀو گيانچنداڻي، علي شير رونگهو، بشير احمد شاد، محمد علي پناڻ، رزاق مهر، سليم ڪورائي، ڊاڪٽر گل بليدي، افضل قادري ۽ واجد نظر ايندا هئا.

پوڙهي ٽيڻ ڪان پوءِ ماڻهو ڪانگ وانگر پيو لنوندو آهي. پڇبو اٿس هڪ جي ته ڳالهه ٻي ڪندو آهي. پر اياز قادري جي عمر ۾ جيئن جيئن اضافو پئي ٿيو. تيئن سنڌس شخصيت تيجوان پئي ٿئي. ادبي محفل يا نجي ڪچهري هجي، ڳالهائيندو موضوع انوسار، مختصر مگر جامع. اچ به سنڌس تڪيل توريل لفظ هيئين ۾ هرن ٿا. جيڪي هن هڪ ادبي ڪچهري ۾ ڪهاڻي بابت ڳالهائيندي چيا هئا.

”جڏهن به اسان عام طرح ڪهاڻيءَ تي ڳالهائيندا آهيون ته رواجي طور تي اهو چوندا آهيون ته منجهس پلاٽ، ڪردار نگاري، ٻولي، ماحول اسلوب، ۽ مقصد هجڻ گهرجي وغيره. ڪي چون ٿا ته ڪهاڻي بنهه جڙتو هجي. ڪن جو خيال آهي ته زندگيءَ جو حصو هجي. منهنجي خيال ۾ ڪهاڻي اُها جيڪا پاڻ ڪنيون هلي ۽ آخر ۾ هڪ طاقتور اثر ڇڏي. جيڪڏهن ڪهاڻي پڙهندڙ کي ساڻ ڪنيون هلي ٿي ۽ اثر ڇڏي ٿي ته ڪهاڻيڪار ڪامياب، نه ته ناڪام. اوهان دنيا جي وڏن وڏن ڪهاڻيڪارن کي پڙهيو هوندو پر اهي ڪهاڻيون اوهان کي ياد هونديون، جن اوهان تي اثر ڇڏيو. سٺي ڪهاڻيءَ جي اها ڪسوٽي آهي ته پرپور تاثر ڏي ۽ حافظي ۾ رهي.“

موت ته اٽل آهي پر اياز قادري 15 ڊسمبر 1997ع جو جهڙي ريت ساسين سڪالو ٿيو. اهو به ڄڻ هڪ خوبصورت ڪهاڻيءَ جي پڇاڙيءَ جهڙو هيو. صبح جو سوير اٿيو. هميشه وانگر فجر جي نماز پڙهيائين. پوءِ يونيورسٽي وڃڻ جي تياري پئي ڪيائين. هن پيري اها تياري ڪا دارالبقا ڏانهن وڃڻ جي هئي. اچا بوٽن جا تسمه پئي ٻڌائين ته اجل جو سڏ ٿيو ”هارٽ اٽيڪ“ جي بهاني سان .... ان ڏينهن تي جڏهن سنڌس مڙه، ڪراچي ڪان اباڻي ڪکن ڏانهن لاڙڪاڻي پئي آيو ته ابر رحمت جون گهٽائون پئي وسيون. 15 شعبان شب قدر واري سڳوري رات جو ٻي وڳي يعني 16ڊسمبر 1997ع تي خانداني قبرستان، درگاهه ميان محمد صالح قادري جي ويجهو ڪيس آخري آرامگاهه ۾ لاٿو پئي ويو.

هڪ اهڙو استاد جنهن ڪي هر وقت علم ڪي عام ڪرڻ جو اونو هو. سنڌي ادب جو اهڙو خوبصورت شاعر ۽ اڻ مٽ ڪهاڻيڪار جنهن جو مقصد، مقصدي ادب تخليق ڪرڻ هو. اهڙو محقق جنهن سنڌي غزل جي مستند تاريخ لکي. اهڙو صاف دل صوفي جنهن جي قول ۽ فعل ۾ ڪو تضاد نہ هو. تنهن جي موڪلاڻيءَ جو منظر قابل ديد هو. آسمان تي هلڪا هلڪا بادل هڪٻئي پٺيان ڪنهن خوبصورت نظم جي بندن جيان روان دوان هئا. انهن جي وچ مان ستارن ۽ چنڊ بہ اسان جيان ليئا پائي پئي، آخري ديدار ورتو. جڏهن سندس مڙهہ آهستي آهستي ساميءَ ۾ دعائن ۽ درودن سان لاٿو پئي ويو تہ احبابن ۽ دوستن جون اکيون آبديده هيون. گهٽن جي ڳلن تان ڳوڙها وهي هليا. هر ڪنهن جي ذهن ۾ سندس يادن جي سڳنڌ سمايل هئي. ۽ منهنجي ذهن ان وقت اهو ئي پئي سوچيو تہ هن ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي ڪيڏي نہ شاندار آهي.

***

ڪامريڊ تاج محمد ابڙو: ساڃاهوند ساربان

لاڙڪاڻي جو اڄوڪو جناح باغ، جيڪو ميرن جي زماني ۾ چانڊڪا پرڳڻي جي گورنر نواب ولي محمد جو باغ هو. سندس وفات 1838ع کان پوءِ نعش امانت طور رکرائي، مقائنس تجر تهرائي وئي. جنهن جي ڪري اهو باغ تجر باغ نالي بہ سڏجڻ لڳو.

انگريزن جي ايامڪاريءَ ۾ لاڙڪاڻي جي هڪ هڏڏوکي انسان ’ريجهو مل لاهوري‘ وبائي بيماري ۾ مبتلا ماڻهن جي خدمت ڪندي پراڻ ڏنا، تہ سندس ياد ۾ ان دؤر جي ميونسپل ڪاميٽي، تجر باغ جو نالو ڦيرائي ريجهو مل پارڪ رکي ڇڏيو. 1947ع کانپوءِ اهو پارڪ بہ پاڪستاني بڻجي جناح باغ بڻجي ويو. پر اهو هنڌ انگريزن جي دؤر کان وٺي اڄ تائين لاڙڪاڻي واسين لاءِ هائيڊ پارڪ جهڙي حيثيت رکندو آيو آهي، جتي سياسي، سماجي، ثقافتي، مذهبي ۽ ادبي ميڙاڪا مچندا رهيا آهن.

1965ع ۾ آءٌ ڏهن سالن جو هيس، پاڪستان ۽ هندستان جي جنگ لڳي، سترهن ڏينهن کان پوءِ لاڙڪاڻي جي سيني اسڪولن جي ٻارن کي جناح باغ ۾ آڻي، ’ايمان افروز جلسن‘ ۾ زوري شرڪت ڪرائي وئي، جيئن اڄڪلهہ ڪرائي ويندي آهي، مون بہ پرائمري اسڪول جي شاگرد جي حيثيت سان شرڪت ڪئي، اڄ تائين اهو قومي گيت ياد آهي، جيڪو ٻڪ ۽ اُڄ تي استادن دڙڪا ڏئي ياد ڪرايو هو.

اي خطہ لاهور تيري جانثارون ڪو سلام

جڏهن ٻارهن تيرهن سالن جي عمر تي، تہ گهر جا ياتي سودو سلف، گوشت مڇي وٺڻ لاءِ شهر موڪلڻ لڳا. جيڪڏهن پاڪستاني چونڪ يا مڇي مارڪيٽ وڃڻو هوندو هيو تہ لاهوري محلي کان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏانهن رخ ڪبو هو پوءِ سول اسپتال ۽ آخر ۾ جناح باغ مان وچ ڪري منزل مقصود تي پهچبو هو. جناح باغ مان گذرندي رنگ وار (تاش راند جو هڪ قسم) ڪيڏندڙ ٽولن جا هوڪرا، مدارين جا ڪرتب، مشڪرن جو مشڪريون، سياسي، سماجي ۽ ادبي جلسن کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جا موقعا فراهم ٿيندا هيا.

ڪڏهن ڪڏهن اهڙن جهميلن ۾ ياجي وٺڻ بہ وسري ويندي هئي. پوءِ جڏهن خالي چلي سان گهر پهچبو هو تہ گهر وارن جي دڙڪن ۽ دهمانن سان منهن ڏيڻو پئجي ويندو هو.

مون جن شخصيتن کي جناح باغ ۾ ڏٺو ۽ ٻڌو انهن ۾ قاضي فضل الله، محمد ايوب کهڙو مولانا محمد قاسم مشوري، نصير الجتهادي، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، عبدالغفور پرڳڙي، ممتاز علي ڀٽو

عبدالوحيد ڪٽپر، عبدالرزاق سومرو، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، ڪامريڊ جمال الدين بخاري، ڪامريڊ تاج محمد ابڙو وغيره وغيره.

ٻن شخصيتن جي تقرير جو انداز ڏاڍو منفرد هيو. هڪ ڪامريڊ جمال الدين بخاري جي تقرير،جيڪا باھ جي شعلي جيان ڀڙڪيلي هوندي هئي، ۽ ٻيو ڪامريڊ تاج محمد ابڙي جي تقرير جيڪا نار جي لوڙهين جيان ٿڌي ۽ مٺي پاڻيءَ جهڙن لفظن جي پالوٽ ڪندي هئي.

ايوبي آمريت جي خلاف جناح باغ يا غريب مقام ۾ پرجوش ۽ توڙ ڦوڙ وارا جلسا ٿيندا هيا. پيپلز پارٽي جي جيالي مقرر عبدالوحيد ڪٽپر جي تقرير ٻڌڻ کان پوءِ نوجوان واپس گهر ورندي ڪنهن نہ ڪنهن سرڪاري دفتر جو بورڊ پٽيندا يا تعليمي ادارن جي دروازن ۾ لڳل شيشن کي پٿرن يا سروٽن سان چٽي پنهنجي نفرت جو اظهار ڪندا هيا. پر ڪامريڊ تاج محمد ابڙي جي تقرير ڏاڍي مدلل ۽ ملڪ جي ٻرندڙ مسئلن تي هوندي هئي. جيڪا جوش کان وڌيڪ هوش ۾ رهڻ ۽ سوچڻ تي مجبور ڪندي هئي.

صدر ايوب ويو يحيٰ آيو. 1970ع واري اليڪشن ٿي. اوڀر پاڪستان ۾ شيخ مجيب الرحمان کٽي ۽ اولھ ۾ ذوالفقار علي ڀٽي صاحب. پوءِ سياسي رساڪشي شروع ٿي. فوجي آپريشن شروع ٿيو. اوڀر پاڪستان جي بنگالين مزاحمت ڪئي. الشمس و البدر ۽ مڪتي باهني ٺهيون. اڳتي هلي1971ع ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي جنگ لڳي تہ جناح باغ ۾ چهل پهل وڌي وئي.

خاڪسار تحريڪ قوم کي هوشياري وٺرائي، '**آگی چل پیچھے چل**' واري پريڊ ٿيڻ لڳي، ٻيو تہ ٺهيو شاهي بازار جي شيخ دوڪاندارن بہ جناح باغ ۾ ٽريننگ وٺڻ شروع ڪئي ۽ ظاهر ظهور گهاتي جو سودو ڪيو.

پر يحيٰ ميدان ڇڏي، جهنگلن ۽ درياهن ۾ وڙهڻ جو اعلان ڪيو تہ شيخ صاحبن جو جوش ۽ جنون بہ ختم ٿي ويو. پر جي اها جنگ وڌيڪ هلي ها تہ وڌو ڪِنُ ٿي ها. منهنجو ڪو ٻيو مطلب ڪانهي، سواءِ انهي جي تہ شاهي بازار جا شيخ هڪ سياڻا ڪانوَ ۽ ٻيو ٿين ها جنگجو شاهين تہ ڇا ٿا سمجهو!؟

جنگ جي خاتمي کان پوءِ ڀٽو صاحب اول صدر بڻيو ۽ پوءِ وزيراعظم ٿيو. جناح باغ ۾ شور وڌي ويو. جهڙوڪ ابن الوقت برساتي ڏيڏرن جو زمانو اچي ويو. جنهن جو گهر ۾ وٽي تي بہ نالو نہ هوندو هو سو جناح باغ جي اسٽيج تي چڙهي گهٽ ۾ گهٽ ڏيڍ لک برادري يا پنهنجي قوم سان پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيندو هو.جناح باغ جي اندر ٽائون هال جي عمارت نيشنل سينٽر بڻي. مرحوم خادم حسين شاهہ بخاري

ريزيڊيٽ ڊائريڪٽر ٿيو. هفتي ۾ گهٽ گهٽ ٽي چار سياسي سماجي پروگرام ٿيندا رهيا. انهيءَ دؤران مون ٻن ماڻهن ۾ تبديلي نہ ڏٺي، هڪڙو هيو ڪامريڊ جمال الدين بخاري ۽ ٻيو ڪامريڊ تاج محمد ابڙو.

مون ڪڏهن بہ ڪامريڊ تاج محمد ابڙي کي درٻاري انداز ۾ تقرير ڪندي يا گٽا لفظ ڳالهائيندي نہ ٻڌو ۽ سندس انداز اهو ئي مختصر مگر جامع ۽ پرفضيلت رهيو. جڏهن تہ برساتي ڏيڏر ان زماني ۾ آپي کان ٻاهر هوندا هيا، اجايو سجايو پيا واڻيندا ۽ تان تان ڪندا رهندا هيا. جيڪڏهن انهن تي لکجي تہ اها بہ جهڙوڪ لاڙڪاڻي جي سياسي ۽ سماجي تاريخ ٻڻبي.

تاج محمد ابڙي جي ڪچهرين جو چوٻول اُن دؤر ۾ چڱن ماڻهن جي وٽان ٻڌبو هيو تہ سندس اوطاق لاڙڪاڻي جو علمي ۽ ادبي مرڪز آهي. پر شرڪت ڪرڻ جو ڪڏهن بہ موقعو نصيب نہ ٿيو البت ڪيس نوڙي سلام ڪرڻ ۽ ملڻ جا ڪيترائي موقعا نصيب ٿيا ۽ ڪامريڊ هميشہ مشفقانہ ۽ پدرانہ انداز ۾ ملندو رهيو.

1972ع جي دؤران نيشنل سينٽر جي آڊيٽوريم هال ۾، جڏهن مون ڪامريڊ تاج محمد کي مسلسل غير حاضر ڏٺو تہ ڪامريڊ جمال الدين بخاري کان پڇيم:

’سائين ڪامريڊ تاج محمد صاحب نظر نہ ٿو اچي اج ڪلهہ؟‘

ٻڌايائين تہ ڪامريڊ جج ٿي سکر پهتو آهي. پوءِ لاڙڪاڻي ۾ خصوصن جناح باغ ڪامريڊ تاج محمد ابڙي جي ڪمي کي ڏاڍو محسوس ڪيو.

1979ع جو پرآشوب دؤر هيو. ضيائي مارشل لا عروج تي هئي، لاڙڪاڻي ۾ ڪنهن مسڪين جو اِڳٺ اتفاق سان لڙڪي پوندو هو تہ مارشلائي قانون جي ضد ۾ اچي ويندو هيو. اسٽيشن روڊ تي هڪ عجيب و غريب هوٽل ڪليو نالو هيس تماچي ـــ اندرگهڙبو هو تہ چار پنج ٽري چوئنرا نهيل هوندا هيا.۽ هر چوئنري اندر ڏهہ ٻارنهن ڪرسيون پيون هونديون هيون شهر جا اڪثر ڪاٻي ڌر سان سلهاڙيل جوشيلا نوجوان ۽ نام نهاد ڪامريڊ پنهنجا پنهنجا ٽولا ٺاهيو وينا هوندا هيا. سندن پرسان انٽيليجنس جا ماڻهو بہ ڪن اوپڙا ڪيون وينا هوندا هيا. انهن چوئنرن جي اندر تيز تند ۽ ڪڏهن ڪڏهن سنجيدگي سان ستايل قوم کي جاڳائڻ جون تدبيرون ٿينديون هيون . انهن ٽولن ۾ هڪڙو ٽولو ڪامريڊ روشن شيخ جي ارد گرد بہ وينو هوندو هيو. ڪامريڊ روشن شيخ بہ عجيب اڌ راتي ڪردار هيو. جيڪو رات جو جاڳندو ۽ ڪم ڪرڻ جي مهل سمهي پوندو هيو. جنهن تي ڪڏهن نہ ڪڏهن ضرور لکبو اُهو هميشہ اُنهن ماڻهن کي پنهنجي تنقيد جو نشانو ٻڻائيندو هيو جن پيٽي صاحب جي دؤر ۾ نوڪريون

ورتيون. انهن ۾ خاص ڪري شيخ اياز ۽ ڪامريڊ تاج محمد ابڙو ٽارگيٽ هوندا هيا. مون به جڏهن سندس تنقيد پڙهي ته اثر ورتو.

هڪ ڏينهن بيڪر روڊ، پوءِ قائد عوام روڊ ۽ هاٽي عرف عام قائم شاهه بخاري روڊ تان لنگهندي ڪامريڊ جمال الدين جي منهن چڙهي ويس. مون تي ڪامريڊ روشن شيخ جو نئون نئون اثر هيو سو ان حوالي سان سوال ڪري وڌم. ڪامريڊ جمال الدين نڪا ڪئي هم، نه ڪا ڪئي تم، هٿ کان چڪي گهر وٺي ويو. گهر جي بيٺڪ ۾ ويهاري چيائين:

”هاٽي چئو.“

مون چيو: ”سائين اڄڪلهه اِها عام تنقيد آهي ته ترقي پسندن پٺتي صاحب جي زماني ۾ نوڪريون وٺي نظرياتي غداري ڪئي آهي.“

”مثلن؟“

”شيخ اياز ۽ تاج محمد ابڙي وغيره“

”پڙ. ڪامريڊ تاج محمد ابڙي مون کان پڇيو هو ته ذوالفقار علي ڀٽو چاهي ٿو ته آءُ ڪو منصب وٺان، تنهنجي ڇا راءِ آهي؟ خبر ٿي مون ڇا چيو؟“

”ڇا چيو؟“

”مون چيو وڃي جج ٿيءُ، غريب ۽ مظلوم ماڻهن جي داد رسي ڪر. پوءِ هو جج ٿي ويو.“

مون وراڻيو: ”ڪامريڊ. پوءِ ته اُهو ڪابي ڏر وارن تي ليبل لڳندو ته هو پنهنجيون خدمتون ڪيش ڪرائن ٿا“.

ڪامريڊ وراڻيو: ’اها ڳالهه ته پڌاءِ، جي ساڄي ڌر وارا پنهنجا ماڻهو سرڪاري ادارن ۾ موڪلن ته صحيح، جي اسان موڪليون ته غلط؟ هن وقت سرڪاري شعبن ۾ وڏ ۾ وڏ ساڄي ڌر جا ماڻهو ويٺا آهن. ان ڪري جيڪي به پاليسيون ٺهن ٿيون،اُهي رجعت پسندانه آهن. اِن جو توڙ اِهو آهي ته اسان جا ماڻهو به هر شعبي ۾ هجڻ گهرجن.“

مون کي ڪامريڊ روشن جو ڏنل بخار هيو. ڦيرائي سوال ڪيو مانس:

”پر جيڪڏهن اُهي موڪليل ماڻهو سرڪاري يا درباري ٿي وڃن ته ڇا اُهي نظريي سان سچا رهي سگهن ٿا؟“

”اڙي ...! جڏھن رجعت پسندن جا ماڻھو پنھنجن سان سچا آھن. تہ اوھان پنھنجن تي شڪ ڇو ٿا ڪيو...؟ ۽ ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏ,تہ ھي جيڪو بہ پٽي صاحب سان ٿئي پيو. ان جو سبب اھو ئي آھي,تہ اھم ادارن ۾ رجعت پسندن جو تعداد وڌيڪ آھي.“

ڪامريڊ اھو ٻڌائيندي جڏھن مونکي سواليہ نگاھن سان ڏٺو تہ مان لاجواب ٿي ويس. ۽ ذوالفقار علي ڀٽي سان ٿيندڙ عقوبتن جو سبب سمجھہ ۾ اچي ويو.

۽ پوءِ مون کي احساس ٿيو تہ ان وقت اِھا ترقي پسندن جي حڪمت عملي ھئي تہ ائين ڪجي ۽ اُن حڪمت عملي سان ڪيترو نياپو ويو. اِھو ھڪ الڳ بحث آھي. پر اِھا حقيقت آھي تہ ڪامريڊ تاج محمد ابڙي خوب نڀايو ۽ ابڙو وڏوڙو ٿي ڏيکاريو.

ان جي شاھدي سنڌ جي معتبر شخصيت ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي بہ ڏئي ٿو:

”ڪامريڊ تاج محمد ابڙي جي زندگي جو مقصد ھيو. سڌل معاشري کي جاڳائڻ ۽ مظلوم ماڻھن جي داد رسي ڪرڻ - ھُو وڪيل ھيو تہ بہ ان راہ تي گامزن ھيو ۽ جج ٿيو تہ بہ ساڳي مقصد جي تحت زندگي گذاريائين. سنڌ ۾ جيڪڏھن اھڙا ڪميٽيڊ ماڻھو سؤ ڪن بہ ھجن ھا تہ معاشري ۾ انقلاب برپا ٿي سگھي پيو.“

مرحوم اياز قادري پنھنجي نجي ڪچھرين ۾ اسان کي ٻڌائيندو ھيو تہ لاڙڪاڻي ۾ جيڪا ترقي پسند ادب جي شمع روشن آھي, سا سنڌي ادبي سنگت لاڙڪاڻي جي پھرين سيڪريٽري جي حيثيت سان ڪامريڊ تاج محمد ابڙي جي ٻاريل آھي.

ڪي ماڻھو اِھو بہ ڏيڪ ڏيندا آھن تہ ڪامريڊ تاج محمد ابڙي سنڌي ادبي سنگت جي باني مباني ھوندي بہ ڪجھہ نہ لکيو.

تہ اِن جو تز جواب اِھو آھي تہ ڪامريڊ ادب دوست ۽ ادب پرور اڳواڻ ھيو. جتي ادب دوست ۽ ادب پرور اڳواڻ ھوندا آھن, اُتي ئي سرجڻھارن ۽ تخليقارن جا قافلا روان دوان ھوندا آھن.

8 آگسٽ 1924ع ۾, ھي شھدادڪوٽ جائو. زندگيءَ جي آخري گھڙين تائين پنھنجي ذھن ۽ ضمير سان سچو رھيو. سچ پڇو تہ لاڙڪاڻي جي ترقي پسند اديبن کي 10 مارچ 1986ع تي سندس وڇوڙي کان پوءِ اِھو شدت سان احساس ٿيو تہ ساڃاھوند ساربان کان سواءِ معاشرتي رڃ جو سفر ڪيڏو نہ ڏکيو ھوندو آھي.

**

ڪامريڊ جمال الدين بخاري : ٻري جن ٻاري

مٿي تي فليٽ ڪيپ، هٿ ۾ ڇڙي، لينن ڪٽ ڏاڙهي، مڙس هلڪي قد جو وڏ ۾ وڏ سوا پنج فوٽ، پر ڏيا ڏهـ فوٽي، شعلہ بيان، واٽ سان جيڪو بہ مليو، تنهن سان ڪچهري شروع. عجيب مردِ قلندر هيو. ڪامريڊ جمال الدين بخاري. جيئن مون ڏٺو محفل ۾، مذاڪرن ۾، ادبي گڏجاڻين ۾ ، دهل تي ڏونڪي مثل.

1976ع جي ڳالهہ آهي. ڪامريڊ هڪڙي دفعي نيشنل سينٽر لاڙڪاڻي (جناح باغ اندر ٽائون هال جي عمارت) ٻاهران ڏاڪڻين تي هڪ مولوي سان بحث ۾ مصروف هيو. ٻنهي جي پرسان لنگهندي ائين ڦاسي پيس، جيئن اُبت ڪنڌڻيءَ ۾ ڪنهن واٽهڙو جو دامن ڦاسي پئي. ٻنهي ڄڻن بحث کي ٻڌڻ لاءِ روڪي منصف ڪري ڇڏيو.مولوي ٻيو ڪونہ هيو.منهنجي اسڪول جي زماني ۾، عربي جو استاد ۽ پاڙيسري سائين مولوي نورالدين چانڊيو صاحب ۽ ٻئي طرف ڪامريڊ جمال الدين بخاري. پهريون دفعو انگريزيءَ جو اِهو محاورو سمجهہ ۾ آيو تہ Between fire and water ڇاکي چئبو آهي.

سائين مولوي نور الدين فرمايو: ”ڪميونزم سراسر غلط آهي.“

ڪامريڊ هڪدم وراڻيو: ”اسلام پاڻ ڪميو نزم سيکاري ٿو ...تون وري چوين ٿو ,ڪميونزم غلط آهي. اسلام اشتراڪ جي ڳالهہ ڪندي Majority of people جي ڳالهہ ڪري ٿو. اسلام چوي ٿو، عربي،عجمي، گوري ۽ ڪاري جي وچ ۾ فرق ناهي. تون وري جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جي حمايت ڪندي انفراديت جي ڳالهہ ڪرين ٿو.“

”توهان سڀني انسانن کي برابر ڪٿا ڪري سگهو ٿا. اهو خدا جو فيصلو آهي، جنهن کي ذلت ڏي، جنهن کي عزت ڏي!“

”او يو ملان..! ڳالهائين ڇا ٿو؟ اسان سڀني انسانن کي ائين برابر ڪنداسين، جيئن پاڻ رسول جن بلال حبشي کي پين جي برابر ڪيو.“ ڪامريڊ هوا ۾ مُڪ لهرائيندي جواب ڏنو.

”پر جمال الدين صاحب، سؤ ڳالهہ جي هڪڙي ڳالهہ ڪميونزم خدا کي نہ ٿو مڃي.“

”ڪميونزم انساني حقن جي ڳالهہ ڪري ٿو؟ خدا بہ انساني حقن جي ڳالهہ ڪري ٿو....مون کي هڪڙي سوال جو جواب ڏي ....اسلام سڀني ماڻهن جي حقن جي ڳالهہ ڪري ٿو يا اُنهن جي حقن جو

جن گهٽائي جو استحصال ڪيو...؟ پوءِ جيڪو نظريو حق جي ڳالهه ڪري ٿو خدا جي خلاف ڪيئن آهي؟"

"هي ڏس!" ڪامريڊ جمال الدين بخاري، مولوي نورالدين چانڊيٽي کي سمجهائيندي چيو: "خدا پاڻ ناهيو آهي... پاڻ مان مخلوق پيدا ٿي ...خالق حق آهي، مخلوق به حق آهي. منصور حلاج چيو،مان حق آهيان ته اوهان چڙي پيئه...اوهان منصور کي نه سمجهيو ته ڪميونزم کي ڇا سمجهندؤ!."

ٻنهي ڄڻن جي بحث مباحثي ۾ مون سان مصيبت اها هئي ته مولوي صاحب هر سوال ڪرڻ کان پوءِ مون کي داد طلب نگاهن سان پئي ڏٺو ۽ هر جواب کان پوءِ ڪامريڊ مون سان تائو ملائي حمايت پئي حاصل ڪئي. مولوي نورالدين چانڊيو ڪامريڊ سان ته نه پڄي سگهيو پر پاڙيسري ۽ بزرگ جي حيثيت سان مون سان ڏاڍي ڪيائين.

ڪامريڊ جمال الدين بخاري سان هر هفتي جناح باغ، قائم شاهه بخاري روڊ (قائد عوام روڊ) يا سندس گهر جي ٻاهرين ڪمري ۾ قائم ٿيل انصاف پرنٽنگ پريس ۾ ملاقات ٿي ويندي هئي. ملاقات اڌ ڪلاڪ کن هلندي هئي پر جي ڪامريڊ کي ڪو سياسي غم و غبار چڙهيل هوندو هيو ته پوءِ ڪچهري ڪلاڪ ڏيڍ تائين به هلندي هئي.

1976ع جي نومبر ڊسمبر مهينن ۾، مان پنهنجي ڳوٺ ڪنڊو خان بليدي ۾ رهيس. 1977ع جو جنوري مهينو هيو مان قائم شاهه بخاري روڊ تان لنگهندي انصاف پريس ۾ جهاتي هنئي ته ڪامريڊ کي سلام ڪندي گذري وڃان. ڪامريڊ ته نظر نه آيو البت سندس پٽ ڪمال الدين بخاري کي هميشه وانگر ڪمپوزنگ جي ڪم ۾ رڌل ڏٺم. مون ڪيس سلام ڪري ۽ اڳتي وڃڻ پئي گهريو ته ڪمال سلام جو جواب ڏيندي چيو :

"ڇڱو ٿيئه، جو اچي وئين ....بابا سائين اوهان کي سنڀالي پيو."

مون چيو، اڄ خير نه آهي .... گهڻا ڏينهن ٿيا آهن نه مليو...

مان ڪمال جي پٺيان هلندو ڪامريڊ جي ڪمري ۾ داخل ٿيس. ڪمري جي اولهائين پاسي کٽ، کٽ تي اڌوراڻي چادر وڇايل، جنهن تي ڪامريڊ چڙهيو وينو هو. مون ڏٺو ته وڏيڪ جهونو ٿي ويو هو. ڪلها لڙڪيل، اوورڪوٽ ۾ ايئن پئي لڳو ڄڻ زير بار هجي، پر ڪڙڪو ۽ ڏاڍاڪُ ساڳيو:

"ڇا حال آ جوان ؟" هٿ وڌائيندي پڇيائين.

"ٺيڪ آهي." مون هٿ ڏيندي، سندس سامهون رکيل هڪ ڪرسي تي ويهندي وراڻيو.

"اڄ جي سياست جو ڇا حال آهي ...؟"ڪامريڊ پڇيو.

”ملڪي سياست مڙئي هلي پئي.“ مون بيزاري مان وراڻيو.

”هاڻي هي ڏس.“ ڪامريڊ سمجهائڻ واري انداز ۾ چوڻ لڳو.

”يا اوهان بنهه جذباتي آهيو يا وري بنهه مايوس.....جذبو جڏهن حد کان وڌي ويندو آهي ته اهو ماڻهن جي لاءِ نقصان ڪار ٿيندو آهي. جڏهن باه تيز ٿيندي آهي ته ڪُنو ٽهڪڻ لڳندو آهي. اوهان ڏاڍا خوش ٿيندو ۽ باه کي تيز ڪندو، پر ڇا ٿيندو...؟ پاڻي ٻاڦ ٿي ڍڪڻ ڪيرائيندو. پوءِ اُٻري هيٺ ڪرندو ۽ هيٺيان واري باهه کي وسائي ڇڏيندو جنهن ڪيس حرارت ڏني هئي.... مايوسيءَ جي حالت ۾ اوهان ماتم ڪندؤ.. روئيندؤ. جيڪي رڳو روئيندا ۽ ڪندا ڪجهه ناهن. انهن جي روئڻ ۽ پٽڻ مان فائدو! ؟“

ڪامريڊ کي ڳالهائيندي کنگهه اچي ورتو. کنگهڻ، ڪڙڪڻ ۽ ٿوڪ دان ۾ کانگهاري اڇلائڻ کان پوءِ وري شروع ٿيو. ”هاڻي اسان جا ريئيڪشنري دوست ڇا ٿا چون .....“ مون سمجهي ورتو ته اج ٻه ٽي ڪلاڪ ڇتا. ڇو ته اهوئي سياسي غبار هو جيڪو ڪامريڊ کي ڪيڏو هو.

”چون ٿا ته ذوالفقار علي پٽو وڏيرو آهي، هن جي سوشلزم جو نعرو ڍونگ آهي، ٺيڪ آهي، پٽو وڏيرو آهي، پر پنهنجي وڏيرپ تان شفٽ ٿيو آهي يا نه ...؟ اسان کي ڏسڻو آهي ڦيرو آيو آهي يانه....؟ تبديلي آئي آهي ايا نه .....؟ باقي رڳو اها تنقيد ته پٽو وڏيرو آهي ...پوءِ مان پڇان ٿو ته ڇا مارڪس غريب جو پٽ هو...؟ ڇا لينن غريب جو پٽ هو...؟ ڇا مهاتما گانڌي غريب جو پٽ هو...؟ ڇا محمد علي جناح غريب جو پٽ هو...؟ ڇا نهرو غريب جو پٽ هو...؟ ڏسڻو اهو آهي ته ايڪشن ڇا آهي .... ۽ ان جو ريڪشن ڇا ٿو ٿئي ...؟“

ائين لڳو چڻ ڪامريڊ هاڻي ترنگ ۾ اچي ويو هو:

”اري بيٺي .. ميري دانت لائو...!“ ڪامريڊ بخاريءَ زور سان رڙ ڪئي. مون کي اندازو ٿي ويو ته هاڻي سندس ڳالهائڻ جو انداز تقرير ۾ تبديل ٿيندو. سوئيٽر ۾ ويڙهيل سيڙهيل ڪامريڊ بخاري جو ننڍو پٽ معظم بخاري مصنوعي ڄاڙي کڻي آيو. ڪامريڊ ڇابڪدستيءَ سان ڄاڙي منهن ۾ ٽپائي ۽ پوءِ خطابت جا جوهر ڏيکارڻ شروع ڪيا:

”هاڻي اسان جا نادان دوست چون ٿا. هارين کي جيتري ٻني ملڻ کپي، پٽو اوتري نه ٿو ورهائي ..... ڪارخانا جهڙي نموني قومي ملڪيت ۾ وٺڻ گهربا آهن، نٿو وٺي ... اڙي، آءُ چوان ٿو زيرو کان وڌيو آهي ... هڪ ڪيو آهي ... ته اسان کي چوڻ کپي ... ٻه ڪر...! پٽو چوي ته سؤ ڪارخانا قومي ملڪيت ۾ وٺان ٿو ... اسان کي چوڻ گهرجي، شاباس ... بيٽا وٺ...! هو چوي ته آءٌ ٻني ورهايان ٿو ... ته اسان کي چوڻ

گهرجي، پلي ورهاءِ، وڏيڪ ورهاءِ...! پر ائين چوڻ تہ غلط ورهائي ٿو...ائين نہ ڪري..... هيئن ڪري.... مجان ٿو ذوالفقار علي وڏيرو آهي، پر وڏيرو عوام جي ڳالهہ ڪري ٿو..... چوي ٿو طاقت جو سرچشمو عوام آهي ... پوءِ اسان جا دوست چوٿا ڏچن ... وڏڻ ڏيوس ...!" ڪامريڊ بخاري باقاعده جوش ۾ جولان ۾ اچي ويو.

"اري بيٽي!... هماري لئي چاءِ لائو...!" ڪامريڊ بخاري رڙ ڪندي، چانهہ لاءِ چيو. مون کي اندازو ٿي ويو تہ هاڻ تقرير جو آخري حصو ناصحانہ هوندو.

"هڪڙي ڳالهہ ٻڌ...! اسان جا دوست بيوقوف آهن ... اقرار ۾ انڪار ٿا ڪن ... هاڻي هي مثال ٻڌ، خيال سان ... ڪچي جا هاري سست ٿيندا آهن. جيڪي درياه جي لٽ تي رڳو چٽ ڪندا آهن. ان سان گڏ گهٽو گاهہ بہ پيدا ٿيندو آهي پر گاهہ ناهن ڪڍندا. پتو بہ اَنُ چتي ٿو. هن کي چتڻ ڏيو...گاهہ ضرور پيدا ٿيندو پر اَن بہ ضرور ٿيندو... هاڻي اسان کي اِهو ڪرڻو آهي، جو گاهہ چونڊڻو آهي ۽ ان کي طاقت ڏيڻي آهي. نہ ڪي ائين چوڻو آهي تہ ان ئي نہ چٽيو وڃي. مايوس ناهي ٿيڻو ان شاعر وانگر جيڪو هڪ مشاعري ۾ روئي پٽي پيو:

اي گردشِ دؤران ڪيا هوگا ؟

خبر ٿي مون ڪهڙو جواب ڏنو مانس:

"نہ ..." مون وراڻيو.

"رڙ ڪري چيو مانس: هم جو چاهين گي، وهي هوگا."

ڪامريڊ مڪ لهرائي ڳالهہ ختم ڪئي تہ چانهہ بہ آئي ۽ ان سان گڏ ڪاچا بہ.

منهنجي دل ۾ آيو تہ اجوڪي طويل ڪچهري جو فائدو وٺندي سندس شخصي پروفائيل لکي وٺجي. پيِن ۽ پنو ڪڍي ڪيس گذارش ڪيم.

منهنجي گذارش تي ڪامريڊ پنهنجي شخصي تعارف ڪجهہ هيئن لکرايو تہ سندس پورو نالو جمال الدين حسن بخاري آهي، حسب نسب جي حوالي سان سيد جلال الدين سُرخ بخاري جي پونيرن مان آهي، سندس تاريخ پيدائش 14 مارچ 1900ع آهي. جاءِ پيدائش احمدآباد گجرات هندستان آهي. علي ڳڙه ڪاليج جا مشهور شاگرد قاضي فضل الله، پير الاهي بخش، مولانا محمد علي جوهر، دين محمد وفائي، قاضي خدا بخش سندس دوستن منجهان هيا.

ارڙهن سالن جي عمر ۾ ڪاهي ڏر جي آزاديءَ وارين تحريڪن ۾ حصو ورتائين. روس جي انقلاب 1919ع کان پوءِ دوستن سان گڏجي، پشاور کان مزار شريف، ڪابل، ترمز،تاشقند ۽ بخارا پهتو. اِهو سڄو سفر پيادل يا گڏهه تي چڙهي ڪيائين.

1920ع ۾ هندستان موٽي آيو ۽ لاڙڪاڻي ۾ منعقد ٿيل خلافت ڪانفرنس ۾ حصو ورتائين. ڪراچي سازش ڪيس ۾ مولانا محمد علي جوهر ڪانپوءِ ڪيس ڇويهه مهينا سخت پورهئي سان سزا ملي. 1924ع ۾ آزاد ٿيو ته هنسا لائين ڪمپني جي ساموندي جهاز ۾ فائرمين جي حيثيت سان ڪم ڪيائين. هن عدن، پورٽ سعيد، جبرالٽر، لورپول، لنڊن ۽ هيمبرگ (جرمني) تائين چڪر هنيا ۽ پوءِ نوڪري ڇڏي ڏنائين .

1925ع ۾ نارٿ ـ ويسٽرن ريلوي يونين ڪراچيءَ جو ڊويزنل سيڪريٽري بڻيو ۽ ”آزادي“ نالي اخبار ڪيڍڻ شروع ڪيائين.1927ع ۾ مزدور ڪسان پارٽي ڪي سنڌ ۾ منظم ڪيائين. 1930ع ۾ راجشاهي ڪانفرنس ڪانپوءِ ڪيس گرفتار ڪيو ويو. 1939ع تائين بنگال ۽ پوتان جي سرحدن وارن مختلف جيلن ۾ رهيو. جن ۾ هوراب، بهرام پور، بڪسا فورٽ وغيره هيا. 1940ع ۾ آزاد ٿيو ته ڪيس آل انڊيا ڪسان سڀا جو صدر مقرر ڪيو ويو. اپريل 1940ع ۾ وري گرفتار ٿي بڙودا ۽ ناسڪ جيلن ۾ رهيو. 1942ع ۾ ڪيس رهائي نصيب ٿي. اپريل1948ع ۾ سيفٽي ايڪٽ تحت گرفتار ٿيو.

1949ع ۾ لاڙڪاڻي شهر ۾ اچي رهيو. 1954ع ۾ ون يونٽ جي خلاف بيان ڏيڻ جي ڏوهه ۾ سکر جيل پيو. 1955ع ۾ سنڌي ادبي سنگت لاڙڪاڻي جو جوائنٽ سيڪريٽري ٿي رهيو. 1960ع ۾ ڪامريڊ جمال الدين بخاريءَ جا ڪميونسٽ پارٽيءَ سان اختلاف ٿي پيا.جنهن ڪري سياسي سرگرمين کان ڪناره ڪش ٿي ويو. البت لاڙڪاڻي ۾ ٿيندڙ سماجي، صحافتي، ادبي ۽ فلاحي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو ورتائين.

ڪامريڊ جمال الدين پنهنجي زندگيءَ جو هڪ واقعو ڪجهه هيئن ٻڌايو:آءٌ مزدورن سان ڪچهريون ڪري رات جو ڪلڪتي جي فوٽ پاٿ تي سمهندو هيس. اڌ رات جو ٽئين وڳي تي ماڻهو مون تي چڙهي ويا. مون کي سختي سان سوگهو ڪيائون. مون ڪائن پڇيو: ”اوهان ڪير آهيو؟“ هنن چيو: ”تنهنجا بابا آهيو توکي گرفتار ڪرڻ آيا آهيون.“

مون چيو:”ڀل گرفتار ڪيو پر ائين سختي نه ڪيو. آءٌ توهان سان هلڻ لاءِ تيار آهيان.“ هنن مون کي ڇڏيو ته مان اُٿي پنهنجو ڪاٻو هٿ پينٽ جي کيسي ۾ وڌو ته جيئن پائيپ ڪڍي تماڪ وجهي دکائي

سوٽا ھٽندو ٽاٽي تي وڃان. مون جيئن ئي پائيپ ۾ ھٿ وڌو تہ اُن جي ڳڻي تُوري ٻاھر آئي ۽ ھو ڀيؤ ۾ مون ڪان پري تي بيٺا تہ ھڪڙو چوڻ لڳو :

”بخاري! ڊونٽ لوز يوئر ٽيمپر يعني بخاري جذباتي نہ ٿيءُ.“

مون ڪلندي وراڻيو ”جيڪڏھن اوھان ھڪ پائيپ کان ايترو ڊڄو ٿا، تہ پوءِ پڪ سان ھن ملڪ ۾ حڪومت نہ ڪري سگھندؤ.“ مون ڪين ڪيسي مان پائيپ ڪڍي ڏيکاريو تہ ھنن کي ڏاڍي منيان لڳي ۽ چوڻ لڳا، ”ھن جو دماغ گرم آھي.ھن کي يخ ٿڌي جڳھہ تي موڪلڻو آھي.“ پوءِ اسان کي پوتان جي سرحدي جيلن ڏانھن موڪلي ڇڏيائون. پھرين ڏھاڙن ۾ ڏاڍي سردي ٿيندي ھئي. پر اتي ھڪڙي ڪامريڊ چيو، ’اوھان ذھن مان سردي ڪڍي ڇڏيو تہ سردي ختم ٿي ويندي.‘

پوءِ اسان ائين ڪيوسي تہ سردي ختم ٿي وئي.

سزا جي طور تي ميلن جا ميل خوامخواہ پنڌ ڪرايو ويندو ھو. حقيقت ۾ تہ اھي ڏينھن ائين ھيا جيئن لطيف جو بيت آھي:

سکر سي ئي ڏينھن، جي مون گھاريا بند ۾.“

سچ پچ تہ ڪامريڊ جمال الدين بخاري جو وجود لاڙڪاڻي ۾ ائين ھيو جيئن سقراط جو اٿينس ۾. بس جي فرق ھيو تہ اھو ھو تہ سقراط سوال ڪندو، اڳلي کان جواب وٺندو ويندو ھو،پر ڪامريڊ ”سوال خود ڪرد جواب خود دارد“ جو نمونو ھو. ھي اشارن ڪناين ۾ ڳالھيون ڪندڙ ”جلال الدين سرخ بخاري“ جو پونير پيدائشي سُرخو ھيو. سندس ڪي ڳالھيون سمجھي سگھبيون ھيون تہ ڪي مٿان گذري وينديون ھيون.

زندگي جا 22 سال جيل اندر گھاريندڙ ھي چراغ سحري 12 ڊسمبر 1984ع ۾ گُـل ٿي ويو. پر سندس وڃڻ کان پوءِ ائين محسوس ٿيو تہ ڄڻ لاڙڪاڻي شھر مان ھلندڙ ڦرندڙ جو ش، ولولو ۽ حرارت ختم ٿي وئي آھي.

ڪيس ياد ڪندي لطيف سائين جو اھو بيت ياد اچي ويندو آھي:

جو ڳيئڙا جھان ۾، نوري ۽ نـاري،
پري جن ٻاري آءُ نہ جيئندي اُن ري.

**

سوپو گيانچنداڻي: سنڌ جي تاريخ جو امر ڪردار

نہ ھو اسان جو گروديو نہ اسان ھن جا چيلا چتينگ، اسان جي تہ ھن سان قرب ڪاريءَ واري واٽ رھي آھي. شناسائيءَ کان اڳ ايتري خبر ھئي تہ ھوءَ ھڪ اھڙي ويچار ڌارا واري شخصيت آھي. جنھن لاءِ شاھ عبداللطيف ڀٽائي، سر رامڪلي ۾ اڳ ئي فرمايو آھي:

نہ ڪي نمن ناٿ ڪي، ناٿ نہ نمائين
جاتا ڪن نہ جوڳ ڪي، جوڳ نہ جھارين
آديسي آڻين، اھجاڻيون الماس جون

اھا بہ خبر ھئي تہ ھو اھڙو پوميو آھي. جنھن وقت جي متعصب حاڪم جي، ڌرتي ڇڏڻ واري ڌمڪي کي گدڙ ڀپڪي سمجھيو.

حقيقت ۾ سندس نظرياتي ۽ سياسي ويچار ڌارائن تي تفصيل سان اُھي ڳالھائن. جيڪي ھجن نظرياتي ۽ سياسي سپورنج.

پنھنجي پھرين سينڌ ملاقات تڏھن ٿي، جڏھن ذھن ۾ اينتراپالاجي تي ايم فل ڪرڻ جو مٿي ۾ اُٿ وينو. عنوان ھو socio_anthro pological study of Buledi tribe of Pakistan. ان سبب لنگھي ويو ھومانس در. عزت احترام سان ويھاري، حال احوال ورتائين. پوءِ جو اچي ڪتابن جا نالا ڪنيائين تہ ائين لڳو ڄڻ ڪامريڊ سوپو. اصل ۾ تحقيق جو ماڻھو آھي. پلجي ٻئي پاسي ڏانھن ھليو ويو آھي. ايڏي ڪليل دل وارو شخص جو پنھنجي لائبريريءَ جي سيني ڪٻٽن جا تالا کولي ڇيائين.

”جيڪي وٽني سي ڪڻ، پر موٽائجانءِ سھي.“

جيترا ڪتاب ڪٽي سگھيم اوترا ڪنيم. فوٽو اسٽيٽ ڪري موٽائي ڏيندو ويومانس. اھو 1981ع وارو دؤر ھو.

نوڪري ٿوڪري آھي. 1982ع ۾ حيدرآباد کان خيرپور بدلي ٿي. انھيءَ دؤران ايم فل جي گائيڊ. حيدرآباد جا ڇھ ست اجايا ڦيرا ڏياريا تہ منھنجو ايم فل تان ارواح ئي ڪڇي ويو. ڪامريڊ سان جنھن بھاني ملاقات ٿيندي ھئي. اھو ئي نہ رھيو تہ ڇتي ڇماھي ملاقات ٿيڻ لڳي. اھا بہ خصوصن اھڙين محفلن ۾ جتي ڪو ادبي ڇوزو آني مان ڦتندو ھو يا ڪو اٺ (ڪو اديب ڪتاب جي مھورت ڪرائيندي) پتڙ تي ڪٽبو ھو.

وري مسلسل ملاقاتون ٿئڻ ٿيون. جڏهن سنڌي ادبي سنگت شاخ موهن جي دڙي جو آغاز ٿيو. هدايت منگي پهريون سيڪريٽري، بيو مان ٿيون ڪنعيو گيانچنداڻي ٿيو. اهو دؤر غالبا 1989ع کان 1993ع تائين جو آهي. اهي ڪچهريون عموما موهن جي دڙي تي، خصوصن علي شير رونگهي جي اوطاق يا ڪامريڊ سوڀي جي گهر ٿينديون هيون. ڪچهريون به اهڙيون جو وقت گذرڻ جو احساس ئي نه ٿي. ويني ويني پارنهن ٿي وڃن. ڪامريڊ سوڀي جو انداز نرالو جنهن موضوع تي ڳالهائيندو ته ڏاڍو تفصيل سان. برصغير جي سياسي سماجي تاريخ سان گڏ سڄي دنيا جي تاريخ ڪي ورجائي ويندو هو. انهيءَ دؤر جي مشهور شخصيتن ۽ سندن جدوجهد تي تجزياتي تبصرو به ڪري ويندو هو. سچ پچ ته اتي سمجهو ڪي سمجهن. باقي اسان جهڙن وچٿرن دماغن ۾ ته اها معلومات ائين گڏ مڏ ٿي ويندي هئي، جي اسان کان ڪو پڇي ته ڇا سمجهيئه ته جواب اهو هوندو. "جانا ڪه يه جانا، ڪه نه جانا ڪڇ ڀي."

اسان ته اسان پر جيڪي ڳوهه مان واڳون ٿيو گهمندا هئا. انهن جو به حال اهو هوندو هو جو سڄي قصي ٻڌڻ کان پوءِ ڪامريڊ سوڀي کان پڇندا هئا. "سائين زليخان مرد هو يا مائي؟"

ڪي ته وري اهڙا به هوندا آهن. جن کي اها به خبر ناهي هوندي ته سياست جي ڪڪڙ ڪٿان متندي آهي. پر پوءِ به ڪڙين سان ڪڪڙيون پچندا وتندا آهن پر ڪامريڊ جي ديا درشتي سين جي مٿان. هي سيني کي پيو متيون ڏيندو ۽ ويچار ونڊيندو. اهو ڏسي مون کي يسوع مسيح جي ٻڌايل آڪاڻي ياد ايندي آهي.

"هڪ هاري ٻني ۾ ٻج ڇٽيو. ڪي پکي چڳي ويا. جيڪو ٻج پيچرن جي آسپاس ڪريو اُتان سلا نڪتا، سخت زمين هجڻ ڪري پاڙون گهرائيءَ ۾ نه ويون. ان ڪري سج جي تپش جو مقابلو نه ڪري سگهيا ۽ سڙي ويا. ڪي ڊاپولين ۽ ڪنڊن ۾ ڪريا، جن ڪين اسرڻ ئي نه ڏنو. جيڪي ٻج سٺي زمين تي ڪريا. انهن مان هر ٻج پنهنجي تعداد کان ٽيهوڻو فصل ڏنو."

شايد ان ڪري ڪامريڊ سوڀو به هر پوکڻ ۾ ٻج ڇٽي ٿو. بس اهو زمين تي منحصر آهي يا ان جي دل و دماغ تي.

سندس ليڪچر ۽ تقريرون ته طوالت جي لحاظ کان مشهور آهن. پر ادبي گڏجاڻين ۾ سندس راءِ ڏاڍي مختصر مگر جامع هوندي آهي. سنڌي ادبي سنگت شاخ موهن جو دڙي جي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ منهنجي ڪالم "فڪر ڦرهي هٽ ۾" بابت صرف ايتري راءِ ڏنائين:

"نڪ تي چڙهي ٿو لڙين!"

ڪامريڊ سوڀي جي عادت آهي، هو ڪهاڻي ڏاڍي انهماڪ سان ٻڌندو آهي. تبصري لائق هوندي ته تبصرو ڪندو نه ته بس. هڪ دفعي جڏهن ان جو ڪائنس سبب پڇيوسين ته وراڻيائين: ” بنيادي طور تي مان ڪهاڻيڪار آهيان. ان ڪري جيڪا ڪهاڻي مون کي وڻندي آهي، مان صرف ان تي ڳالهائيندو آهيان. ادب ۾ مون جنهن صنف تي پهرين طبع آزمائي ڪئي، اها ڪهاڻي هئي.جنهن جو عنوان هو ”اڍائي روپيه.“ جيڪا سنسار سماچار اخبار ۾ ڇپي، وياج خوريءَ جي خلاف هئي. انهيءَ وقت منهنجي عمر 18 سال هئي.“

ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڪيس ان زماني ۾ به هڪ اهڙي سماجي برائي تي لکڻ جو احساس ٿيو جيڪا اڄ به هڪ وڏي سماجي برائي آهي. سچ ته وياج خوري اڄ به دنيا جي وڏي لعنت آهي ۽ وياج خور لعنتي.

ڪامريڊ سوڀي جيڪي به ڪهاڻيون لکيون، انهن جا موضوع، سماجي حقيقت پسندي تي ٻڌل آهن. هن اهڙن موضوعن کي چونڊيو جيڪي اڄ به اسان جي سماج جا ٻرندڙ مسئلا آهن. ۽ ان جي گواهي سندس ڪهاڻين جو ڪتاب ”ڪڏهن بهار ايندو“ ڏئي ٿو.

مون سندس انگريزيءَ ۾ لکيل به ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيون. جيڪي هلال پاڪستان جي ادبي صفحي 1990ع ۾ ڇپيون.

1_ this is, how some boys make love.

2_ sucide

اهي ٻئي ڪهاڻيون، ”شانتي نڪيتن“ مان نڪرندڙ انگريزي جريدي، ”وشوا ڀارتي“ ۾ 1940ع ڌاران ڇپيون هيون.

ڪامريڊ سوڀي جو چوڻ آهي ته هن، شانتي نڪيتن ۾ ڏاڍو پڙهيو. ادب پڙهڻ ۽ لکڻ طرف جن ماڻهن سندس رهنمائي ڪئي. انهن ۾، ”شانتي نڪيتن“ جو لئبريرين ”پرڀات راءِ“ ٻيو استاد اليگزينڊر آرنيسن ۽ ٽيون سندس گروديو رابندر ناٿ ٽئگور، جنهن جي ذاتي لائبريريءَ مان به هن استفاده ڪيو. ادب مان جن ليکڪن کان گهڻو متاثر ٿيو، تن ۾ رابندر ناٿ ٽئگور، شرت چندر، ٽالسٽاءِ ۽ دوستو وسڪي جا نالا اهم آهن.

گهڻو ڪري اهو ئي سبب آهي جو ڪامريڊ سوڀي جو سياءُ ڪنهن وڏي جر واري کوهه جيان آهي. جتان هر مسلڪ، هر خيال ۽ ويچار ڌارا جو ماڻهو اچي علمي اڃ اجهائيندو آهي. مون سندس گهر ۾ مرحوم قربان علي بگٽي، مرحوم ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، مرحوم شاهنواز سوڍر، مرحوم هدايت منگي، سليم ڪورائي، رزاق مهر، انعام شيخ ۽ ممتاز ابڙو وغيره کي ايندي ويندي ڏٺو. موضوع سخن هميشه

ڪو علمي نڪته نظر هوندو هو. اختلافن جي باوجود به اشتراڪ هو ته سماج مان قحط الرجال ڪي ڪيئن گهٽ ڪجي.

سياءُ جو ذڪر نڪتو ته، ”ياران ڪهن“ سان سندس گفتگو ۾ ورتاءَ ياد پيو. سائين اياز قادري لاڙڪاڻي ايندو هو ته مون کي گهرائي چوندو هو.

”اوهان شام جو ڪچهريءَ ۾ سوڀي کي ضرور وٺي اچجو.“

ڪامريڊ سوڀي کي نياپو پهتو ته نه قيل نه قال، ها، ته ها تي وئي. شام ٿيندي هئي ته ڪامريڊ، سائين اياز وٽ. ٻنهي جي ڪچهري ائين پاسندي هئي جڻ ٻه سُمانا سُرت وند صلاحو هجن ته سنڌ جي ثقافت ۽ ادب کي ڪئين بچائجي ۽ سماج مان غير معياري رسمن ۽ رواجن کي ڪيئن ٽڙجي؟ ٻنهي کي ڏسي ڀٽائيءَ جو اهو بيت ياد پوندو هو.

ويني جنين وٽ، ڏڪندو ڏور ٿئي،

تن تنين سي ڪٽ، اڏي اوڏا پڪڙا.

ڪامريڊ سوڀي کي مون ان وقت به ڏٺو. جڏهن 1989ع ۾ موهن جي دڙي تي سگا طرفان سچل انٽرنيشنل ڪانگريس منعقد ٿي هئي. ان موقعي تي سندس هڪ جيڏا ۽ همعصر ليکڪ هند مان کهي آيا هئا. گوبند مالهي، ڪرشن کٽواڻي، مرلي ڌر جيٽلي ۽ ٻيا. ڪامريڊ انهيءَ ڏينهن تي ايڏو خوش پئي لڳو جڻ جواني موٽي آئي هجيس. اسٽوپا تي چڙهي جڏهن گوبند مالهيءَ سان پئي ڳالهايائين ته ائين پئي محسوس ٿيو ته جڻ تاريخ، تاريخ سان ڳالهائيندي هجي.

ڪامريڊ سوڀي جي بارگيري ۽ بردبار طبيعت جا ڪيئي قصا آهن. ٻين جو ڪهڙو ذڪر ڪجي. پنهنجو ٿو ڪجي، ته هڪ دفعو علي شيررونگهي جي اوطاق تي، سنڌي ادبي سنگت شاخ موهن جو دڙو جي انتظامي معاملي تي ڪنعيي ۽ منهنجو اتڪاءُ ٿي پيو. ڪامريد سوڀو منٺار سولنگي ۽ ٻي سنگت به ويٺي هئي. منهنجي ڳالهائڻ ۾ تيزي ۽ ترشي وڌيڪ هئي. جيتوڻيڪ ڪامريڊ جو ڪنعيي سان پيار عالِم آشڪار هيو. ڪامريڊ ڪنهنجي به پر نه ڪنئي. شايد ڪيس خبر هئي ته چرين ۾ مستن جو جهيڙو آهي. پاڻهي نهي ويندا. ٿيو به ائين جو ٻي ڏينهن تي ڪنعيو مون سان لاڙڪاڻي جي پاڪستاني چونڪ تي مليو. چيائين.

”پائيجان، مان شايد اوهان کي سمجهائي نه سگهيس.“

چيومانس. ”يار معاف ڪجانءِ، مان توسان تيز ٿي ويس.“

ڪنعيو گيانچنداڻي لڳندو هو ته ڪجھ ڪجھ شخصي انتشار (personality disorganization) جو شڪار آهي. پر سندس آزاد نظمن، ڪهاڻين ڪالمن جي لکڻ واري شوق مان اندازو ٿيندو هيو ته هو پاڻ سنڀالي ويندو. هونئن به هن دؤرِ آشوب ۾ اهو ڪهڙو ماڻهو آهي، جيڪو شخصي انتشار جو شڪار ناهي؟ هر ڪو ڪنهن نه ڪنهن راهِ فرار تي گامزن آهي. پر ڪن ماڻهن جي فراريت جي راهه ڪندبن سان لبريز هوندي آهي. خبر نه آهي ڪنعيي اها راهه چو اختيار ڪئي؟ جيتوڻيڪ هو گهڻ پڙهيو ۽ ايم. بي. بي ايس ڊاڪٽر هو. ان کان وڌيڪ ۾ ڪهڙي خوش نصيبي جو ڪامريڊ سوڀي جهڙو سوڀياوان پيءُ ۽ ڪلپنا ديوي جهڙي ذهين ۽ سوينيڪ جيون ساٿي. هو جيئن پوءِ تيئن هڪ اهڙو منڌل ست ٻڌجي ويو جنهن کي ڪامريڊ سوڀي جهڙو سڀوجھ به نه سلجهائي سگهيو. ليڪن انهيءَ دؤران هن گهٽونت ۾ گياني منش چا چا نه ڪيو. ڪنعيي لاءِ ۾ ڪنعيي جي مرتئي ڪان پوءِ هر ڪنهن ائين پئي سمجهيو ته ڪامريڊ ڏک نه پچائي سگهندو. پر هو ته ارنيسٽ همينگوي جي ناول ”پوڙهو ۽ سمنڊ“ جي ڪردار ’سينتياگو‘ کان به وڌيڪ مضبوط لڳو. جنهن جو ڊائلاگ هو:

Man can be destroyed, but can not be defeated.

(ماڻهو ختم ٿي سگهي ٿو پر شڪست کائي نٿو سگهي).

***

بدر اجڻ: پهريون ۽ آخري تاثر

چوندا آهن تہ شخصيت جو پهريون تاثر، آخري تاثر هوندو آهي. پر منهنجي مشاهدي مطابق ائين ناهي، ڪن ماڻهن جو پهريون تاثر تمام پلو ۽ پوءِ ڍلو ٿي پوندو آهي. ڪن ماڻهن جو پهريون تاثر تمام خراب ۽ پويون تاثر تمام سٺو ٿي ويندو آهي. ڪجھ ماڻهو اهڙا بہ هوندا آهن، جن جو پهريون ۽ آخري تاثر ساڳيو هوندو آهي.

بدر الدين اجڻ جو غائبانہ تعارف تہ ٿيل هو پر ڪنهن سانگ سبب دعا سلام اجان ڪونہ ٿي هئي. هڪڙي ڏينهن سنڌي ڪهاڻي ۽ ناول جي سٺي سرجڻهار، غلام نبي مغل جيڪو لاڙڪاڻي ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ ٿي آيو هو. تنهن ٻانهن کان وٺي اٿاري چيو ”هل تہ بدر اجڻ ڏي هلون.“ اتان اٿي، بدر اجڻ صاحب جي آفيس پهتاسين، بدر اجڻ صاحب ان وقت لاڙڪاڻي ۾ ايڊيشنل ڪمشنر روينيو هو. ۽ اهو سال هيو 1995ع جو. غلام نبي مغل اسان ٻنهي جو مختصر پر جامع تعارف ڪرايو.

”سائين، هي منظور ڪوهيار، هي بدر اجڻ.“ بدر اجڻ صاحب مرڪي، گرم جوشيءَ سان هٿ ڏنو. ”ڪهڙا حال آهن؟“ چئي ڪچهري شروع ڪئي. ڪچهري جي ابتدا سنڌي ادب جي مسئلن تي ٿي. مون وٽ جيڪو سنڌس شخصيت جو پهريون تاثر جڙيو تہ هي دراز قد بدر اجڻ وڏي علمي ادبي هاڻي ڪاڻي وارو شخص آهي ۽ ڊينڊڙن جو اهو هلايل غلط آهي تہ دنيا جا سيئي ڊگها بي وقوف هوندا آهن.

۽ ان کان پوءِ ساڻس ڪٿي نہ ڪٿي، ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان ڪچهريون ٿينديون رهيون. پر هتي ان لمبي ڪچهريءَ جو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو. جيڪا غلام نبي مغل صاحب جي ڪوارٽر تي ٿي.

ڪچهريءَ جو سبب سائين بدر اجڻ جي پهرين اپريل 1996ع واري سالگره هئي. ايڏي، وڏي سڏي موقعي تي اسان صرف ٽي ڄڻا هياسين. ۽ ٻيا اديب شايد فرسٽ اپريل فول وارو پروگرام سمجهي نہ آيا هئا.. ماني تڪيءَ جو بندوبست غلام نبي مغل ڪيو هو ۽ مان ڪيڪ وٺي آيو هيس. بدر اجڻ جي هڪ ئي ڦوڪ سان موم بتيون گل ٿي ويون. 49 سال عمر دفن ٿي وئي. اسان تاڙيون وڄائي چئي رهيا هئاسين:

”هيپي برٿ ڊي ٽو يو
بدر الدين اجڻ“

مانيءَ جا چار گرھ کائي ۽ پوءِ بقول شاعر
جهان دو بوتلين رکھ دو

وهي ميخانہ هوتا هي.

علم و عرفان جو صراحيون ڪليون تہ ادبي اک ڪڪڙي ٿي وئي. ۽ پوءِ شروع ٿي وئي هڪ لمبي ڪچهري .... عالمي ادب ڪان وٺي، سنڌي ادب تائين. پنهي خوب ڳالهايو. مون ڪي وارو ئي نہ ڏنائون. ۽ مون پئي سوچيو تہ گهٽ ۾ گهٽ اهو تہ خيال ڪن ها تہ مان بہ ڪيڪ وٺي آيو آهيان.

جڏهن پارنهن وڳا تہ بدر اجڻ صاحب ڪي احساس ٿيو يا منهنجي صبر جو پيڱ چلڪندي ڏنائين تہ چيائين:

”فقير تون بہ الله جي ڏني مان ڳالهاءِ!“

مون وراڻيو.

”سڀ ڪجهہ تہ اوهان ڳالهائي ويئہ.. باقي مان ڇا ڳالهايان. باقي بچي آ ڳالہ چئو تہ اها ڪيان.“

بدر صاحب چيو. ”اها بہ تنقيد جي ضمري ۾ اچي ٿي. جنهن کي (personnel criticism) چيو ويندو آهي، جنهن جو وڏو حامي ”اناتول فرانس“ آهي. انفراديت جو اهو نظريو فرد جي وجود ۽ حقيقت تي زور ڏئي ٿو ۽ آدرش پرستي جي نفي ڪري ٿو. جنهن جو مطلب هيءَ آهي تہ انسان پي ڪي ميڻ بدران پاڻ کي ميجي ۽ ميجرائي.“

۽ ان ڪانپوءِ بدر اجڻ صاحب 180 جي ڊگري تي قلابازي کائيندي برونيٽائر brunetier جو اعتراض ٻڌايو تہ هو چوي ٿو تہ ”شخصي تنقيد نہ فقط ڪتابن کي نظرانداز ڪري ٿي ۽ موضوع تي گهٽ ڳالهائڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿي، پر ادبي تاريخ ڪي پڻ ميساري ڇڏي ٿي.“

مون جواب ۾ چيو”سائين اهو تہ ائين آهي. جيئن ڪنهن چريي کي چيو تہ ”چريا. چڪ نہ پائجانءِ“ چريي چيس چڱو ٿيو ياد ڏياريئہ“ سو هاڻي ياد ڏياري اٿوَ تہ ذاتي تنقيد personal criticism بہ ٻڌڻي پوندئہ. هونئن پنهنجي ”برونيٽائر“ سان پوي ئي ڪونہ.“ جڏهن مير مجلس اجازت ڏني تہ پهريائين بدر صاحب جي ڪجهہ گهٽگهرن ڪي گهرڙي ۽ پوءِ پنهنجي ادبي رقيبن رو سياهہ و سفيد ڪي ورتم. انهيءَ هيانءَ جي باهہ مارڻ واري عمل دؤران بدر صاحب ٻڏندو رهيو ۽ مشڪندو رهيو. غلام نبي مغل صاحب ڪنڌ ڏوڻيندو ۽ چوندو رهيو ”ها. ائين تہ آهي.“

رات جي هڪ وڳي ڪانپوءِ سنگت جي اها صلاح بيٺي تہ سائين بدر اجڻ تي ايس ايليٽ جي انگريزي شاعري ٻڌائي ۽ ڪجهہ سمجهائي. بدر صاحب ڊرائيور کي سڏي، پنهنجي گاڏيءَ مان بہ ڪتاب ڪٽي اچڻ لاءِ چيو. ڊرائيور ڪتاب ڪٽي آيو تہ انهن تي ڪجهہ لکيائين ۽ پوءِ پنهنجي ڪتاب ”ٽي ايس ايليٽ فن ۽ فڪر“ جي هڪ هڪ ڪاپي اسان کي ڏنائين. منهنجي ڪاپيءَ تي لکيل هيو.

”مسٽر منظور ڪوهيار سڄاڻ ڪهاڻيڪار ۽ جاڪوڙي جي مطالع لاءِ...

پاران

بدر اڄڻ

لاڙڪاڻو 1_4_96ع

“جنم ڏينهن جو تحفو”

پوءِ جڏهن حاضرين مجلس جي پر زور اصرار تي ايليٽ جي جڳ مشهور نظم the waste land مان ڪجهه ٽڪرا, ڪجهه حصا the game of chess مان ٻڌائيندي what the thunder said جو آخري ٽڪرو پڻ ٻڌايائين ته چيائين؛

مهرباني ڪري منهنجي ان ڪتاب ۾ ٽيل ترجمي کي به ڏسندا وڃو.“ جڏهن ترجمي جي ان حصي تي نظر ڦيرائي سين ته لکيل هو:

اڪيلو ڪڪڙ
وڻ جي چوٽيءَ تي ٻانگون ڏئي
صبوح جي اچڻ جو اعلان پيو ڪري
ڪنوڻ جو تجلو
گهميل هوا
هلڪي بارش جو وسڪارو
گنگا جي پيٽ ۾
سڪل پن
ترڪندي
ترسي رهيا آهن.
مينهن لاءِ جڏهن ڪارا ڪڪر
هماليه تي هلن پيا.
جهنگلي جيوت خاموش آ
مايوسين جي ور چڙهيل آ
اچانڪ گجگوڙ جو آواز اچي ٿو

”ڏي ..... دا ...“

پر اسان ڇا ڏنو آ؟
وعدي خلافي
بي وفائي
غداري
عقل کي پٺي
مرڻ کان پوءِ سچا ناهيون.ڊانڊا خالي ڀانڊا
وري گجگوڙ

همدردي ڪيو. ديا ڏوم

زندان واري ڪلف ۾
ڪنجيءَ جي ڦرڻ جو کڙڪو
ضمير جي قيد هئڻ جو اعتراف
رات جي اڪيلائيءَ ۾
آسمان مان،
اتساهه جو آسرو
قلب تان ڪس لاهي
ڀائيچاري جو سنديس سڻائي ٿو.
وري گجگوڙ جو آواز

قبضي ۾ رکو. (دميا تا)

مظبوط هٿن ۾ هلندڙ ٻيڙي
سانت سميت سري ٿي
سمنڊ ۾ به سڪون آ
دل جي دنيا

تڏهن روشن ٿيندي

جڏهن

سچائي جو سنيهو ايندو.

چيو ويندو آهي تہ اصل تخليق هيري جيان ۽ ترجمو پٿر هوندو آهي. ايڏو صاف ۽ سنو ترجمو پڙهي احساس ٿيڻ لڳو تہ جي اصل هيري مثل آهي تہ بدر اجڻ جو ترجمو بہ پکراج کان گهٽ ناهي. ڪٿي بہ اٽڪاءُ نہ. لفظن ۾ رواني، گهرائي و گيرائي اتم درجي جي موجود آهي. مان پڙهندي پڙهندي حيرت جي واديءَ ۾ سرگردان پئي هليس. ائين جيئن 1975ع ۾ جڏهن گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ۾ انگريزيءَ جو استاد ”سائين ارشاد قريشي صاحب“ اسان کي ”ورڊس ورٿ“ جي پوئٽري پڙهائيندي ڪڏهن آواره بادلن ۾ اماڻي چڙهيندو هو تہ ڪڏهن هوا ۾ لهرائيندڙ ڊيفوڊلس کي تصور جي اک سان ڏيکاري ڇڏيندو هو.

منهنجي زندگيءَ ۾ هي ٻيو ماڻهو هو جنهن جي پوئٽري پڙهڻ جو انداز ايڏو متاثر ڪن هيو.

چوندا آهن تہ سوچ جهڙو پکيئڙو ڪونهي. مان بدر اجڻ جي لفظن ۽ ٽي ايس ايليٽ جي مثاليت ۽ علامت نگاريءَ جي آسمان ۾ اجان محو پرواز هئس تہ سائين غلام نبي مغل ائين رڙ ڪئي، جڻ ڪَوَلي چڪ پاتو هجيس.

”يار رات جا اڍائي ٿي ويا اٿوَ“

تسلسل ٽٽي پيو ۽ بدر اجڻ خاموش ٿي ويو. مان زمين تي لهي آيس. گهڻي وقت گذرڻ جو احساس Guilt ۾ تبديل ٿي ويو. ٻئي اٿي کڙا ٿياسي، سائين بدر اجڻ پنهنجي بنگلي تي روانو ٿي ويو ۽ مان پنهنجي گهر.

منهنجي زال مراد خاتون هميشہ وانگر گهر جو دروازو کوليندي چيو ”اديبن سان ڪچهريءَ ۾ ويهين ٿو تہ خبر ئي نٿي پوئي؟“

مون سوچيو: ٻئي دوست ڇو اديبن جي حيثيت سان پٽجن. وراڻيم ”آفيسرن سان ميٽنگ هئي، ڇا ڪجي؟ نوڪري تہ ڪرڻي آهي.“

۽ جڏهن محو خواب ٿيس تہ ٽي ايس ايلٽ جي ڪنهن گيت جو پوپٽ ٿي اڏامڻ لڳس.

***

ميان علي محمد قادري: چراغ شهر

لاڙڪاڻي جي قادري خاندان جي اها خوشنصيبي آهي ته 18 صدي عيسويءَ ۾ تصوف ۽ ادب جو جيڪو چراغ ميان محمد صالح، پنهنجي مرشد حضرت قبله عبدالحق درازيءَ جي حڪم تي لاڙڪاڻي ۾ اچي روشن ڪيو ان چراغ مان چراغ ٻرندا اچن ٿا.

اهڙن روشن چراغن مان ميان علي محمد "قادري" به هڪ آهي. جنهن نه صرف "ميان جي ڳڙهي " يا "لاڙڪاڻي" کي منور ڪيو. پر ان روشنيءَ کي سڄي سنڌ ۾ ڦهلايو. جنهن جا معترف نه صرف سنڌس هم عصر آهن پر علم ۽ ادب جا سيئي پار کو پڻ آهن.

ميان علي محمد قادريءَ جو مختصر تعارف هن ريت آهي ته ميان صاحب جو جنم سن 1856ع ڌاري "ميان جي ڳڙهي" لاڙڪاڻي ۾ مرحوم ميان بهاوَالدين صاحب ذات چاماڻي جي گهر ٿيو. ميان بهاوَ الدين، ميان رضا محمد جو جگر گوشه ۽ ميان محمد صالح جو پاٽئيو هو.

ميان علي محمد جي تعليم ۽ تربيت پنهنجي مامي ميان غلام محمد "گدا" جي نظر هيٺ ٿي. ميان غلام محمد "گدا" پنهنجي وقت جو عالم، پارسي، سرائيڪي ۽ سنڌيءَ جو وڏو شاعر هو. ميان غلام محمد جيڪو شعر چوندو هو سو ميان علي محمد ياد ڪندو هو. هڪ صوفياڻي سنگت، ٻيو ميان غلام محمد جي شعر گوئي، ٽيون سنڌس تعليم مقرر ٿيل مولويءَ وٽ ۽ چوٿون سنڌس ياءُ حافظ مير محمد تن سڀني گڏجي ميان علي محمد تي گهڻو اثر ڪيو. اتڪل ويهن ورهين جي ڄمار ۾ جڏهن ميان علي محمد پنهنجي استاد ميان غلام محمد "گدا" سان لاڙڪاڻي تعلقي جي هڪ مريد "سعد خان لنڊ" وٽ ويا ۽ جڏهن کين اتي طبع آزمائي لاءِ ارشاد ٿيو ته هن هڪ پارسي غزل تيار ڪري سنڌس خدمت ۾ پيش ڪيو. جنهن جو مقطع هي آهي:

نشسته بر درت اين دادِ خواهت
زمد تها به اميد نگاهت
بيا اي قادري بي خود زخود بين
بجز مستي در اينجا نيست راحت

(اوهان جي داد جو طلبگار در تي ويٺو آ، مدت کان اميدن جي نگاهن سان، اي قادري خود کان بيخود ٿيءُ، جو سواءِ مستي جي هتي راحت نصيب ڪونهي ڪا.)

مياں علي محمد، جڏهن اهو شعر چيو تڏهن چؤ طرف ”واه واه“ ٿي وئي. پتاشا ورهايا ويا ۽ غلام محمد فخر سان چيو ”شڪر ٿيو جو اسان جي اولاد ۾ وري بہ هڪ چڱو شاعر پيدا ٿيو.“

ان ڪان پوءِ ميان علي محمد جيڪي علم و ادب جا واهڙ وهايا، تن جي ڪري سندس تخلص ”قادري“ ۽ مرشد جي ڏنل قادري طريقت جي سبب پورو ” ڇاماڻي خاندان ”قادري“ سڏجڻ لڳو.

اها هڪ حقيقت آهي تہ ميان علي محمد قادري پنهنجي دؤر جو هڪ علمي ادارو هو جنهن جي ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪاوشن تي هڪ ضخيم، مقالي لکڻ جي ضرورت آهي، تڏهن ئي ڪو حق ادا ٿي سگهي ٿو. ليڪن هتي صرف، سندس ڇپيل تخليقن جو سرسري جائزو وٺڻ مقصود آهي تہ جيئن قادري خاندان جي هن گوهر ناياب جي علمي چمڪ دمڪ جو اندازو ٿي سگهي . سندس ڇپيل ڪتاب هيٺيان آهنِ:

(1) **حسن و عشق**

هي منظوم داستان منشي پوڪرداس پبليڪشن، تاجر ڪتب شڪارپور، 1906ع ۾ ڇپايو. ان دؤر جو ادبي پارکو پروفيسر مسٽر رام چند پرتاب راءِ پنجواڻي ڊي جي ڪاليج سنڌ، ”حسن و عشق“ تي راءِ ڏيندي چوي ٿو:

”حسن و عشق جو پوڪر داس وارن ڇپايو آهي. تنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ميان صاحب ڪيتري قدر پنهنجي خيال ڪان ڪم وٺي سگهي ٿو. حسن ۽ عشق جو بيان هونئن جيڪر ماڻهن کي اهڙو وڻندڙ نہ لڳي. پر جڏهن هن صاحب پنهنجي عليحدي وڻندڙ نموني ۾ حسن کي معشوق، عشق کي عاشق، ناز غمزه کي حسن جون ساهيڙيون، دل درد ۽ غم کي عشق جو ساٿي بڻائي، سچي حقيقت افساني جي نموني ۾ گهڙي ناهي پيش ڪري ٿو. تڏهن بي ساختہ واه واه نڪري وڃي ٿي.“

منهنجي خيال ۾ ميان علي محمد جي ان پهرين ڪاوش تي اهڙي سطحي تبصري ڪان پوءِ وڌيڪ ڳالهائڻ عبث آهي.

(2) **ليليٰ و مجنون**

هي ڪتاب جهمٽ مل ويڙهي مل اسسٽنٽ ميونسپل اسڪول لاڙڪاڻي، پنهنجي خرچ سان 1929ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

عرب جي عاشق جان باز مجنون جنهن جو قصو پارسي زبان ۾، نظم جي صورت ۾ مولانا نظامي لکيو هو. جنهن ڪان اهل سنڌ غير واقف هئا. اصل سنڌ جي دلچسپي ۽ ڄاڻ لاءِ هي ڪتاب ميان علي محمد قادري پنهنجي شيرين زبان سان منظوم ڪيو.

هي ڪتاب سنڌس ادبي ارتقا جو اعليٰ نمونو سادگي ۽ سلامت جي لحاظ کان منفرد آهي. سنڌس ڏانءُ, آغاز داستان ليلي مجنون جي هنن شعرن ۾ ملاحظه ٿئي:

خدايا بخش منهنجي دل کي طاقت
چوان ليليٰ ۽ مجنون جي حڪايت
شروع نالي سان تنهنجي ٿئي ڪهاڻي
ڪري برڪت انهيءَ جي سان پڇاڻي
ڪئي هن طرح آ راون روايت
قصي ليليٰ ۽ مجنون جي حڪايت
عرب جي ملڪ ۾ نالي خجسته
هيو هڪ بادشاهه احسن سرشته
گهڻي دولت ۽ زر کان مفخر هو
زماني جي ڏکن کان بي خطر هو

سنڌس جمالياتي حسن جو ادارڪ وري ليليٰ جي تصوير ڪشيءَ ڪندي معلوم ٿئي ٿو. ان حوالي سان سنڌس چند شعر پيش خدمت آهنِ:

نماڻي ناز پرور شرم واري
حياءَ شرم ۾ محمور ساري
شرم ان کي اچي پاڇي کان پنهنجي
ڏسڻ لئه چنڊ سج حيران تنهنجي
ڪري پوشاڪ تن تي گل بدن جي
لطافت ان کان وڌ ان جي بدن جي

ميان علي محمد قادري, داستان ليليٰ مجنون جي سلاست ۽ رواني‌ءَ کي آخر تائين, قائم دائم رکيون اچي ٿو. جنهن مان سنڌس زور قلم ۽ اسلوب جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هن ڪتاب جا آخري شعر پيش خدمت آهن:

محبت عشق ۾ گهرجي سچائي
سدا معشوق پنهنجي سان وفائي

مجازي عشق مجني تي ختم هو
محبت عشق ۾ آخري مري ويو
چراغ عشق سان پُر نور دل ڪر
شراب شوق سان مخمور دل ڪر
پيو پيءُ عشق جي مئي جا پري جام
هميشھ قادري پيءُ صبح و شام
محبت يار جي ۾ شل مران مان
پڙهي ڪلمون محمد تي ڏيان جان

(3) واسوخت

واسوخت نظم جو اهو قسم آهي. جنهن جي تعريف عبدالحليم شرر ”گذشتھ لکنئو“ ۾ هيئين ريت ڪئي آهي:

”شاعري جو هڪ قسم واسوخت آهي، هي هڪ قسم جي عاشقانه مسدس آهي. ان جو مضمون عمومن ائين هوندو آهي تھ پهريان پنهنجي عشق جو اظهار ان بعد محبوب جي تصوير ڪشي، ان جون بي وفايون، پوءِ ان کان باور ڪرائڻ تھ اسان بي ڪنهن تي عاشق ٿيا آهيون. ان فرضي محبوب جي حسن و جمال جي تعريف ڪري محبوب کي سڏڻ، ڪتيون ڀڏائڻ، ائين ان جو غرور ٽوڙي وري ميلاپ ڪرڻ.“

”گل رعنا“ جو مصنف عبدالحئي، مير تقي مير کي واسوخت جو پهريون شاعر چوي ٿو. جڏهن تھ سنڌي ۾ شڪ ناهي تھ واسوخت جو پهريون شاعر ميان علي محمد قادري آهي.

ميان علي محمد جو هي ڪتاب هري سنگهھ وارن ڇپايو. هن ڪتاب تي پروفيسر رامچند پرتاب راءِ، مختصر مگر جامع راءِ ڏيندي فرمائي ٿو:

”ان منظم ڪهاڻي ۾ گويا هن پنهنجي زندگيءَ جو نقشو چٽيو آهي. جتي نهايت نازڪ خياليءَ سان پرده پوشيءَ ۾ هن پنهنجي جذبن جو اظهار ڪيو آهي. پڙهڻ سان تعلق آهي.“

(4) گلدستھ نعت قادري

هي ڪتاب ميان غلام عباس ”جوش“ ڇپايو. هن جو ديباچو پنهنجي دؤر جي مشهور ۽ لائق شاعر حاجي محمود ”خادم“ لکيو. جنهن جون ڪجهھ سٽون هن ڪتاب جي اهميت اجاگر ڪن ٿيون، سي پيش خدمت آهن:

”سنڌي زبان ۾ سنڌي شاعري جي گهٽي قلت آهي ۽ خصوصن نعتيہ ڪلامن جي تہ ازحد اڻاٺ آهي ۽ تنهن ڪري گلدستہ نعت قادري خاص جلد ۾ ڇپايو ٿو وڃي تہ جئين سنڌي حضرات جي دلچسپي جو ذريعو موجود ڪجي ۽ ميان صاحب جي نازڪ خيالي ۽ اعليٰ معيار سندس حوصلي جو نتيجو آهي.“

(5) **ديوان قادري**

ميان علي محمد جو هي اهم ڪتاب آهي. جنهن ۾ سندس نظريہ حيات، حسن و عشق جو بيان، سلاست، بلاغت، بي ساختگي، ڏانءُ، ڏات ۽ فن گهرائي و گيرائيءَ سان پيش ٿيل آهن.

هي ڪتاب ميان غلام عباس ”جوش“ 1940ع ۾ قادريہ پرنٽنگ پريس مان ڇپرائي پڌرو ڪيو. هن جو ديباچو ميان غلام عباس ”جوش“ پاڻ لکيو. جيڪو هڪ مستند اديب هو. ان جي جهلڪ پيش آهي:

”هاڻي جڏهن هي ديوان قادري منهنجي پريس قادريہ ۾ ڇپجڻ لاءِ آيو ۽ مان انصاف جي نظر سان ڏٺو تہ بيشڪ عروض جي علم سان پرپور، وزن جي ترازو ۾ توريل، هم پهلو اڳين فارسي و اردو ديوانن جي آهي. ڇا تہ شاعر صاحب شعر جي ڪنوار کي رديف قافيہ ۽ تشبيهات و محسنات جي زيورن سان سينگاري، حقيقي پردي ۾ مجازي پوشاڪ پهرائي ظاهر ڪيو آهي. جو جنهن جي ڏسڻ سان محبوب حقيقي ۽ معشوق تحقيقي جو مشاهدو نظر ٿو اچي. جيڪو بہ دانشمند حقيقي نظر سان ڏسندو تہ ڪيس حق نظر ايندو. ۽ جي مجازي لباس ڏسندو تہ ان کي مجازي مزو ايندو. مطلب تہ هن ديوان ۾ هر قسم جا شعر موجود آهن.“

هن ديوان بابت مشهور پروفيسر رامچند پرتاب راءِ پنجواڻي جي لکت ۾ پرمغز تقرير آهي. جنهن ۾ وڏي وستار سان ميان علي محمد جي علمي و ادبي خدمتن تي روشني وڌل آهي. ۽ ان زماني جي شعر و شاعري تي پڻ تنقيد ٿيل آهي. ان جون هي چند سٽون ميان علي محمد قادري لاءِ سند آهن:

”سنڌي شعر ميان صاحب جيڪو چيو آهي سو ڪو پڙهي تہ خبر پوېس. باقي منهنجي لکڻ مان ڇا اندازو لڳائي سگهندو.“

۽ اها بہ حقيقت آهي تہ ديوان قادري بحر عميق آهي. هر ماڻهو پنهنجي نموني سان حظ حاصل ڪري سگهي ٿو. مون جڏهن پڙهيو تہ منهنجي آڏو پڻ نوان نقط نروار ٿيا. نوان موتي، نوان مرجان هٿ لڳا. جنهن جو مختصر جائزو وٺڻ جي جسارت ڪريان ٿو.

سندس ڪافين تي نظر ڪجي تہ ديسي رنگ جي اها ئي دمڪ غالب نظر ايندي، جنهن جا رنگ پڪا پختا ۽ دل ٺاريندڙ آهن. ان حوالي سان سندس ڪافين جا ٻہ نمونہ مثال طور پيش ڪجن ٿا:

ڪافي جو نمونو (1)

چنڊ جھڙي اڄ چنبي سان ميٺ دلبر تي مليو
۽ لڳن لائڻ لئہ لالڻ تيل تنهن ۾ ٿي رليو.

ڪافي جو نمونو (2)

دوست دلبر جا پون ٿا پل ۾ پور نوان نوان،
سوز جا سيني ۾ سنيرن، سهسين سُور نوان نوان.

هن جي ڪافين ۾ بہ اها ئي ديسي رنگ جي دمڪ آهي، جنهن ۾ بي ساختگي، رواني ۽ لئي ڪاري شرط اولين آهي. جيڪو هنر سندن وڏڙن جو ورثو هو.

ليڪن ان چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ ميان علي محمد قادري اهو شاعر هو جنهن غزل کي مروجہ پارسي ۽ عربي لفظن جي گلڪاريءَ سان گڏوگڏ غزل کي سنڌي مزاج پڻ ڏنو ۽ اها پيڙهہ رکي، جن تي ايندڙ دؤر جي غزل گو شاعرن پنهنجي عمارت اڏي. ان جو ثبوت ميان علي محمد "قادري" جا هينيان غزل آهن. جنهن ۾ پارسي ۽ عربي ترڪيبون گهٽ ۽ سنڌ جي مٽيءَ جي خوشبو وڌيڪ آهي.

غزل جو نمونو (1)

غم تہ دنيا ۾ گهڻا، پر عشق جو غم ٻي طرح
آهي هن عالم ۾ ليڪن هن جو عالم ٻي طرح

عشق واري سان برابر ڪيئن تي ماتم عام جو
ان جون آهون ان جون دانهون ان جو ماتم ٻي طرح

زخم دل تدبير سان، ڪڏهين نہ ڇٽندو اي طبيب!
ان جي ليري، ان جو ٻرڪو ان جي مرهم ٻي طرح

حسن وارا ڪيترا، پر مٽ نہ پايان يار جي
ان جو غمزو ان جو رمزو ناز دم دم ٻي طرح

عشق اختياري نہ ڪڏھن ڪفر ۽ اسلام ڪي
ان جو مذھب، ان جي ملت ”قادري“ ڪم ٻي طرح.

غزل جو نمونو (2)

زلف جي دام ۾ شل دل نہ اڙائي ڪوئي
جي وڃي اڙجي تہ ان کي نہ ڇڏائي ڪوئي.

مثل سرمي جي ڪري سهٽا اکين ۾ ٿا وجهن
آتشِ عشق ۾ جو دل کي جلائي ڪوئي

عيش عشرت جو مزو ڪين اچي ان کي پسند
دل اندر درد جو دونهون جو دکائي ڪوئي

جنهن جي حق ۾ جو لکيل روز ازل کان آهي
”قادري“ ليک سو هرگز نہ مٽائي ڪوئي.

ميان علي محمد نہ صرف جوڙ جنسار جو شاعر هو پر تصوف جي باريڪ نڪتن تي بہ سندس نظر هئي. بنيادي طور تي سندس تعلق صوفي فقيرن جي ان لڙھي مان هو جن کي هيءَ دنيا هڪ وڏو منجهدار پئي نظر آئي. جنهن ۾ ان ذات حقيقي ڪين اچلائي امتحان پئي ورتو. صوفين جي سرتاج شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليہ، تڏھن تہ فرمايو آهي:

مون کي مون پرين، ٻڌي وڌو ٻار ۾
اُڀا ائين چون، متان پاند پسائين.

سچ پچ تہ اهو هڪ وڏو چئلينج آهي، انسان لاءِ، تہ هو هن موه داري دنيا مان بنا پاند پسائڻ جي نڪري وڃي. ان جو جواب ميان علي محمد قادري پنهنجي هڪ شعر ۾ ڏنو آهي، جيڪو سندس تصوف جي رمز خيال جي اڏامر ۽ تشبيهہ جو اعليٰ ڪمال آهي.

رهين جي بحر دنيا ۾ تہ مرغابي جان ره آزاد.
اڏامي ”قادري“ جي تون تہ آلو ٿي نہ تنهنجو پر.“

ميان علي محمد قادري هڪ Committed صوفي هو ۽ پنهنجي درازي مرشدن جي تقليد ڪندي پنهنجي نظريہ بابت واشگاف لفظن ۾ چوي ٿو:

نڪي مان مالڪي حنفي، نہ شافعي حنبلي آهيان
انهين جو عشق منهنجو مذهب آهي ۽ اهو رهبر

نهنائي ۾ نوڙت جو اهو عالم آهي جو پاڻ کي پيرن ۽ فقيرن ۾ بہ نہ ٿو قطاري، صرف هڪ عاشق ۽ دردمند سڏائي ٿو:

نہ مان پيرن فقيرن ۾، نہ ڪي رندن ۽ مُفتن ۾،
فقط هڪ عاشقِ جانان، مان داخل درمندن ۾.

بنا ڪنهن وڌاءَ جي تہ ميان علي محمد قادري پنهنجي شعرن ۾ تصوف جا ڪيترائي باريڪ نقطہ سهل ۽ سولي نموني اهڙي طرح سان بيان ڪيا آهن، جيڪي اهل دل ۽ دردمندن لاءِ بي بها نسخہ آهن. ان حوالي سان "ديوان قادري" ۾ ميان علي محمد قادري جڻ درياهہ کي ڪوزي ۾ سمايو آهي. اها وڏي ڪنجوسي ٿيندي، جي ميان غلام عباس "جوش" جي ان شعر جا ٽي بند پيش نہ ڪيا وڃن، جيڪي هن 'ديوان قادري' جي حوالي سان چيا آهن:

آهي عجيب خوشتر ديوان قادري
حڪمت سان پر سراسر ديوان قادري
جو تا ٿين پڙهڻ سان مخمور آدمي
گويا آ مئي جو ساگر ديوان قادري
هي معرفت حقيقت ۽ حسن عشق جو
اي جوش آهي دفتر ديوان قادري.

"ديوان قادري" جي علمي حوالي سان ان دؤر ۾ وڏي اهميت ۽ افاديت هئي. جو تہ هن ديوان ۾ شعر جا هڙيئي نمونا يعني حمد، مناجات، نعت، قصيده، ڪافيون، غزل، مخمس، مثلث، قطعہ، رباعيون، سہ حرفيون موجود آهن. ازنسواءِ ڪتاب جي پڇاڙي ۾ فرهنگ، تصوف جي معنيٰ ۽ علمِ عروض جي باقاعده سمجهاڻي بہ ڏنل آهي. ان حوالي سان "ديوان قادري" شاعري تي طبع آزمائي ڪرڻ وارن لاءِ هڪ بهترين رهنما بہ هو. ان جو اعتراف، ان دؤر جو استاد باڪمال جناب ماستر محمد پريل. ميونسپل ڪائونسلر لاڙڪاڻو پنهنجي "تقريظ" ۾ هيئن ڪري ٿو:

"اهڙو ديوان فاسي اردو ۽ سنڌي زبان ۾ هن ڪان اڳ نظر کو نہ آيو آهي. مطلب تہ هي ديوان هر هڪ شاگرد لاءِ خاص ڪري سنڌي شاعرن لاءِ نهايت مفيد بلڪ هڪ استاد آهي."

لکڻ ڪاڻ تہ گهڻو ڪجهہ ”ديوان قادري“ تي لکي سگهجي ٿو. ليڪن ڊاڪٽر اياز قادري جي ڪتاب ”سنڌي غزل جي اوسر“ ۾ ڏنل سهٽين سٽن کان پوءِ ميان علي محمد قادري جي شاعري تي لکڻ طوالت جو باعث ٿيندو:

”ميان علي محمد قادري جي شاعري ساوڻ جي مينهن جي انهن بوندن مثل آهي. جن جي ڪرڻ سان ڌرتيءَ تي هڪ وڻندڙ خوشبو چؤ طرف پکڙجي ويندي آهي. هو بنيادي طرح غزل جو شاعر آهي. هن جي دل ۽ دماغ تي حقيقي محبوب ۽ سندس پيارن جي محبت ڇانيل آهي. تنهن ڪري سندس ڪلام تصوف جو آئينو آهي ... هن جي ڪلام ۾ هڪ خاموشي سان وهندڙ نديءَ واري رواني آهي. هن جو انداز بيان صبح جي نون ڪرڻن وانگر دلفريب ۽ هن جي خيالن ۾ جادو جهڙو گهرو اثر آهي.“

(6) سفر نامہ

ميان غلام عباس ”جوش“، ”ديوان قادري“ جي ديباچي ۾ رقمطراز آهي:

”عراق، ايران حجاز ۾ خاص رياستن چوڏهن معصومن عليهم السلام جي لاءِ خان بهادر حاجي امير علي خان لاهوري، او بي اي (آرڊر آف برٽش ايمپائر) جي رفاقت ۽ قافلہ سالاري هيٺ پهريون ڀيرو جنوري 1924ع ۾، ٻيو ڀيرو آڪٽوبر 1924ع ۾، ٽيون ڀيرو مارچ 1925ع ۾ بصره، بغداد، ڪربلا، نجف اشرف، ڪاظمين، سامرو مسيب، ڪوفہ، ملائن تخت گاهہ نوشيران عراق ۽ ايران جي گرد نواحي ۾، حضرت امام موسيٰ رضا جي زيارت لاءِ مشهد مقدس پهريون ڀيرو 1924ع ۾، ٻيو ڀيرو 1926ع ۾ برحبذ سرو تربت حيدري، مشهد مقدس، مڪو معظم ۽ مدينو شريف. مارچ ۽ اپريل 1932ع مطابق ذوالقعد ۽ ذوالحج 1350هہ ۾ سندس شعر جيڪو سفر ۾ چيل آهي. ملڪن ۽ روضن شريفن جي ملاحظات سندس سفرنامہ ۾ تفصيل وار لکيل آهي، سو سفر نامو ڏسڻ وٽان آهي.“

۽ جڏهن ان سفرنامي کي قادري قلم قبيلي پاران ذولفقار علي قادري صاحب جي سرپرستي ۽ نگراني ۾ ڇپرايو ويو تہ اهو سفرنامو هڪ تاريخي دستاويز ثابت ٿيو. جنهن ۾ ان دؤر جي مختلف ملڪن جي سماجي ۽ مذهبي معلومات ڏنل آهي ۽ انهيءَ سفرنامي ۾ برسبيل ان سڀيلي سنگت جو بہ ذڪر آيو جيڪي پنهنجي دؤر جون اهم شخصيتون هيون. جيئن نواب امير علي لاهوري، مرزا منوچهر بيگ وغيره وغيره.

(7) حڪمت جا ڪتاب

حڪمت هڪ وڏو شعبو آهي. لاشڪ ته ميان علي محمد قادري پنهنجي دؤر جا سٺا حاذق حڪيم ۽ دواخانه قادري لاڙڪاڻي ۽ ڪراچيءَ جا مهتمم به هئا. جنهن جو ذڪر سندس هم عصر وڏن ماڻهن به ڪيو آهي. ان حوالي سان سندس ڪيئي ڪتاب، حڪمت تي لکيل سندس پونيئرن وٽ پيا آهن. انهن قلمي نسخن کي ڇپائي جي فيض عام ڪيو وڃي ته اها ان شخص جي قدرداني ٿيندي ۽ خدا جي خلق کي فائدو رسندو.

(8) ادب، دوستي ۽ ادب پروري

ميان علي محمد قادري نه صرف هڪ اديب ۽ شاعر هو پر هو هڪ وڏو ادب دوست ۽ ادب پرور انسان هو. هن علمي جدو جهد سان لاڙڪاڻي ۽ سڄي سنڌ ۾ سنڌي ادب جي آبياري ڪئي، جنهن جي شاهدي پنهنجي دؤر جا وڏا مشاهير، نقاد ، نڪتدان ۽ محقق ڏين ٿا.

ڊاڪٽر اياز قادري، ”سنڌي غزل جي اوسر“ ۾ لکي ٿو ”1915ع ۾ بزم مشاعره قائم ٿيڻ لڳا، اڳ ئي وٽس شعر و سخن جون محفلون ٿينديون هيون. جنهن ۾ سنڌ جا استاد شاعر مختلف هنڌن تان اچي شريڪ ٿيندا هئا، جن ۾ شمس الدين ”بلبل، فتح محمد سيوهاڻي ”صغير“، مولوي محمد عاقل، مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر عبدالمجيد صديقي، حاجي محمود ”خادم“، نواز علي ”نياز“ ۽ ٻين احبابن جي ڪوشش سان بزم مشاعره لاڙڪاڻي جو بنياد پيو. جنهن جي مرڪزي شخصيت ۽ صدر ميان علي محمد قادري هو. جڻ هو محفل جي شمع هو جنهن جي چوڌرد سڄي سنڌ جا شاعر اچي ڪنا ٿيا ٿي.“

انهيءَ جي تصديق سندس هم عصر پروفيسر رام پنجواڻي ”ديوان قادري“ تي لکيل تقرير ۾ فرمائي ٿو:

”لاڙڪاڻي ۾ بزم مشاعرو ميان علي محمد قادري صاحب ۽ ميان حاجي محمود جي سرجوشي سان تڏهن پيدا ٿيو جڏهن ڪنهن کي به مشاعري ڪرڻ جو خيال نه هو. ميان صاحب (قادري) ان ڪري سنڌ ۾ شاعري برپا ڪرڻ جي لحاظ کان شعر جي ترقي واسطي پاڻ پتوڙڻ جي ڪري مشاعري جو ابو ڪري ڪوٺجي ته وڌاءُ نه ٿيندو.“

ميان علي محمد قادري جو سنڌي ادب جي واڌ ويجهه ۾ اهو هڪ وڏو ڪارنامو ليکبو جو هن 1921ع ۾ سنڌ ادبي ڪانفرنس لاڙڪاڻي ۾ ڪوٺائي. هن ڪانفرنس ۾ سڄي هندستان جا ناميارا اديب ڪنا ٿيا. جنهن ۾ شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ (جنهن صدارت ڪئي) مرزا منوچهر بيگ، احمد علي ڪامران، رئيس نجم الدين، غريب دهلوي، ڪاشف لکنوي، مرزا احمد خان، محمد بخش واصف،

ماستر جمعو خان غريب، مولوي ثناءَ الله ”ثنائي“، ماستر رازق ڏنو ”سائل“، غلام سرور ”فقير“، امير الدين همدم، حاجي محمود ”خادم“، فقير عبدالقادر ”بيدل“ ۽ نواز علي ”نياز“ شامل ٿيا.

اهڙي طرح هن لاڙڪاڻي ۾ پنجين 1944ع ۽ ستين 1947ع آل سنڌ ادبي ڪانفرنس منعقد ڪرائي ۽ پنهنجي ادب پروري جو ثبوت ڏنو.

1919ع ۾ جڏهن آل انڊيا محمدن ايڊيوڪيشنل ڪانفرنس خيرپور ۾ منعقد ٿي ته ميان علي محمد جي مهنداريءَ ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي شاعرن جو وفد اُن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو.

1925ع ۾ آل انڊيا سنڌ محمدن ايڊيوڪيشنل ڪانفرنس حيدرآباد جي موقعي تي ميان علي محمد جي اڳواڻي ۾ بزم مشاعره جي شاعرن جو وفد شريڪ ٿيو. سندس انهي سرجوشي جي ڪري لاڙڪاڻو شاعرن جو آکيرو سڏجڻ لڳو.

ان چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ ڪونهي ته ميان علي محمد قادري پنهنجي ذات ۾ ادب گاهه هو. سنڌ جي پربيڻ شخصيتن به جڏهن متاثر لکيو ته سندس ادبي حيثيت ۽ اخلاقِ حميده جو اعتراف ڪيائون.

پير حسام الدين راشدي ”هو ڏوتي هو ڏينهن“ ۾ سندس شخصيت جو بيان ڪندي چوي ٿو:

”نماڻو نهنو نيڪ، سباجهو منو ۽ مهربان، ڪنهن جي تيريءَ ميريءَ مان نه ڄاڻندڙن بزرگن جهڙي روش، اٿيءَ ويٺي ۾ ڏاڍي واضع داري، ائين پيو معلوم ٿيندو جڻ سيني جو سرپرست ۽ سڄي محفل جو مربي آهي. سيئي جڻ سندس اولاد پيا سونهن.“

پير علي محمد راشدي وري سندس شخصيت تي هيئن روشني وجهي ٿو:

”قادريه خاندان جو پڳدار، مرحوم مغفور علي محمد صاحب قادري پڻ شعر و شاعريءَ جو شغل ڪندو ٿي رهيو. نه فقط صورت ۾ بلڪ سيرت ۾ به بزرگ هو. سندس مٿي تي سنڌي طرز جي سفيد پڳ خاص طرح سان ڏاڍي سٺي لڳندي هئي. فارسي خواهه سنڌي ڪلام گهڻو چڱيائين. سندس همعصر شاعر ڪيس استاد ڪري مڃيندا هئا.“

مخدوم محمد زمان طالب المولي، پنهنجي ڪتاب ”ياد رفتگان“ ۾ هن طرح سان اظهار ڪري ٿو:

”مرحوم قادري سنڌي، فارسي ۽ اردو ۾ چڱي دسترس رکندو هو. وقت جي پخته شاعرن ۾ سندس مقام مٿانهون هو. پاڻ سنڌ جي شاعر ميان غلام محمد ”گدا“ جو شاگرد هو. سندس ڪلام پڪو پختو ۽ وڻندڙ آهي. ”بزم مشاعره“ لاڙڪاڻو سندس محنت جو نتيجو آهي. مرحوم علي محمد قادري اوصاف فقيرانه سان سينگاريل هو.“

ميان علي محمد قادري جي علمي جدوجهد جو اندازو ان مان لڳائجي ته هن نه صرف ادبي ادارا قائم ڪيا پر سنڌي ادب جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ هن ميان غلام سرور ”فقير“ سان گڏجي 1922ع ۾ قادريه پرنٽنگ پريس قائم ڪئي. جنهن مان 1922ع ۾ اخبار ”الحقيقت“ نڪرڻ لڳي. انهيءَ اخبار جي بانين مان ميان علي محمد قادري به سنڌي صحافت ۾ پنهنجي جداگانه حيثيت ٿاهي. ان کان پوءِ انهي پريس مان 1922ع ۾ ”گلدسته سنڌ“ شايع ٿيو. ان جو ايڊيٽر ميان علي محمد قادري هو. هن ادبي رسالي سڄي سنڌ ۾ مقبوليت ماڻي. محمد هاشم ”مخلص“ گلدسته سنڌ تي تبصرو ڪندي چوي ٿو:

”لاڙڪاڻي مان بزم مشاعره جي طرفان ماهوار رسالو ”گلدسته سنڌ“ جو پهريون نمبر اسان کي پهتل آهي. واقعي عمده گلن جو مجموعو (گلدسته) آهي. منجهس شعر و شاعري بابت عمدا مضمون ۽ سنڌ جي نامور شاعرن جا غزل شايع ٿين ٿا.“

اهڙي طرح سندس شخصيت جا ٻيا به پهلو هئا، جن کي اجاگر ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي. سياست جي حوالي سان هو لاڙڪاڻي جي انهن عمائدين منجهان هو. جن 18 آڪٽوبر 1938ع ۾ قائداعظم جي لاڙڪاڻي آمد تي ڪيس سپاسنامو پيش ڪيو هو. شروع کان وٺي ميونسپل ڪاميٽيءَ جو ميمبر ۽ سينيٽري ڪاميٽي جو چيئرمين رهيو. نواب امير علي لاهوري پريزيڊنٽ ميونسپل ڪاميٽي لاڙڪاڻي جو اهو معمول هو ته هو گهوڙي تي چڙهي شهر جو دورو ڪندو هو. انهيءَ معمول ۾ ميان علي محمد قادري سان ملاقات ۽ مشاورت به ٿيندي هئي. تعليمي حوالي سان سندس گهڻيون خدمتون هونديون هيون. هو ڪافي عرصو چيئرمين، ميونسپل اسڪول بورڊ لاڙڪاڻو به رهيو..

اها اميد ٿي ڪجي ته سندس شخصيت جي انهن اهم بلڪ وساريل پهلوئن تي به اهل قلم ۽ اهل علم ضرور لکندا ۽ سنڌ جي سچيت ۽ سيرتوند شخصيت کي ضرور سارينداِ جنهن هن جهان مان 10 نومبر 1940ع تائين بي لوث خدمت ڪئي ۽ پنهنجي نيرورتا ۽ جڳياسي هجڻ جو اعلان ڪري موڪلائي ويو

ڪي سڏن سني، ڪي شيعو ٿا چون سڀ خاص عام،
ڪي صفا صوفي سڏن، منهنجو پڙهي هي خوش ڪلام
جو ئي آهيان سو ئي آهيان، جيئن چون مَرُ پيا چون
ٻارهن پنجن چئن جو قادري آهي غلام.

***

محمد حسين مڪاني عرف فقير غلام حسين: وساريل ڪاهوڙي

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي گنج ۾ سر ڪاهوڙي جو پهريون بيت آهي:

"مون سين ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي
رهي اڇجي راتڙي، تن جُنگن سندي جاءِ
تنين جي ساڃاءِ، ٽُرهو ٽيندو تار ۾.

متفق راءِ سان چيو ويندو آهي تہ اِهو بيت پٽ ڌڻي عمومن سلطان الاولياءُ خواجہ محمد زمان لنواري وارن جي باري ۾ چيو آهي. ڪافي عقيدتمندن ۽ صوفي دوستن خاص ڪري ڊاڪٽر ساغر ابڙي جي تحقيق آهي، تہ سُر ڪاهوڙي آهي ئي خواجہ محمد زمان ۽ سندس جماعت جي باري ۾.

16 صفر 1130 هجريءَ ۾ شاهہ عنايت جي شهادت کان پوءِ سنڌ ۾ هڪ ماٺار ۽ مايوسي ڇانئجي وئي. 1150 هجري ۾ جڏهن خواجہ محمد زمان جي عمر صرف پنجويهہ سال هئي تہ هڪ نئين تحريڪ اُڀرڻ لڳي. سندس ارد گرد ماڻهن جو دائرو وسيع ٿيندو ويو. اِنهيءَ ڪري لطيف سائين بہ آخري عمر ۾ خواجہ محمد الزمان وٽ تشريف فرما ٿيا. ۽ سنڌ اندر هڪ نئين اُسرندڙ روحاني تنظيم جو جائزو ورتائون ۽ پنهنجا تاثرات سر ڪاهوڙيءَ ۾ بيتن جي ذريعي ڏنائون. سندس هڪ بيت مثال طور تي پيش خدمت آهي:

تان وَڻُ ويهي آءُ، اڱڻ ڪاهوڙين جي،
جوش ڏنائون جيءَ کي، لڪائي لوڪان،
ڏوٿين ڪنهن ڏُڪان، سُمهي سک نہ ماڻيو.

حقيقت ۾ تہ هيءَ اُها نئين فڪري تحريڪ هئي، جنهن ۾ وحدت الشهود ۽ وحدت الوجود کي سلهاڙي پيش ڪيو ويو هو. مان اِن حوالي سان مولانا غلام محمد گراميءُ جي اُن مشهور تقرير جو حوالو ڏيندس، جيڪا هن خواجہ محمد زمان لنواري واري جي عرس جي موقعي يعني 19 نومبر 1974 تي سنڌي ادبي ڪانفرنس ۾ ڪئي هئي:

"حضرات، نقشبندي ٿيڻ جي معنيٰ ئي آهي، وحدت الشهود جو لازمي طور سان قائل رهڻ. ڪو نقشبندي بہ هجي ۽ وحدت الشهود جو قائل نہ هجي. اِها نا ممڪن ڳالهہ آهي يا اُهو اهڙو اجتماع الضدين آهي، جنهن جي تطبيق ڪرڻ کان اسان قاصر آهيون. بهرحال حضرت سلطان الاولياءُ جو اِهو

انفرادي ڪمال آهي، جو پاڻ وحدت الوجود جي تائيد ۽ تصديق بہ ڪيائون ۽ اُن جي تجديد ۽ تڪميل بہ ڪيائون. تڏهن تہ فرمايائون:

سر تيون ست ڪپاهہ، ماريو مَ منصور کي
ٿي ترڪيب تباهہ، وحدت وائي وات ۾.

هڪ طرف خواجہ محمد الزمان جي سنڌ ۾ اِها هڪ نئين صوفياڻي تحريڪ هئي، جنهن ۾ وحدت الوجودي ۽ وحدت الشهودي صوفين کي ملائي هڪ ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي تہ ٻيءَ طرف تزڪيہ نفس ۽ روحانيت جي حوالي سان اهو غير متعصبانہ فڪر هيو جنهن ۾ هندو مومن ٻنهي فيض پئي ورتو. سندس باري ۾ اِها هڪ مشهور روايت آهي، تہ هڪ هندو ڌرم سان تعلق رکندڙ ماڻهو سندس خانقاهہ ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين تہ "اسم اعظم جو وظيفو عطا ڪيو وڃي. تہ پاڻ اُن کي اسم اعظم جي وظيفو ڏيڻ جو اقرار ڪيائون تہ هڪ مسلمان مريد اعتراض واريو تہ اسم اعظم جو وظيفو وٺندڙ غير مسلم آهي. تہ پاڻ فرمايائون تہ ميان توکي مسلماني جي ڪهڙي خبر."

سندن اهڙي تعليم کان متاثر ٿي، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ماڻهو خانقاهہ تي اچڻ لڳا. جنهن کي اڳتي هلي"مڪان پاڪ" جي نالي سان سڏيو ويو. پاڻ کين رضا، توڪل، صبر ۽ سخاوت جو سبق ڏئي، اُهو "ڪاهوڙي" پئي بڻايو جن وحدت الشهود واري ڪامل ارادي، مڪمل ادب ۽ عجز کي سامهون رکي، وحدت الوجود واري وات پئي ورتي.

اهڙيءَ ريت سنڌ جي سماج ۾ اعليٰ انساني آدرش جي آبياري پئي ٿي. لفظ "ڪاهوڙي" جي عام طرح معنيٰ اِها آهي "ڏٿ ڏوريندڙ يا جبلن تي ڏٿ ڳوليندڙ" پر ٻي معنيٰ آهي، ڪاهوڙي ڪاهيندڙ يا ڏوريندڙ ۽ اصطلاحي معنيٰ آهي ارادي جا پڪا ۽ اٽل فيصلي وارا ــــ حقيقت ۾ تہ سلطان الاولياءُ جي پنيان هلندڙ اُهي نظرياتي ماڻهو هيا، جن نئون سماجي معاهدو ترتيب پئي ڏنو. جنهن ۾ هر "انسان کي جيئو ۽ جيئڻ ڏيو" جو سبق هيو.

اهڙين ئي ڪاهوڙين مان محمد حسين ولد محڪم الدين جوکيو بہ هڪ هيو. جيڪو اصلي لسٻيلي جو رهاڪو ۽ حق جو ڳولهائو هيو. جنهن سلطان الاوليا محمد الزمان جي هٿ تي بيعت ڪئي. ۽ پوءِ اِهو مريدي ــ خادمي جو سلسلو پشت با پشت هلندو آيو. ۽ پوءِ محمد حسين جوکيو جي اولاد مرشدن جي مڪان پاڪ جي قربت ۽ نسبت سان "مڪاني" سڏائجڻ لڳي.

حضرت سلطان الاولياءُ خواجہ محمد الزمان جي اولاد جي سلسلي مان جيڪي مسند نشين بزرگ ٿيا. اُهي هيٺين ريت آهن.

1. خواجہ گل محمد محبوب الصمد 2. حضرت غوث عالم خواجہ محمد زمان ثاني 3. حضرت خواجہ محمد حسن مهاجر مدني 4. حضرت خواجہ محمد سعيد مهاجر مڪي 5. حضرت خواجہ احمد زمان 6. حضرت خواجہ قبلہ پير گل حسن.

۽ خاص مريدي سلسلي مان محمد حسين جوکيي جو سلسلو بہ هيٺين ريت هلندو آيو:

1.صوفي فقير عبدالله 2. معلم محمد حسين مڪاني 3. فقير عبدالله مڪاني 4 . آخوند محمد حسين مڪاني 5. حاجي عبدالله مڪاني 6. ماستر محمد حسين مڪاني عرف صوفي غلام حسين.

ماستر محمد حسين مڪاني عرف صوفي فقير غلام حسين مارچ 1888ع ۾ سنڌ جي تعليمي مرڪز پاٽ ۾ ڄائو جو سندس والده ماجده جو تعلق "پاٽ" سان هيو. جڏهن تہ والد حاجي عبدالله مڪاني جو ڳوٺ هاٽوڪي سڪرنڊ مورو تعلقي جي پراڻي ڳوٺ "ملڪ" سان هيو.

محمد حسين مڪاني پرائمري تعليم پاٽ ۾ حاصل ڪئي ۽ پوءِ سنڌي فائنل جو امتحان بہ اُتي ڏنائين ۽ سڄي سنڌ ۾ پهريون نمبر حاصل ڪيائين. سندس هم عصر ۽ ڪلاس ميٽ مرحوم قاضي اختر علي جو والد قاضي غلام مصطفيٰ صاحب بہ هيو.

جيئن ئي سنڌي فائنل پاس ڪيائين تہ ڪيس "پاٽ" جي پرائمري اسڪول ۾ نوڪري ملي. اُتي هن پنهنجي محنت سان بهترين اُستاد جي حيثيت سان نالو ڪڍيو. اُن ڪان پوءِ ٽريننگ جي لاءِ "ٽيچرس ٽرينگ اسڪول جهوناڳڙه" موڪليو ويو. جتي بہ هن پهرين پوزيشن حاصل ڪئي ۽ پوءِ نوڪري سانگي ٺاٽي بولا خان ڪوٽڙي، ڪراچي ۽ سنڌ جي مختلف شهرن مان ٿيندو لاڙڪاڻي پهتو. لاڙڪاڻي ۾ سندس علمي قابليت جي هاڪ مچي وئي. 1922ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي جي هيڊ ماستر مسٽر ايل – پي واڌواڻي ڪيس اسڪول ۾ ٽيچر ٿيڻ جي آفر ڏني. جيڪا هن قبول ڪئي. اُن وقت گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي جا ڪلاس ٽريولر بنگلو ۾ هلندا هيا. جيڪو هاٽوڪي ميونسپل هاءِ اسڪول جي لڳو لڳ هيو. جنهن ڪي ان وقت وڊيل باغ بہ ڪري سڏيو ويندو هو. ياد رهي تہ گورنمينٽ هاءِ اسڪول 1919ع ڪان شروع ٿيو هيو– جڏهن انسپيڪٽر آف اسڪولس سنڌ، گورنمينٽ هاءِ اسڪول جي اِنسپيڪشن تي آيو تہ هن اعتراض واريو تہ اپائنٽمينٽ ميرٽ تي ناهي جو استاد صرف سنڌي ست درجا فائنل پاس آهي. هيڊ ماستر وراڻيو تہ "سائين جي منهنجي وس ۾ هجي ها تہ هن عالم شخص ڪي پنهنجي ڇيئر تي ويهاريان ها." انسپيڪٽر صاحب، ماستر محمد حسين مڪاني جي انگريزي ۾ ٽيسٽ ورتي، تہ انگريزي ٻوليءَ تي دسترس ڏسي حيران رهجي ويو. پڇيائين "انگريزي ڪيئن پڙهيو آهين؟" جواب ۾ چيائين، "شوق پڙهائي آهي." ان ڪان پوءِ پڇيائين، تہ "تنهنجو

پسنديده سبجيڪٽ ڪهڙو آهي؟“- جواب ڏنائين، ”مئٿميٽڪ“ ۽ انهي ۽ سبجيڪٽ ۾ ڪيس 72 حسابن جا درجا لڪرائي چيائين تہ ين ڪلاڪن اندر ڪري ڏيکار- تہ ماستر محمد حسين مڪاني وراڻيو تہ ”سائين ڪري ڏيکاريانوَ يا انهن جا جواب اِتي جو اِتي ٻڌائي ڇڏيانوَ. پوءِ جڏهن 72 ئي حسابن جا جواب اُتي جو اُتي ٻڌائيندو ويو تہ انسپيڪٽر آف اسڪولس سنڌ لاجواب ٿي ويو. ۽ اپائنٽمينٽ ڪي ميرٽ تي ڪرڻ جا ريمارڪس ڏئي هليو ويو-

1922ع کان 1931ع تائين گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي جو هر دلعزيز اُستاد رهيو. غير نصابي سرگرمين ۾ بہ هن گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ نمايان ڪم ڪيو. پاڻ جيئن تہ فوٽ بالر هيو. ان ڪري گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي جي فوٽ بال ٽيم کي ڪراچي ۽ جهوناڳڙه تائين وٺي ويندو هيو. ۽ ٽورناميٽ کٽرائي ايندو هو. نہ صرف اسپورٽس ۾، پر ثقافتي ۽ ادبي سرگرمين ۾ بہ هاءِ اسڪول کي وڏي اوڄ تي پهچايائين. اسڪول ۾ منقعد ٿيندڙ مشاعرن ۾ حصو ورتائين، سنڌس ئي شعر جي هڪ طرح تي مزاحيہ مشاعري جو اهتمام ٿيو.

آلجبرا سپ جهڳڙا

اسان جا ٿين ڪڙڪي ويا

اهڙي طرح شاھ جي سورمين تي هن ڪيترا اڪيڊمڪ اسٽيج ڊراما تخليق ڪيا. هو هڪ لائق فائق اُستاد هو ـ ذهين شاگردن کي ننڍين پائرن وانگر پائيندو هو. سندس شاگردن ۾ لاڙڪاڻي جي ڪيترن ئي معزز شخصيتن کي ڳڻائي سگهجي ٿو. جنهن ۾ ميڊم اشرف عباسي ۽ ڪامريڊ عبدالقادر عباسي آهن. ليڪن علم و ادب جي حوالي سان ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو ۽ رام پنجواڻي قابل ذڪر آهن. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي لکيل پهرين ڪتاب”وينجهار“ ۾ ”بہ اکر“ جي عنوان سان سندس باري ۾ هينئين ريت اظهار آهي:

”عزيزي مسٽر محمد حسين صاحب مڪاني جو تهدل سان شڪر گذار آهيان. جنهن آنڌيءَ مانجهيءَ سڏيءَ سڏ ڏنو.“

اهڙي طرح رام پنجواڻي پنهنجي هڪ خط ۾ پنهنجي اُستاد محمد حسين مڪانيءَ کي مڃتا ڏيندي لکيو آهي، تہ .

”رام پنجواڻي کي، رام پنجواڻي بڻائڻ ۾ سائين محمد حسين مڪاني صاحب جو وڏو هٿ آهي.“

1932ع کان پوءِ ڪيس لاڙڪاڻي ضلعي جي انڊيجينس اسڪولس يا عرف عام ملان اسڪولن جي ڊپٽي ايڊيوڪيشنل آفيسر جي آفر ٿي، جيڪا پاڻ قبول ڪيائين. ڪيس مختلف اسڪولن جي جاچ پڙتال ڪرڻ لاءِ اُٺ ۽ جت مليل هوندو هيو.

سندس ايمانداري ۽ سختي سڄي ضلعي ۾ مشهور هئي. سندس ايامڪاريءَ جي دوران سندس پٽ عبدالله مڪاني ”ديني مدرسي“ ۾ ٻيو درجو پڙهندو هيو. ٻي درجي جي امتحانن ۾ عبدالله مڪاني پهريون نمبر آيو. تہ پاڻ ان نتيجي کي رد ڪري ٻيهر امتحان وٺڻ لاءِ چيائين. ان ڏؤر ۾ ايڊيوڪيشنل سپروائيزر ميان محمد ابراهيم عباسي ۽ محمد عثمان چانڊيي، سندس پٽ جو ٻيهر امتحان ورتو ۽ نتيجي کي جڏهن صحيح قرار ڏنائون تہ مطئمن ٿيو.

ائين هڪ ٻيو واقعو بہ سندس حوالي سان عبدالله مڪاني صاحب ٻڌائي ٿو، تہ ”هڪ ڀيري سندس غير حاضري ۾ قنبر تعلقي جي مدرسي جو مولوي هرڻي ڪٽي گهر پهچائي ويو. جڏهن بابو سائين آيو تہ سخت ناراض ٿيو ۽ مون کي چپاٽ هڻي چيائين تہ تو هرڻي ورتي ڇو...؟ سندس غصو ايسيتائين ٺڏو نہ ٿيو جيسيتائين اُها هرڻي واپس نہ ٿي.“

ايمانداريءِ ان کان وڏيڪ ٻي ڇا چئبي تہ 1938_39ع ڌارا قادر بخش ٽالپر ٽنڊي جان محمد جو مير صاحب، سندس دوست ۽ پير ڀائي هو. بيمار ٿيو تہ ڪراچي اسپتال ۾ محمد حسين مڪاني سندس تيمارداري ڪرڻ لڳو. پر مير صاحب جو وقت ويجهو اچي چڪو هو. مير صاحب مائٽن جي سامهون محمد حسين مڪاني کي چاليهہ هزار روپيہ ڏنا ۽ چيائين تہ ”فقير غلام حسين تون رک. تنهنجي فقيري حال جي اسان کي خبر آهي توکي اهي ڪم ايندا.“ محمد حسين مڪاني سندس دل رکڻ لاءِ پئسا تہ ورتا. پر سندس لاڏاڻي کان پوءِ اُهي پئسا لوڪل بورڊ ۾ اِن شرط تي جمع ڪرايا تہ ٽنڊي جان محمد ۾ مير قادر بخش جي نالي تي اسڪول ٺهرايو ويندو. ۽ پوءِ اُهو اسڪول جڙي راس ٿيو.

درگاهہ لنواري شريف جي مرشدن طرفان جڏهن حڪم ٿيو تہ درگاهہ کي سندس خدمتن جي ضرورت آهي، تہ پاڻ 1942ع ۾ پرميچوئر رٽائرمينٽ وٺي. پنهنجي روحاني مرڪز سان منسلڪ ٿي ويا۔

خواجہ احمد زمان جي وصال کان پوءِ حضرت قبلہ پير گل حسن جڏهن دستاربندي پئي ڪئي، تہ اُن موقعي تي سندس چيل مدح مشهور آهي. جنهن جو ذڪر، عبدالرحمان نقاش ۽ آسودو مل چانڊواڻي جي ترتيب ڏنل ڪتاب ”ذڪر ڏنو چنڊ“ ۾ هيٺين ريت بيان ٿيل آهي:

”جماعت جي مشهور شاعر ۽ پنهنجي زماني جي ممتاز تعليمي ماهر صوفي غلام حسين پنهنجي هڪ مدح ۾ حضرت جن جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي:

فضل داور تو ڪيي، چا تو ڪري چرخ ڪُهن
جي گهلي باد - خزان، آخر صبا ايندي چمن
ابر باران تازگي ڏيندو اُها ئي ڪي گلن
اڄ نرالي رنگ ۾ پوشاڪ پهري جانِ - من
صورتِ زيبا چنين نامش وري ٿيو گل حسن.

1989ع ۾ لنواري شريف ادبي ڪميٽي جي طرفان مٿين ڇپيل ڪتاب جي ارپنا جماعت جي اهم شخصيتن جي نالي هيٺين ريت ٿيل آهي.

”ارپنا ــ هي ڪتاب دل جي گهراين سان

مير حاجي سهراب ڪڏڙو (سانگهڙ)، آخوند الهڏنو بوبڪائي، خليفو محمد صديق ٻلهڙيجي (ڏوڪري)، **فقير غلام حسين لاڙڪاڻوي**، ڊاڪٽر الهرکيو آزاد لنواري شريف (بدين) سيد باغ علي شاهه لکنوي ۽ محمد ابراهيم مڪاني ٻلهڙجي کي ارپيون ٿا. جن جي روايتن ۽ ابتدائي ڪوشش هن ڪتاب جي اشاعت کي ممڪن بڻايو.“

محمد حسين مڪاني عرف صوفي غلام حسين نه صرف سنڌيءَ تي دسترس رکندو هيو. پر پاڻ جي علمي ۽ ادبي پس منظر رکڻ جي ڪري ڪيس پارسي ۽ عربي تي عبور حاصل هيو. هن سلطان اولياءُ خواجہ محمد الزمان جي پارسي ۾ لکيل ملفوظات کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ 1951ع ۾ محمدي پريس لاڙڪاڻي مان ڇپايو. سندس ترجمو ٿيل، ڪجهه ملفوظات پيش خدمت آهن.

1.ــــ خلق جو عالم، افضل آهي، امر جي عالم کان ڇاڪاڻ ته ظهور اُن مان ئي حاصل ٿئي ٿو.

2ــــ معراج جي رات سواءِ انسانيت جي، ٻيو ڪو آخري پردو ڪو نه رهيو.

3ــــ مراقبي جو نمونو ٻليءَ کان سکڻ گهرجي، جيڪا ڪوئي جي ٻــر تي جوهه ماري ويهندي آهي.

4ــــ جنهن کي محبت ناهي، تنهن کي ايمان ناهي. جنهن کي اطاعت ناهي، تنهن کي ذڪر ناهي.

5ــــ انسان قائم آهي، خيال تي، خيال گم ٿيو انسان به گم ٿي ويندو.

6ــــ جڏهن فڪر تمام گهڻو ٿيندو تڏهن خدا حاصل ٿيندو.

7ــــ جڏهن خاڪ جي وصف کي پهچندين، تڏهن پائنج ته سير سلوڪ پورو ٿيو.

8_ جهڙيءَ طرح بہ گدرا مٽ ۾ نہ ٽا اچي سگهن. ان طرح دنيا ۽ آخرت بہ هڪ ئي وقت هٿ نہ ٽا ڪري سگهجن.

9_ سچي صحت ۽ مسرت فقيري ۾ آهي. ليڪن فقيري غربت جو نالو آهي، نفساني خواهشن کي مٽائڻ جو نالو آهي.

10_ جو طالب خود کي فنا نہ ٿو ڪري، محض وظيفن ۽ درودن جي ذريعي حق تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. خدا کي اُن جي وظيفن ۽ ورد جي پرواهہ ناهي.

11_ اسان جو طريقو هٿ هاج ۾، دل يار ڏي هجي.

سلطان اولياءُ خواجہ محمد زمان جا ملفوظات ڪل 446 آهن. هر هڪ قول معرفت جو موتي، توحيد ۽ سلوڪ جو ياقوت و الماس مثل آهي.

ان ڪان سواءِ محمد حسين مڪاني عرف صوفي غلام حسين جو اڻ ڇپيل مواد، قلمي نسخي جي صورت ۾ "سوانح حيات حضرت خواجہ احمد زمان" لنواري شريف جي ادبي ڪميٽي وارن وٽ اجا موجود آهي ۽ ڇپائيءَ جو منتظر آهي.

ڪيس مذهبي شاعريءَ تي بہ ملڪو حاصل هيو. ان ڪري جماعت ۾ سندس مداحون، مُناجاتون، قصائد ۽ نعتون نهايت مشهور هيون. جيڪي اڄ بہ ڪيترن کي بر زبان ياد آهن، جن جا ڪجهہ بند ، مثال طور پيش آهن.

ڏوهہ	ڏوهيءَ		جا	ڪروڙين
مثل	واريءَ		جي	اپار
ڇا	صغيرا،		ڇا	ڪبيرا
ناهہ	تن	جو	ڪو	شمار
عُفو	جي		فرمان	سان
سائين	ستر		ڪرڪو	ستار
انت	شافعي،		انت	ڪافي
انت	مولا،		تون	غفار
رحم	واري		ذات	تنهنجي
رحم		ڪر		پروردگار
رحم	تنهنجو		تو	نهاريان

رحم تنهنجو بي شمار

❉

سپ نڳيءَ جا ناھ ناھيم
ڪو نہ پاڙيم ڪو اکر
ٻاجھ پريا ٻاجھ ڪر
ڪر نہ مون کي دربدر

❉

ڪر ڪرم خيرالواري، يا رحمت العالمين
شافع روز جزا، يا رحمت العالمين

سندس پٽ سائين عبدالله مڪاني ٻڌائي ٿو تہ ”هڪ دفعي امان سخت بيمار ٿي پئي، ايسيتائين جو بدن جي ڪل بہ لهي ويس. گهڻي دوا درمل ڪان پوءِ بہ سندس جان آجي نہ پئي ٿي. بابا هڪ مناجات جوڙي وڏي عجز سان امان جي مٿان پڙهڻ لڳو.

شهنشاه مشڪل ڪُشا، اچ ٻاجھ تنهنجي ٿي ڪپي
درد جا دارون دوا، اچ ٻاجھ تنهنجي ٿي ڪپي.

نتيجي ۾ امان ٻن هفتن اندر نيڪ ٿي وئي. “

بقول سائين عبدالله مڪاني جي، تہ سندس ڪافي لکيل مواد گهر ۾ ڪاٺ جي پيٽين ۾ موجود هيو. جيڪو اڏوهي جي ور چڙهي ويو. حتاڪ، اُهو سروس بوڪ بہ جنهن سان سندس ملازمت واري زندگيءَ جو احوال ترتيب ڏئي سگهجي پيو.

”گلزار سعادت “ نالي مناجاتن ۾ مدحن جو ڳٽڪو جماعت جي هڪ ميمبر طرفان ڇپايو ويو هو. جنهن ۾ سندس ڪافي شاعري هئي. جيڪو هن وقت اڻ لڀ ٿي چڪو آهي.

محمد حسين مڪاني عرف فقير غلام حسين شريعت ۽ طريقت جا صاحب هيا. نماز پڙهڻ وقت، تڪبير چوڻ ڪان پوءِ دنيا و مافيها ڪان بي خبر ٿي ويندا هيا. ٻاهريون گوڙ ۽ شور، ايسيتائين جو دهل ۽ شرنائين جو آواز بہ مٿانئن اثرانداز نہ ٿيندو هو. مراقبي ۾ ذڪر قلبي سان ڪين رغبت هئي. اِنهيءَ مراقبي ۽ ذڪر قلبي جي اسرار کي سمجهڻ ۾ انداز کي اختيار ڪرڻ لاءِ، وقت جا عالم سندس وٽ ڪهي ايندا هيا. مولانا غلام رسول جنهن جا خطبہ مشهور آهن. اُهو بہ وٽس رشد ۽ هدايت وٺڻ لاءِ ايندو رهندو هيو.

68 سالن جي عمر ۾ جڏهن بيمار ٿيا تہ اڳوات ئي سپن ڪي ٻڌائي ڇڏيون تہ ”اسان وڃڻ وارا آهيون.“ دوستن، احبابن ۽ پير پاين ڪيس عرض ڪندي پڇيو تہ ”اوهان کان پوءِ روحاني صحبت ڪنهن سان ڪجي.“ تہ وراڻيائون، ”هاڻي روحاني صحبتن جو دؤر ختم ٿيو. هاڻي هر ڪنهن ڪي صحبت پاڻ سان ڪرڻي آهي.“ سن 1956ع ۾ پاڻ وفات ڪيائون ۽ لاهوري محلي لاڙڪاڻي جي وڏي مقام ۾ مدفون آهن.

اولاد ۾ ڪيس ٽي پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي. پهريون پٽ احمد علي مڪاني مرحوم، سرڪاري ملازمت اختيار ڪئي ۽ سپرنڊنٽ جي حيثيت سان رٽائرڊ ڪيو. ٻيو پٽ مرحوم ڪامريڊ شوڪت علي مڪاني سنڌ جو بي باڪ ۽ اردو صحافي ٿي گذريو آهي ۽ هاري تحريڪ جي حمايت ۾ جيل بہ پوڳيائين. ٽيون پٽ عبدالله مڪاني جيڪو ميونسپل هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر ٿي رهيو ۽ پوءِ ايڊيشنل ڊائريڪٽر ايڊيوڪيشن جي عهدي تان 1991ع ۾ رٽائر ٿيو حال حيات آهي. سندس پوٽن ۾ محمد حسين مڪاني ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر لاڙڪاڻو منهنجي ننڍپڻ جو محرم راز دوست آهي، جيڪو پنهنجي ڏاڏي جي روحاني ۽ جسماني نقش قدم تي روان دوان آهي.

ماستر محمد حسين مڪاني عرف صوفي فقير غلام حسين لاءِ سندس ئي ڪامل مرشد سلطان اولياءَ خواجہ محمد زمان جو اُهو بيت اربجي تہ بهتر ٿيندو. يقين آهي تہ اُهو بيت ئي سندس روح کي سڪون ۽ آرام بخشيندو.

صنم سو ئي يانءِ جو دل رهائي دوست کان
ٿياسي ئي ٿانءِ جي هميشہ حضور ۾

**

انيس انصاري: پرمل ۽ نرمل انسان

سوامي هر ديال جي سسنسڪرت ٻوليءَ جو مها ڪوي ٿي گذريو آهي. ان جو هڪ شعر آهي.

گير گير مين ماڻڪ نهين، گج گج موتي ناهہ

چندن ترو بن بن نهين، پور پور ساڌو ناهہ

(هر سمنڊ ۾ ماڻڪ ناهي. هر هاٿي موتين لائق ناهي هر بن ۾ چندن ڪونهي، هر وستيءَ ۾ ساڌو ناهہ.)

اها ڪيڏي نہ خوش نصيبي هئي منهنجي، جو مان لاڙڪاڻي جي لاهوري محلي جي ان ڪنڊ ۾ رهان ٿو. جتي انيس انصاري جهڙو دلڏير، دلساز ۽ جوتي سروپ ساڌ رهندو هو.

27 آڪٽومبر 1996ع تي انيس انصاري مون کي پنهنجي افسانن جو مجموعو ”انيس جا افسانہ“ ڏنو. جنهن جي مهڙين صفحي تي سندس هٿ اکر لکيل هئا.

”سني ڪهاڻيڪار ۽ سني پاڙيسري جناب منظور ڪوهيار کي سڪ سان.“

مان سوچيندو رهجي ويس تہ اهو ريمارڪ انيس انصاري منهنجي لاءِ لکيو يا پنهنجي لاءِ؟ دراصل اسان جهڙن ٻاٻرن ڪنڊن کي بہ درخت سڏڻ اهو ڪم ساڌن جو جيڪي هميشہ نير ورتا واري حالت ۾ هوندا آهن. تڏهن تہ ڪنهن هندي شاعر چيو آهي.

سادهو اور پارس مين بڙا انتر جان

وہ تانبا سونا ڪري، وہ ڪري آپ سمان.

انيس انصاري پهريائين تہ مون لاءِ صرف چاچو الله بخش هو. چو جو هُو اشتياق انصاريءَ جو والد هو ۽ ان وقت لاڙڪاڻي جي رول رانديگرن جو نظريو هو تہ هڪ ٻئي جي والدين جو حد کان وڌيڪ (چمچا گيري جون هڙيئي حدون اورانگهيندي) احترام ڪيو وڃي تہ جيئن گهر ۾ رانديگرن جي عزت ۽ حيثيت ٿئي ۽ ٽوئر لاءِ وقت سر اجازت ۽ پئسو ملي.

ٻي حوالي سان بہ نياز نوڙت هئي جو هو پاڙي جي بزرگن منجهان هو سندس گهر ۽ منهنجي گهر ۾ صرف ستن فٽن جي ويڪري وٿي گهٽيءَ جي صورت ۾ هئي. اسان جي ننڍي وهي وارن جو ان زماني ۾ اهو آدرش هو تہ پاڙي جي بزرگن کي ”فرمانبرداري“ واري ڀرم رکڻ لاءِ هر هر سلام ڪجي، ڪڏهن ڪڏهن تہ اسان بزرگن کي چيڙائڻ خاطر بہ سلامن جي يلغار ڪندا هياسي. چاچو الله بخش بہ هڪ ڏينهن ان آزمائش مان گذريو. هو ان وقت پنهنجي سڪ ساءَ واري سان گهر جي در ٻاهران گفتگو ۾

مصروف هو. اسان انن چڙن صلاح ڪري واري واري سان ڪيس سلام ڪيوسي، هن مشڪي هر هڪ ڪي جواب ڏنو. وري موٽ ڪائيندي ڪيس سلام ڪيوسي. اهڙي ريت چار چڪر هٽي، پٺيهہ سلام ڪري ٿڪجي پياسي، پر چاچو الله بخش نہ ٿڪيو. هر وار مشڪندو رهيو ۽ سلام ورائيندو رهيو.

آخري عمر تائين بہ ”ياران ڪهن“ ڪان وٺي، نوجوان، جنهن ۾ خاص ڪري امام راشدي، نئين ديري مان ڪهي ايندو هو. چاچو الله بخش طبيعت جي ناسازيءَ جي باوجود بہ در تي بيٺي بيٺي ساڻن خوش و خير عافيت ڪري وٺندو هو. ڪڏهن بہ ڪين مايوس نہ ڪيائين ۽ نہ وري منهن ۾ گهنج وڌائين.

حقيقت ۾ تہ انيس انصاريءَ سان منهنجي واقفيت تڏهن ٿي، جڏهن مون ادب پڙهڻ شروع ڪيو هو. ”اشتياق انصاري“ نہ ٻڌائي ها تہ انيس انصاري بابا جو قلمي نانءُ آهي تہ پڪ سان مان ڪيس ڪنهن ڇوڪريءَ جي تصور ۾ نڌان روپ ڏيان ها، بس ان ڏينهن ڪان وٺي ”انيس انصاري“ جو مضمون يا افسانو مون لاءِ فخر جو باعث بڻيو. مون کي ياد آهي تہ جڏهن سندس ڪهاڻي ”اداس پليئر“ سوجهرو ۾ ڇپي تہ مون ميگزين کڻي لئي ويهاري هئي.

”هي انيس انصاري جو افسانو اداس پليئر آهي، اسان ڪرڪيٽ جي رانديگرن تي لکيل آهي... اشتياق جو والد آهي، وغيره“ بيبن لفظن ۾ مون جڻ ائين پئي ٻڌايو تہ سندس لکڻ ۾ اسان رانديگرن جو وڏو هٿ آهي.

اهو پلو وقت هو. هر سني شي کي پنهنجي own ڪرڻ جو ۽ هاڻي dis own ڪرڻ جو وقت آهي... خبر ناهي تہ اها اجائي انفراديت ۽ پاڻ پٽي وارو مرض ڪٿي پهچائيندو؟

ننڍي ٿهي، وڏي ٿهي يا generation gap جو بحث پنهنجي جاءِ تي، پر حقيقت ۾ اسان سڀ متاثرين جي نسل منجهان آهيون. اسان پنهنجي وڏن جي ڳٽن ڪان متاثر ٿي معاشري جي تشڪيل ڪيون ٿا. خير، ڪو مجي يا نہ مجي پر پاڻ ۾ جيڪي بہ ٿورا ٿڪا گڻ آهن، سي بزرگن جي تربيت جي طفيل آهن.

جي ڪٿي مهمان نوازي ۽ شفقت جو ذڪر ايندو تہ منهنجي اکين آڏو اهو منظر ضرور ڦرندو. جنهن زماني ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۽ مهراڻ يونيورسٽي کي انن نون مهينن لاءِ تالا لڳي چڪا هئا. ”شيرين سومرو“ ۽ ”ميجر ڪفايت“ واري واقعي ڪري ــ گهٽو ڪري تہ 1978ع جا پڇاڙڪا مهينا هئا. اسان واندا مل هڪ ٻئي جا اڻ ڪونيا مهمان ٿي رهندا هياسي، خبر پئي تہ اشتياق وجي ڪراچي وسائي آهي. ڇو تہ ان دؤر ۾ چاچو الله بخش ايڊيشنل سٽي ماجسٽريٽ هو ۽ جيڪب لائن جي هڪ فليٽ ۾ اڪيلو رهندو هو.

سچائيءَ ۾ ڪراچي گهمڻ جو به هڪ پنهنجو مزو آهي، سو اوٽ موٽ جو ڪرايو ڪٽي سڌو اچي جيڪب لائين جي فليٽ ۾ ڏيرو ڄمايوسي، ”ابي جي گهر مزمان، اسان جي دل کي لوڏو ئي نه.“ جي تحت اشتياق انصاري اسان جي خوب خدمت ڪئي. رات جو رلي پني دير سان اچي سمهندا هياسين، چاچو الله بخش صبح سان سويل اٿندو، پنهنجي ناشتي سان گڏ اسان جو ناشتو به ناهي ڇڏيندو ۽ پوءِ اٿاري چوندو.

”بابا، ڪجهه اٿي، ڪاٺو پيئو ۽ پوءِ وري سمهي پئو.“

اسان هر روز شرمسار ٿيندا هياسين ۽ نڪ جي پڪائي سان اٿي، ڪائي پي ۽ پوءِ دل ئي دل ۾ عهد ڪندا هياسين ته اڳتي ڪيس تڪليف ناهي ڏيڻي. پرپوءِ اها ساڳي ڪار، جيئن چوڻي آهي:

”عادت نه مٽي عادتي، علت مور نه جاءِ

اُٺ پوي ڪٽڪ ۾، چُڻ چڻ ڪندا ڪاءِ.“

پر اسان جي خطائن ڪري، هن پنهنجي عطائن ۾ ڪمي نه آندي، اسان به خير سان ڏري گهٽ مهينو رهي پوءِ موٽياسين.

چاچي الله بخش جي مزاح به ڏاڍي گهري ۽ معنيٰ خيز هوندي هئي.

جيتري قدر ياد ٿو پوي ته ان زماني ۾ چاچو الله بخش لاڙڪاڻي ۾ نوڪري ڪندو هو. گهڻو ڪري ته روينو ڪاتي ۾... اشتياق کي ڪي ڪاغذ اٽيسٽيڊ ڪرائڻا هيا .... ان زماني ۾ اهو منظر عام هو ته ڪم ڪنهن هڪ رانديگر جو هوندو. باقي، پنيان لالوءَ وارو لشڪر ساڻ.

ان جو ڪم ان ڪري جلد ٿي ويندو هو جو هر شريف ماڻهو انهن رانديگرن جي ٿهڪن ۽ هُلڙ بازيءَ کان ونءُ ويندو هو. جيڪي ٿوري ٽڪي ڳالهه تي وڦڙي وانگر وسي پوندا ها. اشتياق به ڪجهه ڪاغذ چاچي الله بخش جي ٽيبل تي رکيا ۽ دوستاڻي انداز ۾ چيو.

”سائين، هي ڏسي اٽيسٽيڊ ڪري ڏيو.“

”ها سائين ڪري ٿا ڏيون.“ چاچي الله بخش اسان سڀني تي هڪ طائرانه نظر وجهندي وراڻيو.

چاچي الله بخش جو چاتل سچاتل به ڪو اتي وينو هو. تنهن چيس. ”اوهان هن ڇوڪري کي سڃاڻو به ٿا يا نه. جو ائين اٽيسٽيڊ ڪري ٿا ڏيوس!“

چاچي الله بخش وراڻيو ”هن سان ته ايتري شناسائي ناهي، پر هن جي ماءُ سان شناسائي پراڻي وقت کان آهي.“

همراهہ هڪو ٻڪو ٿي ويو ۽ عجيب نظرن سان اشتياق کي گهورڻ لڳو. سائين جو ڪو ٻيو دوست بہ اتي ويٺو هو. تنهن سندس حيرانگي دور ڪندي چيو. "اهو چوڪرو سائين جو پٽ آهي."

ان همراهہ سڪون سان ساهہ کڻندي چيو. "مون بہ سوچيو پئي تہ الله بخش جهڙو سنجيده ماڻهو ائين ٿي نٿو سگهي. چئبو تہ اڄڪلهہ اوهان مذاق گهٽ ٿا ڪيو.!؟"هن چاچي الله بخش ڏانهن منهن ڪندي چيو.

"مون تہ حقيقت بيان ڪئي, اوهان الائي ڇو مذاق سمجهي؟" چاچي الله بخش آرام سان وراڻيو.

۽ اها مذاق بہ نہ هئي. ڪيس پنهنجي رفيق حيات سان ڏاڍي انسيت هئي. ان جو اظهار سندس افسانن جي مجموعي "انيس جا افسانہ" جي ارپنا ۾ آهي.

"اڌ صدي ڏکن ۾ ساٿ ڏئي سکن ۾ اڪيلو ڇڏڻ واري عائشہ انصاري جي نانءُ"

چاچو الله بخش پنهنجي شخصيت جي حوالي سان ڏاڍو ڳنڀير هو. ان ڪري جنهن تنهن کي دل جا انگور ڪيڏي نہ ڏيکاريندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن وڇڙيل ڪونج وانگر ڪٽڪي پوندو هو. پر اهڙن اشارن ڪناين ۾ جو سمجهو ڪي سمجهن, باقي عام لاءِ تہ عام ڳالهہ هئي.

هڪ اديب جي حيثيت سان "انيس انصاريءَ" جهڙو بردبار ۽ خوددار ڪو ٻيو ....؟ خود آرائي, خودستائي ۽ خودڪامي کان ڪوهين ڏور .... بس لکڻ پڙهڻ جي لوري هيس. باقي ميڻا جي چڪر ۾ نہ ڪيس شامن ملهائڻ جي ڳڻتي, نہ اخباري بيانن جو فڪر .... پنهنجي روءُ سوءَ, پنهنجي واٽ سان ٻيو هلندو رهيو. منهنجون صحبتون هزار هيس. ان ڪري ڪنڌ نہ ڪڏائي سگهندو هو.

مان جڏهن ادب جي آني مان ڦٽي نڪتس تہ پاڙيسري واري حجت ڪري ڪيس اوطاق تي ڪوٺي ايندو هوس. 1989ع کان 1999ع تائين خوب ڪچهريون ٿيون. جتي انيس انصاري پنهنجون بهترين ڪهاڻيون پڙهيون, خاص ڪري "اڃا نہ اڃا نہ", "ڊونا" , برف جي سر" ۽ "پينشنر" وغيره.سندس پڙهڻ جو انداز ڏاڍو پيارو ۽ وڻندڙ هو. اسان جهڙا ڪيترائي سندس پڙهڻي کان متاثر ٿيا ۽ سندس انداز اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

سندس تنقيد تہ ڏاڍي نرالي هئي. دل آزاريءَ جو تہ سوال ئي پيدا نٿو ٿئي, هڪ دفعي ادبي ڪچهري ۾ ڪنهن شاعر بي مهار اهڙو تہ ڇڙواڳ نظم پڙهيو جو ويٺلن ويهي ابتي ڪل لاٿس, اهو همراهہ صفا ڳاڙهو ٿي ويو ۽ انيس انصاري جي صدارت هئي. راءِ اهڙي ڏنائين جو سيئي کير ڪنڊ ٿي ويا. آخري جملو خوبصورت ۽ معنيٰ خيز چيائين.

"ڏاڍي سني شيءَ آهي, پر خدا ڪري پهرين ۽ آخري نہ هجي."

ادبي بگبگوتي ۾ دم زني ڪان ته ون ۽ ويندو هو. جيڪو ڪندو هو. تنهن ڪي اڪر ئي به ته. جي پائين پلو پنهنجو ته ڪنهن کي گهٽ نه ڄاڻ.

سندس رويي، گفتگو ۽ ڪردار مان پرايوسي خوب پرايوسي،هو ڏجي، ته ڏڪائجي به نه وارن ماڻهن مان هو. ان ڪري هر ڪنهن سندس گفتگو مان حظ حاصل ڪيو.

لاڙڪاڻي جي هر ادبي حلقي لاءِ قابل قبول هو. چو ته هن وٽ خلوص بيڪران هو. جڏهن ته ٻيا پياسا هئا، اچ اجهائي ويندا هيا. وري پيهر اچڻ جي آس ڪٽي.

پڇاڙڪن ڏينهن جي ڳالهه آهي ته ”رائيٽرس ڪلب لاڙڪاڻي“ جي هڪ ادبي فنڪشن جي صدارت لاءِ پنهنجي حجت ناتمام رکي سي ته معذرت ڪيائين. ”پٽ، هاٽي اڌ ڪلاڪ به ويهي نٿو سگهان.“

مون محسوس ڪيو ته انيس انصاري جيڪو اڳيئي نازڪ ۽ نفيس هيو سو ڏاڍو ڪمزور ۽ ۽ نحيف ٿي چڪو آهي. مون کيس مشورو ڏنو.

”اوهان حيدرآباد، اشتياق وٽ ڇو نه ٿا رهو؟ حيدرآباد جي آبهوا لاڙڪاڻي کان چڱي آهي.“

کلي وراڻيائين ”پڏون ٿا، اتان جي آبهوا ڏاڍي بهتر آهي، جتي هوءَ رهي ٿي.“

مان اشارو ته سمجهي ويس پر ماٺ رهيس جو بحثا بحثي جي گنجائش نه هئي.

6 مارچ 2000ع شام جو سندس پوٽي دروازو اچي ڪڙڪايو ۽ ٻڌايو. ”بابا وڏو گذاري ويو آهي.“

مون کي ائين لڳو جڻ ڪنهن ڇيو هجي جنهن ڇانودار درخت جي هينان علم ۽ فضيلت جي آسيس وٺندا هيئه ۽ خلوص جي چشمي مان اُڃ اجهائيندا هيئه. اهو نخلستان موڪلائي ويئه!

مون سوچيو پئي ته هڪ شخص جيڪو الله بخش جي حوالي سان نرمل ۽ پرمل هو ته انيس انصاريءَ جي نسبت سان به گهرگنڀير ۽ مننار هو. تنهن جو پاڙي مان لڏي وڃڻ، اسان جي ڪيڏي نه ڪم نصيبي آهي.

7 مارچ الله بخش ”انيس انصاري“ پنهنجن احبابن، دوستن ۽ گهٽگهرن جي ڪلهن تي وفاتيءَ جو لباس اوڍي، ان پر آرامي ٿيو جنهن جاءِ تي لکيل هو. ”عائشه زوجه الله بخش انصاري“

ان وقت ذهن ۾ سوال آيو ته پڇانس.

”چاچا، عالم برزخ جي آبهوا ڪيئن آهي؟“

بروقت جواب اندر مان آيو:

”جتي به وچڙيل روح گڏجن، اتان جي آبهوا ضرور لاجواب هوندي.“

قلندر بخش بدوي: رڄ پار ڪرائيندڙ

سدائين ٻهڪندڙ چهرو، بردباري ۽ انڪساريءَ جو دلاويز مرڪب، منڍ اهڙو ڄڻ ملائڪن سندس مٽيءَ کي ماکي وجهي ڳوهيو هو. چيٽ ڪتيءَ هڪ جهڙي طبيعت ـ اهڙو هو سائين قلندر بخش بدوي. مون پنهنجي پهرين ادبي ڪاوش، ڪهاڻي ”سرڳواسي طوطا رام“ بزمِ شهباز ۾ پڙهي، پانيان ٿو اهو 1974ع وارو سال هو. بزمِ شهباز جو ڪرتا ڌرتا سائين قلندر بخش بدوي هو. ادبي گڏجاڻيون سندس ئي وڏي اوطاق تي لاهوري محلي ۾ ٿينديون هيون. انهن ادبي گڏجاڻين ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب جهڙو ٻوليءَ جو ڄاڻو ۽ پارکو، ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ جهڙو ڪوجنائي اسڪالر، سائين مولوي نورالدين نور جهڙو بحر وزن جو پرجهلو شاعر، محترم اختر جانوريءَ جهڙو خوش مزاج ڪهاڻيڪار ۽ نثر نويس شامل پيا ٿيندا هئا.

اهو ڪرشمو بہ سائين بدوي صاحب جو ئي هو. جو اسان جهڙا الهڙ بہ اهڙين محفلن ۾ شريڪ ٿيندا هئا. جن کي نہ ادب آداب جي خبر هئي نہ وري اٿي ويهي جي ڄاڻ. اهڙن الهڙن ۾ هڪ سرموڙ الهڙ لاڙڪاڻي جي هڪ ادب دوست شخصيت مرحوم مهر الله شيخ جو مستانڙو فرزند ارجمند بہ هوندو هو. شيخ صاحب مرحوم، پٽ جي علمي ۽ ادبي تربيت لاءِ ڪيس بزم شهباز جي ڪچهرين ۾ وٺي ايندو هو. جيڪو هر ڳالهہ تي، ”بزاخفش“ جيان پيو ڪنڌ ڌوڻيندو هو.

هڪ ڀيري ادبي گڏجاڻي هلندي مستاني نوجوان اعلان ڪري وڌو تہ. ”اڄ اسين گوهر افشاني ڪنداسين.“ سموري بزم حيران هئي، جيتوڻيڪ سندس والد بزرگوار نوجوان کي گهڻو ئي روڪيو تہ هو اهڙي گوهر افشاني کي ڪنهن ٻي ڏينهن تائين ملتوي ڪري ڇڏي، پر هو نہ مڙيو ڇاڪاڻ تہ، اسان پاري پبلڪ جو پراصرار زور انهيءَ مستانڙي پويان هو. شيخ زادي دنيا جو نقشو کڻي خطاب فرمايو. ”حاضرين مجلس، مون دنيا جي نقشي تي ويهي وڏي کوجنا ڪئي آهي ۽ انهيءَ تحقيق مان اهو ثابت ٿيو آهي تہ. چنا چين مان، ڪوري ڪوريا مان، ابڙا ايران مان ، منگي منگوليا مان ۽ شيخ شام مان آيل آهن.“ مجلس ۾ ويٺلن مان ڪنهن امالڪ رڙ ڪري پڇيو.

”۽ بروچ ..؟“

سوال ٻڌي شيخ زادو ٿورو هٻڪيو پر پوءِ نقشي تي غور ڪندي وراڻيائين، ”ڏاڍو ويچاريو اٿم. پر خبر نہ ٿي پئي. لڳي ٿو سمنڊ مان نڪتا آهن.“

ڪچهري ۾ ٺهڪڙو مچي ويو ۽ پوءِ بي لغام حاضرين هئا ۽ ڇڙواڳ محقق.سوال ڪندڙن. سوال ڪرڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو پر اڳيان به شيخ زادو هو. هن به ڪتا جواب ڏنا.

ادبي گڏجاڻي جو رخ ئي بدلجي چڪو هو. بزرگن گهڻي ڪوشش ڪئي ته محفل کي اصلي رنگ تي آڻجي، پر محفل بدمست هاٿين جي حوالي ٿي چڪي هئي. جن سمورا آداب اورانگهي ڇڏيا.

اسان کي ندامت جو ڏاڍو احساس هو ۽ ٻي ڏينهن تي سائين قلندر بخش بدوي سان مليا سين. اسان جو خيال هو ته سائين شايد ناراض هوندو پر ائين نه هو. اسان جي معذرت تي رڳو ايترو چيائين، "بابا، مڙيئي خير آهي، شغل ٿي ويو اوهان رڳو مولوي نور الدين نور کي پرچائي ڇڏجو. مان به چيو اٿمانس ته انهيءَ قصي کي درگذر ڪري، ڇاڪاڻ ته ڪلهه ٻارڙن جو وارو هو."

جيتري قدر ياد اچي ٿو ته بزم شهباز جي ڪنهن به گڏجاڻي يا محفل ۾ ڪڏهن به ڪا بدمزگي پيدا نه ٿي هئي. بدوي صاحب پنهنجي سهپ جي صفت سان، سيني کي درگذر جي ڏوريءَ ۾ ٻڌي ڇڏيو هو ان ڪري هرڪو منجهانس رازي ٻازي هوندو هو.

اوطاق تي راڳ رنگ جون ڪچهريون به ڪرائيندو هو. جن ۾ استاد گلزار علي ۽ خان صاحب خورشيد علي خان جي پائي جهڙا راڳي به اچي شريڪ ٿيندا هئا. عام دعوت هوندي هئي ۽ ڪنهن به قسم جو ڪو متيپيد نه هوندو هو. داد ڏيڻ لاءِ نه صرف راڳ جا ڄاڻو پر ڪيئي اڻڄاڻ ڪنا ٿيندا هئا. بدوي صاحب جي محابي اسان جهڙن کي به پيروي، ايمن، ٺاٺ نمريون، لهرا ۽ جهولا سمجهه ۾ اچڻ لڳا هئا.

اڄ به گلزار علي خان جي پلٽن سان سلهاڙيل اها ڪافي ڪنن ۾ ٻري رهي آهي،

"سڏ نه سورن جي، ڪل ڪا مون کي
او ڏاڍو عشق اڙايو اٿئي،
او ڏاڍو برهه ٻجايو اٿئي."

يا خان صاحب خورشيد علي خان جي پرسوز آواز ۾ خواجه فريد جي اها ڪافي،

"تتي رو رو وات نهاران
ڪڏي سانول موڙ مهاران
جنين ڪارڻ سو سختي جاڳي
ڦران ڍاڳي، ويس ويراڳي
جند مين ڏيکان، سانول ساڳي

ٽيوان باغ بهاران........“

ياد ايندڙيون آهن تہ ذهن کي سرور ايندو آهي ۽ يادن جا جهروڪا کلي پوندا آهن، جنهن مان سائين بدوي جو پرنور ملوڪ مهانڊو اڳيان اچي ويندو آهي، جيڪو راڳ تي مست ٿي جهومندو هو.

سائين قلندر بدوي مرحوم 1922ع ۾ جنم ورتو. ٻاروتڻ ۾ والدين جي وفات جي ڪري مئٽرڪ بہ نہ ڪري سگهيو ۽ زندگي جي سڄي سورهن لاءِ ننڍا سنڌيا ڪاروبار ڪري ڏاڍي سيبتي طريقي سان وقت گذاريو.

سياسي ڪارڪن هو ۽ سياسي طور تي مسلم ليگ (قاضي فضل الله گروپ) سان سلهاڙيل هو ۽ اها ڪمٽمينٽ توڙ تائين نڀايائين پر وچتي ٿورو پيپلز پارٽي ۾ پنهنجي پوري برادريءَ سان جناح باغ لاڙڪاڻي ۾ شموليت جو اعلان ڪيو هيائين. پر پيپلز پارٽيءَ ۾ تر ڇتڻ جيتري جاءِ نہ ڏسي جلد موٽ ڪاڏائين.

شاعريءَ ۾ الهه ڏتي ڪيڙي، حاجي محمود خادم ۽ هري درياني دلگير کان اصلاح وٺندو هو. بدوي صاحب جي شاعريءَ تي فن ۽ خيال جي حوالي سان ڪڏهن بہ وڏا اعتراض ٻڌڻ ۾ نہ آيا. اڄ بہ سنڌس هڪ غزل جا ڪجهہ بند حافظي ۾ محفوظ آهن.

”شريڪ غم الم ڪوئي نہ آهي،
هجي جو هم قدم ڪوئي نہ آهي.
پري ساغر متان ساغر ڏنائين،
حقيقي جامِ جم ڪوئي نہ آهي.“

سندس گيت بہ ان دؤر ۾ ڏاڍا پسند ڪيا ويندا هئا ۽ پاڻ پنهنجا گيت سر سان ڳائي محفل کي محظوظ ڪندو هو. اها سرشاري ۽ سرمستي تڏهن، پنهنجي عروج کي وڃي پهچندي هئي جڏهن بدوي صاحب جو فرزند، فتح عباس، سائين جو گيت سُر سان ٻڌائي، سڄي محفل جهومائي ڇڏيندو هو. خاص ڪري هي گيت:

”ڳائڻ وارا ڳاءِ
اڃا ڪجهہ ڳائڻ وارا ڳاءِ.“

فتح جڏهن سائين بدوي جو اهو گيت ڳائيندو هو تہ سندس آواز جي لئہ تي ويٺل جهمريون هڻندا هئا.

پاڙي ۾ هڪ ٻه تنگ دل ۽ بدذوق ماڻهوءَ ٻه هوندا هئا، جن کي ان قسم جون محفلون پسند نه ايندين هيون پر بدوي صاحب ڪڏهن به سندن ڪاڻ نه ڪڍي.

سوجهرو، سهڻي، مهراڻ ۽ ٻيا ادبي رسالا سندس پڪا سنگتي هئا. ۽ ٻين سنڌي ادبي رسالن سان اسان جي واقفيت به سائين بدوي جي ڪري ٿي. چوجو هو اهي ادبي رسالا پنهنجي اوطاق تي پڙهڻ لاءِ گهرائيندو هو.

دنيا گذر گاهه آهي، ڪيئي آيا، ڪيئي ويا، پر جنهن تاريخ يعنيٰ 17 آڪٽوبر 1978ع ۾ اوچتو دل ٻيهجي وڃڻ جي ڪري بدوي صاحب "رضا " ڪئي هئي ته اسان کي ائين لڳو ڄڻ ته متل محفل ڇڏي ويو هجي.

اڄ لاهوري محلي ۾ ته ڇا پر سڄي لاڙڪاڻي ۾ به اهڙو محفل جو مور ڪونهي، جيڪو سائين بدوي وانگر پاڙي جي ننڍن کي ويڳاڻپ جي رڃ مان اُٺاري، سڄاڻپ جي سبزه زارن ۾ ويهاري.

**

هري دلگير : پٽائيءَ جو هنج

هري دلگير سان پنهنجي سنئين سڌي ملاقات تہ ڪونہ هئي. پر ڪيترن ئي حوالن سان سڌي ۽ اڻ سڌي طرح ناتو آهي.

اڻ سڌي طرح هڪ حوالو آهي، مرحوم قلندر بخش بدويءَ جو. جنهن لاهوري محلي لاڙڪاڻي ۾ بزم شهباز جو بنياد رکيو جيڪو منهنجي لاءِ پهريون ادبي مڪتب هيو. بدويءَ صاحب ڏاڍا خوبصورت گيت سرجيندو هيو. سندس گيتن ۾ بلا جي رواني هوندي هئي. جنهن بہ ڪائنس پڇيو تہ سندس گيتن ۾ ايڏي رواني ۽ بي ساختگي ڇو آهي؟ تہ ورائيندو هيو ’اُستاد ڪامل هري دلگير جو شاگرد آهيان.‘

ٻيو حوالو آهي، ڊاڪٽر اياز قادري جو. سائين جڏهن بہ لاڙڪاڻي ايندو هيو تہ سندس ئي اوطاق تي پرپور ڪچهريون ٿينديون رهنديون هيون.

هڪ دفعي سندس ئي پي. ايچ. ڊي وارو مقالو ’سنڌي غزل جي اؤسر‘ زير بحث آيو. اُن تي ڳالهائيندي ٻڌايائين تہ ’هتي سنڌ ۾ سيني علمي ۽ ادبي حلقن ۾ تعريف ٿي. پوءِ دوستن رايو رکيو يا الهہ لڳ رايو ڏنو پر مون کي جيڪا موٽ هند ۾ ويٺل اديبن ڏني، اُن جي خوشي ڏاڍي ٿي.‘

پوءِ ڊاڪٽر اياز قادري هند مان لکيل اديبن ۽ محققن جا خط پڙهايا. اُنهن ۾ هڪڙو خط هري دلگير دريانيءَ جو بہ هيو. جيڪو جيئن جو تيئن هتي پيش ڪجي ٿو.

آدي پور (ڪڇ)
21 جنوري1985

پيارا ڀاءُ اياز قادري،

سدائين باغ بهار. تو وٽان سمجهان ٿو تہ 3 خط پهتا آهن. پر مان جواب ڏيڻ ۾ گٿو آهيان. ان لاءِ معاف ڪج.

تو وٽان تنهنجو شاهڪار ’سنڌي غزل جي اؤسر‘ پهتل آهي. اُن ڪانپوءِ بہ مون تو ڏانهن ڪيترائي رسالا موڪليا ها,جن جي تو پهچ ڏني آهي.

سنڌي غزل تي تو جيڪا محنت ڪئي آهي، اُن تي سرجهڪايان ٿو. بيشڪ تو لاثاني پورهيو ڪيو آهي.

تو منهنجو ليک استاد نياز صاحب تي پڙهي، مون ڏانهن لکيو هو تہ اُن ليک سان توکي 1930ع جي مشاعرن بابت ڪجھ وڌيڪ ڄاڻ ملي آهي. ايئن گڏ ويهجي تہ نوان داستان کلي ويندا. ڪهڙو نہ سنو

ٿئي جو تون هتان ٿي وڃين. هتي بلڪل سنڌ جو سواد ايندءِ, سنڌ جا اديب دوست هتي ايندا آهن ته بمبئي يا دهليءَ مان ئي ٿي ويندا آهن . توڙي جو سنڌ جو هڳاءُ ڪڇ مان ئي ملي سگهندو آهي.

مون کي ياد ناهي ته مون توڏانهن پنهنجا هيٺيان ڪتاب موڪليا آهن يا نه؟

1.روُلو آواز (غزلن جو مجموعو)

2.ڪشنچند بيوس

3.مزيدار گيت (ٻارن لاءِ)

اڄ مان توڏانهن 'رولو آواز' جي هڪ ڪاپي مقصود گل رتوديرو جي معرفت موڪلي رهيو آهيان.پهچ ڏج ۽ ٻين ڪتابن بابت به لکج ته موڪلي سگهندس.

شيخ اياز جو 'پتڻ تو پور ڪري' مون ڪونه پڙهيو آهي. پڙهائي سگهنديم ؟

زياده خير ـــ اميد ته تون پنهنجين ادبي مشغلين ۾ لڳو پيو هوندين.

ڪم ڪار لاءِ حاضر آهيان.

قربن سان

هري دلگير

هري دلگير جي انهي خط پڙهڻ کانپوءِ منهنجي دل ۾ سندس لاءِ وڌيڪ مانُ ۽ مرتبو پيدا ٿيو ته هي منهنجي اُنهي ادبي هستيءَ جو هم عصر آهي, جنهن کي آءٌ پنهنجو ادبي استاد سمجهندو آهيان.

۽ ٽيون حوالو آهي, پنهنجي ذاتي دوست رميش لال پارواڻي جي پتا ماڌنڌاس پارواڻيءَ جو جيڪو سندس پاڙيسري هيو. جيڪو ٻڌائيندو هيو ته 'هري دلگير پاڙيسرين لاءِ ڇپر ڇانوَ هيو. پوءِ چاهي اهو هندو هجي يا مسلم. جيڪو به سندس گهر 'درياني لاج' تي اُميد ڪري پهچندو هيو ته خالي نه موٽندو هيو.

۽ آخري به سڌا سنوان حوالا آهن, هڪ شهر لاڙڪاڻو ۽ ٻيو ادب ـ انهن ٻنهي حوالن سان هري دلگير منهنجو آهي ۽ مان ان جو. هري دلگير پنهنجي آتم ڪٿا 'چولو منهنجو چڪ ۾' جهڙي ريت لاڙڪاڻي شهر جو لفظن سان درشن ڪرايو آهي. اُهو لاڙڪاڻي جي هڪ سماجي, ثقافتي, سياسي ۽ ادبي تاريخ جو حصو آهي.

هري دلگير لاڙڪاڻي جي عام مروج پهاڪي 'هجئي ناٿو ته گهم لاڙڪاڻو' ۾ پنهنجي تخليقي انداز سان هيئن اضافو ڪندي لکيو آهي.

لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو مڪان معشوقاڻو

ماحول شاعراڻو. هجئي ناڻو ته گهمُ لاڙڪاڻو.

۾ پوءِ 1930ع جو اُهو لاڙڪاڻو پسايو آهي، جيڪو لاڙڪاڻي جي علم ادب ۾ فضيلت جي حوالي سان سونهري دؤر آهي. پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکي ٿو:

”سنڌ جو هيءُ سرسبز شاداب، شاهوڪار شهر، ادبي ۽ سياسي تحريڪن جو مرڪز منهنجي لاءِ روح جي فرحت ۽ قلب لاءِ گُشتو هو. 1930ع ۾ شهر جو آدم سترهن هزار کن هو.“

ادبي ماحول جو نظارو ڪجهه هن ريت چٽي ٿو:

1930ع ۾ لاڙڪاڻي جي ڪنهن هفتيوار اخبار ۾ منهنجي هڪ ڪچي ڦڪي ڪوتا شايع ٿي هئي. ان ساڳي ڏينهن تي نياز صاحب مون وٽ گهر لنگهي آيو ۽ چيائينم ته: ’هري تنهنجو شعر ته اخبار ۾ پڙهيم. خيال نيڪ لڳا. پر وزن ۾ ڪيترين ئي غلطيون آهن. جي تون چاهين ته توکي شعر جو فن سولائي سان سيکاري سگهندس.

مون چيو ’چاچا انڌو گهري الله ڪان هڪ اک، مون کي به ٽيون ملن. مان ضرور سکندس ۽ توهان ڏانهن سياڻي ايندس.‘

انهن ڏينهن ۾ لاڙڪاڻي ۾ نت نيم سان مشاعره مهيني ۾ هڪ يا ٻه دفعا ٿيندا هئا. پريو وفا ۽ مان نياز سان گڏ انهن مشاعرن ۾ شريڪ ٿيڻ لڳاسين. اهڙا مشاعره رات جو نوين وڳي کان ٻارنهين تائين هلندا هئا. نياز صاحب کان سواءِ ٻيا مکيه شاعر هيا. بزرگ شاعر علي محمد قادري،حاجي محمود خادم، غلام عباس قادري جوش، عبد عاقلائي، محمد علي جوهر ۽ عبدالله اثر....رام پنجواڻي به بعضي بعضي ايندو هو. هڪ دفعي رام پنجواڻي لکي آيو:

”ڪيڏي سگريٽ مان سوٽو ستيئه جيئن ٻاڦ تي ٻاهر،

اتي هر نقش ٿيندو ويو نمونو زلف پيچان جو.

سڀ کان مزيدار شعر هوندو هيو هڪ گمنام شاعر جو. جنهن پاڻ تي ”ڪاڻ“ جو تخلص رکيو هو. اُهو شعر ٽپال ذريعي ايندو هو. اُن ۾ کل مسخري خوب هوندي هئي ۽ بعضي مزيدار گاريون به هونديون هيون. شعر جي سمپاوتي ’ڪانوَ‘ جي شعر سان ٿيندي هئي. هرڪو هن جي شعر ٻڌڻ لاءِ ويهي رهندو هيو پل ته ڪيڏي به دير ٿي وڃي.....اُنهن مشاعرن ۾ نه فقط شعر پڙهيو ويندو هو پر اُن تي داد به خوب ملندو هيو. سڌاري لاءِ صلاحون به ملنديون هيون. بعض ڪڙي نڪته چيني به ٿيندي هئي. اِن ڪري هرڪو اهڙي تنقيد لاءِ تيار ٿي ايندو هو.“

هري دلگير نہ صرف استاد نواز علي ’نياز‘ جعفري جهڙي ڪامل روايت پسند شاعرڪان استفاده ڪيو پر سنڌ جي جدت پسند شاعر ڪشنچند بيوس ڪان بہ پرايو. لکي ٿو تہ: ”نياز صاحب ڪان مون ڪي فن جي ڄاڻ ملي. بيوس سائين جي سنگ مان وري ڪو پيو رنگ مليو. بيوس سائين ڪي وزن جي پوري ڄاڻ هوندي هئي. پر هو وزن ۽ قافيہ جي ڪري ڪڏهن بہ مول ويچار ڪي قربان ڪرڻ پسند ڪونہ ڪندو هو.

ان حوالي سان ’بيوس‘ جي ويچارن جي واقفيت ’بيوس‘ جي زباني هيٺين ريت ڏني اٿائين:

”وزن ۽ قافيي ڪي ڪڏهن بہ ضرورت ڪان وڌيڪ اهميت نہ ڏيڻ گهرجي. ڄاڻ ضروري آهي. پر ڄاڻ جي ڄار ۾ ڦاسڻو ناهي. دل جي ڀاؤ يا نازڪ خيال ڪي ڪڏهن بہ قربان نہ ڪرڻ گهرجي. وزن ۽ قافيہ آهن شعر جو جسم. پر نازڪ خيالات آهن روح. يا وري ائين سمجهہ تہ علم عروض آهي پيالو پر ڪلپنا آهي شراب. جي پيالو ڪي قدر سادو آهي. پر اُن ۾ شراب اوچو آهي تہ پيئندين خوب مزو ايندو. پر جي سهڻي پيالي ۾ ردي پيچ هوندو تہ پيئندي من ئي نہ ورندو. پر جي پيالو بہ سهڻو ۽ مدرا بہ موج پري آهي تہ ڪوتا ڪي چار چنڊ لڳي ويندا.“

اهڙي ادبي ويچار ڌارائن ۾ هري دلگير جو فن سرجيو. اِن ڪري هري دلگير جي غزلن ۾ اسان ڪي روايتي قدر ۽ گيتن ۾ جدت پسندي نظر ايندي.

گيت تہ وري جدت پسندي جو شاهڪار آهن. اهڙا منڙا، سلوڻا، سندر سشيل ۽ سُمانا شبد استعمال ڪيا اٿائين. جو من جي اٿاهہ گهراين ۾ گهري آنند رسائن ٿا. هي ڇهن بندن تي مشتمل ’سک نگري سنسار‘ اِن جو مثال آهي.

سک نگري سنسار

هير ڏکڻ جي من ــ موهن جيان منڙي بين وڄائي،
پشپ لتائن ڪي گوپين جيان مَنهَرَ ناچ نچائي،
ڪوئل ڳائي،
دل لهرائي،
جهولي ٿي هر تار ــ سک جي نگري هيءَ سنسار.

چندر – پري نيلم ماڙي مان، مرڪي هيٺ نهاري ،
پريم اُمنگ پري سيني ۾، ساگر لهرون ماري
ڳائن چوليون،
ٻولن ٻوليون،
چيڙن دل جي تار – سک جي نگري هيءَ سنسار.

’ساوڻ‘ – راجا‘ آيو ڪوليا سارنگ ساز سمورا
’برکا‘ اَپسر‘ وار اُکيلي، پاتا ڇم ڇم نورا
بوندون برسن،
چيريون چمڪن.
مٺڙ مٺڙ جهنڪار –– سک جي نگري هيءَ سنسار.

سک – سنديش ڏئي ٿو تارو جيئن گگن ۾ ٽمڪي،
’نراشا جي رات وچڻ سان، آشا سورج چمڪي.‘
نياپو نيارو
پيارو پيارو
ڏي آنند اَپار – سک جي نگري هيءَ سنسار.

ڪئن ته ڪٽي مان ڪيچ ڪري ٿي، ماتا پونءِ پلاري،
آهه آد کان دانُ اکٽ ٿيو، داتا جو هٿ جاري.
رزق جو رازق،
ڪُل جو خالق
سائين سرجڻهار – سک جي نگري هيءَ سنسار.

سوپيا - راٺي پئي پسائي، نرمل نور نظارو،
پريم – پري سنگيت پُري، آنند - پري جڳ سارو
نينهن نرالو
من متوالو
جڻ ته سرڳ جو دئار – سک جي نگري هيءَ سنسار.

سندس انسان جي عظمت ۾ ويساهه هيو. اُن جي محنت ۽ ماڻهپي تي ڪيس فخر هيو. اِن ڪري ”انسان“ جي عنوان سان هيٺيون گيت رچيائين، جيڪو پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

انسان

تون اوچو انسان، جڳت ۾ تون اوچو انسان!

تنهنجي پيرن هيٺ هماليہ، جهڪي ڪري پرنام،
آسمان جو چنڊ بہ نئڙي، توکي ڪري سلام.

نيلي اُڀ ۾ ڊوڙون پائين
جهنڊي پنهنجي ڪي جهولائين
شاهي تنهنجو شان، جڳت ۾ تون اوچو انسان!

طوفانن جي رخ کي موڙين، روڪين سمنڊ اٿاهه
بجليون برساتون تابع ڪرين، او شڪتيءَ جا شاهه

ڦڙي ڦڙي ۾ بجلي توکان
اَٽي اَٽي ۾ شڪتي توکان
ڦوڪين ٿو ڇا جان! جڳت ۾ تون اوچو انسان!

قدرت ڏرتي ٺاهي، پر سا توکان سرڳ دئار
رستا ٺاهين، محل بڻائين، چمن هٽين چوڏار

ڏرتي کيڙين، اَن اُپائين
گلن ڦلن جي جهر مر لائين
قدرت جو ڪان، جڳت ۾ تون اوچو انسان!

هيرا لعل لڪايا قدرت، توکي تن جو انت،
تن کي ڪاٽي، ٺاهي توکي، بخشين سونهن اننت

ٽبيون ڏئي موتي تو آڻين،

جڳ ۾ ڇا جوتي تو آٽين!

نرمل نور – نشان، جڳت ۾ تون اوچو انسان!

توکان جڳ ۾ سنگتراشي، چتر ڪلا ۽ گيت

ڳائين، جھومين، موج مچائين، لهرائين سنگيت

جيون ۾ آيو جس توکان،

نئو جيون ۾ نئو رس توکان،

ڌرو تنهنجو دانُ، جڳت ۾ تون اوچو انسان!

ورهاڱي کان پوءِ جڏهن انسان ڏرم، وشواس ۽ سماجي قدرن ۽ مولن جي حوالي سان ورهائجي ويو تہ هري دلگير بہ دلزده، دلفگار ۽ دلشڪستہ ٿي پيو. پنهنجي آتم ڪٿا ۾ اِن ڪيفيت کي هيٺين ريت بيان ڪيو اٿائين.

”سڀ سنڌي منهنجا ياتر آهن. سنڌ ۾ هُو مون کي ڪيڏو نہ آدر ۽ پيار ڏيندا آهن. جڻ اول گهول پيا ويندا آهن. پر اِها بہ حقيقت هئي،تہ سنڌ ۾ پاڻ کي سيڪنڊ ڪلاس ناگرڪ سمجهندو هوس.“

1955ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ هندو مسلم فساد، کيس بي يقيني واري ڪيفيت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. ان ڪري غير محفوظ ماحول کي ڏسي لڏڻ جو فيصلو ڪيائين. جڏهن ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ کان موڪلايائين تہ حيدر بخش جتوئي جي ڪيفيت کي پنهنجي آتم ڪٿا ’چولو منهنجو چڪ ۾‘ هيٺين بيان ڪيو اٿائين:

”اکين ۾ پاڻي اچي ويس. پريل آواز سان چيائين، يار تون بہ...؟..رات جو ٽانگي تي چڙهي پنهنجي برقع پوش بيگم سان اچي منهنجي گهر نڪتو. سندس گهر واري، منهنجي گهر واري سان وچي وينئي ۽ کيس ڳرانڙي پائي زور ڪيائين تہ سنڌ ڇڏي نہ وڃون . اها منهنجي آخري ملاقات هئي حيدر سان. ان کانپوءِ اخبار ۾ پڙهيم تہ کيس جيل ۾ وڏو ويو هو. “

پنهنجي ماتر يومي سنڌ کان 8 آگسٽ 1958ع تي جدا ٿيڻ وارو جيڪو جذباتي ۽ احساساتي منظر چٽيو اٿائين. اُن ۾ سندس اذيت، ڪرب ۽ پيڙا واضح ٿئي ٿي تہ سندس لاءِ اِهو ڪيڏو نہ وڏو صدمو هيو.

”هوائي جهاز ۾ وينس تہ ائين سمجهيم تہ مان هڪ نهايت ئي ذليل، ننڍڙو ۽ نياڻو انسان آهيان. مون جهڙو ڪو بدبخت هوندو ئي ڪونہ...ماءُ پيءُ بہ تي سال اڳ موڪلائي ويا هيا. پر مان ائين محسوس ڪري رهيو هيس تہ سچ پچ ڇورو مان اڄ ڪان ئي ٿي ويو آهيان.“

۽ اُن ڪان پوءِ اُنهن گهڙين جي ترجماني ليکراج عزيز جي نظم جي ذريعي هن ريت ڪئي اٿس.

ڪنهن بہ هاجي تي ڪڏهن هيانءُ نہ هاري وينس
هاءِ هن ويل مگر پاڻ وساري وينس
ديس جي ڏوڙ رکيم سر تي، جڏهن ڏار ٿيس
دل کي ڪيڏو بہ ڊبيم ، لڙڪ بہ هاري وينس
قرب ڪنڌي جو ڇڏي دُور، دنگي هاڪاريم
تيز طوفان ۾ موجن جي سهاري وينس

هري درياني دلگير پيشي جي لحاظ کان سول انجينئر هيو. هي جڏهن پوني ۽ بمبئي (ممبئي) پهتو تہ اتي بہ سول انجنيئر جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين. اُتي جڏهن لاڙڪاڻي جي هڪ عظيم شخصيت ’ڪاڪا پريداس تولاڻي‘ سان ملاقات ٿيس تہ اُن کيس ’آدي پور‘ ۾ اچڻ لاءِ زور پريو.

ان وقت آدي پور، ڪڇ ڊسٽرڪٽ، گجرات رياست جو ننڍڙو ڳوٺ هيو. آدي پور1947ع ۾ هڪ مهاجر ڪيمپ هئي . ڀائي پرتاب داس هندوستان حڪومت کي گذارش ڪئي تہ سنڌي هندن لاءِ هڪ شهر اڏيو وڃي. ۽ ان مقصد لاءِ ڪڇ جي راجا 2600 ايڪڙ زمين ڏني، ان حوالي سان ريسيٽ ـ ليمينٽ ڪارپوريشن جي تحت مقامي حڪومت ناهي وئي.

ورهاڱي کان اڳ ڪاڪو پريداس تولاڻي لاڙڪاڻي ميونسپل ڪاميٽي جو وائس پريزيڊنٽ رهيو هيو. ۽ کيس شهري انتظام هلائڻ جي مڪمل خبر هئي. سندس اها خواهش هئي تہ سنڌ جي سنڌين کي ۽ خاص ڪري لاڙڪاڻي واسين کي ڪڇ ۾ وسائي. جو تہ ڪڇي ثقافت، سنڌي ثقافت جو جز آهي.

آدي پور ۽ گانڌي ڌام ڪڇ ضلعي جون بہ جاڙيون وسنديون هيون، ’ڪاڪي پريداس تولاڻي‘ ٻنهي وسندين ۾ آهستي آهستي ايترا تعليمي ادارا کوليا جو شايد سڄي هندوستان ۾ ڪنهن هڪ شخص ڪنهن شهر ۾ ايترا ادارا کوليا هجن.

مثلن 1.تولاڻي ڪاليج آف آرٽس اينڊ ڪامرس

2.تولاڻي سائنس ڪاليج

3.تولاڻي انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمينٽ اسٽڊيز

4.ٽولاڻي انسٽيٽيوٽ آف لا
5. ٽولاڻي ڪاليج آف فارميسي
6.ٽولاڻي پوليٽيڪنڪ اسڪول ۽ پوءِ ڪاليج ڪولي ان ۾ هري درياني دلگير کي پرنسيپل مقرر ڪيائين.

1965ع ۾ هري درياني دلگير گانڌي ڌام جي ميونسپل ڪاميٽي جو صدر ٿيو. ۽ هري دلگير ان دؤران سنڌ جي سنڌين کي وسائڻ ۾ نه گهٽايو. ۽ ڪيترن ئي ٽائون شپ اسڪيمن جو بنياد پيو. جن آدي پور ۽ گانڌي ڌام جهڙن ڳوٺن کي خوبصورت شهرن جو درجو ڏنو. 1994ع کان 1999ع تائين سنڌي ساهتيه اڪيڊمي گجرات جو چيئرمين رهيو. تنهن کان سواءِ روٽري ڪلب گانڌي ڌام جو صدر بڻيو. ۽ هر عهدي کي شان مان ۽ سچائي سان نڀايائين.

سنڌي ادب جي حوالي سان هن 20 کن ڪتاب لکيا. سندس مشهور ڪتابن مان ڪجهه ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

(1) موج ڪئي مهراڻ
(2) پل پل جو پڙلاءُ
(3) امر گيت
(4) مزيدار گيت
(5) چولو منهنجو چڪ ۾
(6) صبوح جو سهاڳ

ان حوالي سان جيڪي کيس ايوارڊ مليا. انهن جو وچور هيٺين ريت آهي.
(1)1979ع ساهتيه اڪيڊمي ايوارڊ ـ شاعريءَ جي مجموعي ’پل پل جي پڙلاءُ‘ تي.
(2) 1984ع ۾ سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ گورنمينٽ آف انڊيا ايوارڊ ڪتاب ’مزيدار گيت‘ تي.
(3) 1992 ع پريا درشني ايوارڊ.
(4) 1993ع گورو پرسڪار پاران سنڌي ساهتيه اڪيڊمي ايوارڊ.
(5) 1996 ع نارائڻ شيام ايوارڊ
(6) 1998 ع انڊس انڊيا ايوارڊ

لاڙڪاڻي جي دل، هاٽوڪي ريشم گليءَ ۾ 15 جون 1916ع ۾ پيدا ٿيل ۽ ڄار، جنهن جو نالو ”هري گرڏنو مل درياڻي“ هيو. هڪ بهترين انجنيئر، استاد ۽ ليکڪ هري دلگير جي حيثيت سان 11 اپريل 2004ع ۾ ڪڇ جي مٽي ۾ ملي امر ٿي ويو.

هو لاڙڪاڻي ۾ رهيو ته لاڙڪاڻي کي سرهو ڪيائين، آديپور ۾ رهيو ته آديپور کي.سچ پچ ته هو پٿائيءَ جو هنج هيو. جتي به ويو ته پاڻ ملهايائين.

هنج مڙيوئي هنج، ميرو منجهن ناهه ڪو

جتي رهن سنجهه ، سو سرڪن سرهو.

**

لقمان حڪيم: نمڪين طبعيت ۽ برجستو

چيو ويجي ٿو ته مزاح زندگيءَ جي رڻ پٽ ۾ ڪنهن نخلستان جي مثل آهي.مزاح ٿڪل ۽ مايوس ذهن کي ترو تازگي بخشي ٿي. جنهن ماڻهو ۾ مزاح جي حس ناهي، اُهو پٿر دل آهي. بقول مولانا غلام محمد گرامي: ’مزاح جي حوالي سان ٽن شين جو هجڻ لازمي آهي. پهريون برجستگي، ٻيو نمڪيني ۽ ٽيون شوخي.‘

۽ اهي ٽئي شيون لقمان حڪيم جي طبيعت ۽ شاعريءَ ۾ هيون. لقمان حڪيم جو تعلق لاهوري محلي لاڙڪاڻي سان هيو. منهنجي پهرين ملاقات ترقي پسند مصنفين لاڙڪاڻي شاخ جي هڪ پروگرام ۾ ٿي. اِهو دؤر هيو 1975ع يا 1976ع جو. لطيف لائبريري ۾ پروگرام ٿي رهيو هو. ڪمپيئرنگ لقمان حڪيم ڪري رهيو هيو.

اُن دؤر ۾ به اديبن جا ٻه ڌڙا واضح هيا. هڪڙا روايت پسند ۽ ٻيا جدت پسند. روايت پسندن جو لاڙو مذهب طرف ۽ شاعريءَ ۾ علم عروض کي وڏي اهميت ڏيندا هيا. پاڻ کي ئي اديب، فاضل، عالم ڄاڻي، ٻين کي جاهل سمجهندا هيا. جڏهن ته ٻيا پاڻ کي ترقي پسند سڏائيندي، خيال آرائي کي وڏيڪ ۽ علم عروض کي گهٽ اهميت ڏيندا هيا.

نه صرف ايترو پر راويت پسند، جدت پسندن کي لامذهب ۽ ڇڙواڳ سڏيندا هيا. ۽ جدت پسند، راويت پسند اديبن کي، رجعت پسند ۽ ڇاڪيءَ جا ڏاند چوندا هيا. اِنهن ٻنهي ڌڙن جي وچ ۾ لقمان حڪيم پنهنجي ادبي تنظيم ”بزمِ سچل“ کي ترقي يافته ڪوئيندو هيو. جيڪو روايت پسندي ۽ جدت پسندي کي گڏائي ادب تخليق ڪرڻ واري خيال جا حامي هيو.

ڳالهه هلي رهي هئي لقمان حڪيم جي ڪمپيئرنگ جي. اُها ڄڻ ظرافت ۽ سنجيدگيءَ جو عجيب سنگم هئي. چئي رهيو هو: ”پهريان آءٌ گذارش ڪندس ڪامريڊ جمال الدين بخاريءَ کي ته خاموشي سان ويهي صدارت ڪري ۽ صرف آخر ۾ ڳالهائي.“ اِن تي سين ٺهڪ ڏنا. پوءِ چيائين ”هاڻي آءٌ لقمان حڪيم ترقي يافته اديب پنهنجي تخليق اوهان جي آڏو پيش ڪيان ٿو!“ سندس مزاحيه شعر محفل لٽي ته پوءِ ٻين کي دلچسپ انداز ۾ گهرائي تخليقون پڙهايائين. واجد کي سڏيائين ته هن طرح:

”ترقي پسند شاعر واجد کي گذارش ڪندس ته مادر پدر آزاد نظم پڙهي.“ واجد احتجاج ڪندي چيو ”سائين هي صرف آزاد نظم آهي، مادر پدر آزاد ناهي.“

لقمان حڪيم جواب ڏنو”منهنجو مطلب آ, بحر وزن کان سواءِ“ مولوي نورالدين کي وري هن نموني سان گهرايائين:

”عالم فاضل اديب پر جاهل نہ, جناب مولوي نورالدين نور کي گذارش آهي تہ عربي, پارسي ۽ سنڌيءَ ٻولي ۾ مکس شاعري ترنم سان پڙهي.“

مولوي نورالدين نور غصي وچان وراڻيو ”مان ڪوراڳي آهيان ڇا؟“

”منهنجو مطلب آ سائين تہ مولود وانگر ڪن تي هٿ رکي پڙهي سگهو ٿا .... نہ پڙهو تہ, زور ناهي“

مولوي نورالدين غزل پڙهيو تہ آخر ۾ چيائين ”جزاڪ الله!“

جيترو ياد اچي ٿو تہ سنڌي شاعرن ۾ مولوي نور الدين نور, قلندر بخش بدوي, مسرور لاشاري, محمد علي جوهر, وغيره هيا. جڏهن تہ اردو اديبن ۾ مسلم شميم, رمز شاهجان پوري ٻيا ڪيترا نوجوان اديب بہ هيا. ۽ حاضرين ۾ ڪامريڊ جمال الدين بخاري تہ هيو ئي هيو. ڇو جو ان محفل جي صدارت پئي ڪئي.

لقمان حڪيم ڪمپيئرنگ ڪندي چيو:

”هاڻ آءٌ آخر ۾ ڪامريڊ بخار الدين جمالي کي گذارش ڪندس تہ صدارتي تقرير ڪرڻ فرمائي.“

محفل ۾ ٽهڪڙو مچي ويو.

پوءِ تہ سائين ڪامريڊ جمال الدين بخاريءَ کي ڪير جهلي . پهريان تہ هن بخار الدين جمالي نالي تي ڳالهايو:

”اهو نالو بہ زبردست آهي ..... مون کي قبول آهي. بخار لفظ بخارا مان نڪتل آهي, بخاري ۾ باه هوندي آهي. ۽ باه ۾ حرارت هوندي آهي, حرارت زندگيءَ جو بنياد آهي. ۽ جيستائين زندگيءَ ۾ حرارت نہ هوندي, اُها زندگي ختم ٿي ويندي ۽ جمالي لفظ جمال مان نڪتل آهي. جمال خوبصورتي ۽ حسن کي ظاهر ڪري ٿو. حسن ۾ فطرتي ڪشش آهي. جڏهن اُها ڪشش ٻن کي ڇڪيندي آهي تہ تحرڪ پيدا ٿيندو آهي, جڏهن تحرڪ پيدا ٿيندو تہ جلال پيدا ٿيندو آهي ۽ آءٌ ڪامريڊ جمال الدين بخاري جلال الدين سرخ پوش جي اولاد مان آهيان, اِن ڪري مان جمالي آهيان تہ جلالي بہ آهيان.“

اِنهي سڄي وضاحت جي دؤران, لقمان حڪيم ”توبهن! توبهن“ ڪندو ۽ ڪامريڊ جمال الدين کان هٿ ٻڌي معافي گهرندو رهيو:

”معافي ڪامريڊ! هاڻي موضوع تي ڳالهايو.“

”چا ڳالهايان موضوع تي. اوهان شاعر ۽ اديب روئيندا ۽ پٽيندا رهندا آهيو..... دنيا جا سيئي شاعر روٽيون پليون آهن. جيڪي صرف روئيندا آهن, اُهي ڪجهه بہ ناهن ڪري سگهندا. اِن ڪري سماج ڪي بدلائڻ لاءِ عملي جدوجهد ڪجي.“

ڪامريڊ جمال الدين ڪلاڪ کن تقرير ڪئي ۽ لقمان حڪيم آخر ۾ ادبي محفل جي پڇاڙي هنن لفظن سان ڪئي:

”اجوڪي محفل ختم ٿي ڪجي. اڳتي ڪامريڊ جمال الدين بخاري ڪي وري صدارت نہ ڏبي, پلئي واڻئي ڳانءِ ڪاڏي“

ظرافت جي لفظي معنيٰ آهي ”دانائي“ ۽ چيو وڃي ٿو تہ ظريف اُهو آهي. جيڪو دانشمند, معاملہ فهم, زيرڪ ۽ هوش وارو هجي. ان ڪري مزاحيہ شاعري بہ اُها وڌيڪ اثر انگيز ٿئي ٿي, جنهن ۾ اصلاحي تنقيد هجي ٿي, نہ ڪي تضحيڪ. سنڌ ۾ اِن حوالي سان شمس الدين ”بلبل“ جو نانءُ نمايان آهي. لقمان حڪيم جي مزاحيہ شاعري بہ شمس الدين بلبل جي پيٽ ۾ ويهہ اٽويهہ هئي. پر هي مولائي قسم جو ماڻهو هيو. اُن ڪري سندس شاعريءَ جو ڪتاب اچي نہ سگهيو. جنهن ڪري سندس شاعريءَ سان انصاف نہ ٿي سگهيو.

1976_77 جي ڳالهہ آهي, جناح باغ ۾ پيپلز پارٽي جو جلسو هيو. ۽ اُن کان پوءِ مشاعرو پڻ رکيو ويو هيو. اُتي لقمان حڪيم ”چوڏهين صديءَ جو مسلمان آهيان“ جي عنوان سان ”تعريض“ پيش ڪئي. جنهن ۾ اُن دؤر جي سماجي براين تي زبردست طنز هيو. هڪڙو بند صرف حافظي ۾ آهي, پيش خدمت آهي:

” هلي ٿو نڳيءَ ساڻ واپار پنهنجو
ملاوٽ گراني, آ وهنوار پنهنجو
مڙان ڪين توڙي هجي يار پنهنجو
ابوجهن گراهڪن تان قربان آهيان
مان چوڏهين صديءَ جو مسلمان آهيان“

لقمان حڪيم جي ان طويل شعر تي ڪيس سامعين مان ايڏو داد مليو جو ڪنهن شاعر ڪي ورلي مليو هجي, گهڻن ماڻهن جو خيال هيو تہ اِهو بند لقمان حڪيم لاڙڪاڻي جي شيخن بابت لکيو آهي. و الله عالم! اهڙيءَ طرح هڪ ٻي شعر بہ ڏاڍي مقبوليت ماڻي, جيڪو هن وڏن مشاعرن ۾ پڙهي داد حاصل ڪيو. اُن جو عنوان هيو:

بيشڪ لڪ

پل پريءَ تي، حور تي، غلمان تي لڪ
تن جي عاشق، سر ڦرئي، نادان تي لڪ
هن تي لڪ ۽ هُن تي لڪ، سيني تي لڪ
ڪجھ اچوڪي دؤر جي انسان تي لڪ
گھر ٻهاري جو وڃي ساجھر اُٿي
اهڙي محسن مهربان تي لڪ
چند ڏينهن ۾ پنائي جو چڙي
ڊاڪٽر تي، فيس تي، درمان تي لڪ
تي وڃي اغوا پلي، جاتي هجي
تنهن بشر جي روپ ۾ حيوان تي لڪ
رنگ لاٽو خوب هيروئن آ
نئين نسل جي وارثن گريان تي لڪ
مڙني خوبين جو آ مالڪ آدمي
ڪير تو توکي چوي شيطان تي لڪ
سئي لڳڻ سان جو نٿو ڦٿڪي مري
اُن حڪيم خوامخواه لقمان تي لڪ

لقمان حڪيم هڪ ڪهنه مشق شاعر هيو. پاڻ ٻڌائيندو هيو ته هن 1952ع ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي ۽ شاعري ۾ سندس اُستاد حاجي محمود خادم هيو. ۽ سندس هم عصرن ۾ نظام الدين نظام، عبدالفتاح عبد عاقلي، احمد خان ، آصف مهراڻي، عبدالله اثر ۽ علي بخش جمالي هيا. اِن ڪري علم عروض تي ڪيس ڏاڍي دسترس هوندي هئي.

لقمان حڪيم هڪ پنهنجي خوش مزاج طبيعت جي ڪري ۽ ٻيو بزم سچل جو باني هئڻ ڪري هر بزم ۽ ادبي سنگت لاءِ قابلِ قبول هيو. ان ڪري ڪافي رقيب رو سياهه و سفيد ڪيس ’وچ ڪُتيو‘ به سڏيندا هيا. روح رهاڻ ادبي سنگت، جيڪا لاڙڪاڻي جي نوجوانن جي ترقي پسند ادبي تنظيم هئي، اُن ۾ باقاعده ايندو هيو. هڪ دفعي تنقيدي گڏجاڻي ۾ افضل قادري شعر پڙهيو جڏهن لقمان حڪيم جو وارو آيو ته تنقيد ڪندي چيائين: غزل ڏاڍو سٺو آهي، پر هڪ بند ۾ ”ڪي“ وڌي تي.“

افضل جو وارو آيو تہ افضل وراڻيو: ”ڪي پوري آهي.“ نيٺ لقمان حڪيم بند جو فاعلاتن فاعلات ۾ ڇيد ڪري ٻڌايو تہ ”ڪي وڌي ٿي.“ افضل چوي تہ ”ڪي پوري آهي.“

بهرحال، صدارت گهڻو ڪري تہ سليم ڪورائي جي هئي.اُن بحث کي سميٽيندي چيو ”ڪي وڌي ٿي يا نہ، پر حقيقت اها آهي تہ افضل جو غزل خيال جي لحاظ کان ڀرپور آهي.اِن ڪري ڪج بحثي جي ضرورت ناهي.“

پر افضل اها ڳالهہ دل ۾ رکي، ۽ ٻئي ڏينهن تي منجهند جو سائيڪل ڪڍي، سائيڪل جي هينڊل ۾ وڏي ڦر واري چلڪندڙ ڪهاڙي وجهي، سڌو قائم شاهہ بخاري ڀرسان، لقمان حڪيم جي جَلد سازيءَ واري دوڪان تي پهتو. لقمان حڪيم معمول مطابق دوڪان آڏو صندل تي ويٺي ڪم پئي ڪيو. افضل قادري سائيڪل دوڪان آڏو بيهاري، ڪهاڙي هينڊل مان ڪڍي صندل تي رکي سلام ڪيو. لقمان حڪيم سلام ورائي پهريان ڪهاڙي کي ڏٺو ۽ پوءِ افضل کي. افضل کيسي مان ساڳيو شعر ڪڍيو ۽ لقمان حڪيم آڏو رکندي چيو: ”ادا لقمان حڪيم! گذريل رات روح رهاڻ جي آفيس ۾ روشني بہ گهٽ هئي. توهان هاڻ سج جي چٽي پٽي روشنيءَ ۾ شعر کي چڱيءَ طرح ڏسو ۽ ٿڌيءَ دل سان سوچي ٻڌايو تہ ڪي وڌي ٿي يا نہ؟“

لقمان حڪيم هڪ نظر پني تي لکيل شعر تي ۽ ٻي نظر صندل تي رکيل ڪهاڙيءَ تي وڌي ۽ پوءِ وراڻيو:

”افضل صاحب، ’ڪي‘ تہ صفا پوري آهي. توهان جي ڳالهہ بلڪل صحيح آهي. مان غلطي تي هيس... هاڻي چانهہ پيئو.“

لقمان حڪيم، افضل کي چانهہ پيئاري جان ڇڏائي.

ٻئي ڏينهن تي سڄي لاڙڪاڻي جي ادبي حلقن ۾ هُل تي ويو. جيڪو ٻُڌي سو کل ۾ ٻُٽيو پيو آهي. لقمان حڪيم چوندو وتي:

”ادا، ڪهاڙي وڏي ساهمي آهي. جنهن ۾ شعر بحر وزن جي حوالي سان هر حال ۾ متوازن هوندو.“

افضل چوندو وتي: ”شعر جي بحر وزن تي رات جو تنقيد ڪرڻ غلط آهي. ڇو تہ روشني گهٽ هجڻ جي ڪري ڪوٺ واڌ جي خبر نہ ٿي پوي.“

لقمان حڪيم هيو تہ جلد ساز پر سندس دوڪان بزم شمع هيو. شاعر اديب رستي تان لنگهندي سندس دوڪان تي چانهہ جو اڌڙ ضرور پيئندا هيا. پنهنجو تازو پراڻو شعر ٻڌائي، هيانءَ جي باهہ ماريندا هيا. ۽ سندس نڪور شاعريءَ تي بہ بہ تي ٺهڪ ڏئي واه! واه ڪندا راهي ٿيندا هيا.

سندس دوڪان جي پٽين تي جيڪڏهن ڪو نظر ڦيرائيندو هيو ته سندس اهلِ ذوق هجڻ جي شاهدي ملندي هئي، وڏن سفيد پاٽن تي شاه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست کان وٺي شيخ اياز تائين، جنهن جو به شعر ڪيس وڻيو لکرائي، پٽين تي هٽائي ڇڏيو هيائين. سندس به چوسٽا به پٽين تي لڳل هوندا هيا.

گدائي به پهتي اميرن جي گهر
ٿيو جيئري ئي مسڪين اهلِ ممات
پنڻ به غريبن کان ڪسجي ويو
وٺي ٿو وڏيرو عشر و زڪات

❊

مزو زندگي مان ڇڏائي ويو
بين لاءِ زنده ٿو رهڻو پوي
رهي آدميت نه آهي ڪٿي
لڳي واءُ جيڪو ٿو هلڻو پوي.

لقمان حڪيم جولاءِ 1929ع لاڙڪاڻي جي ڳوٺ ’سوني جتوئي‘ ۾ پيدا ٿيو. لاڙڪاڻي مان سنڌي فائنل جا ست درجا پڙهيو. پنهنجي مامي ۽ سهري مولوي محمد ڪوڪر کان عربي ۽ پارسي جا درس به ورتائين اهو ٻڌائيندو هلجي ته لاڙڪاڻي ضلعي جي ديني مدرسن ۾ مولوي محمد ڪوڪر عربي ۽ پارسي جو برڪ عالم ليکيو ويندو هيو.

لقمان حڪيم ڪجهه وقت صحافت جي شعبي سان به سلهاڙيل رهيو. ڪراچي مان شايع ٿيندڙ هفتي وار اخبار”الحيدر“ جي سنڌي شعبي جو ايڊيٽر ٿي رهيو. جنهن ۾ لاڙڪاڻي جي سين نون اديبن جي شاعري ۽ ڪهاڻيون به ڇپرايائين. منهنجي به هڪ ڪهاڻي ”بوٽ“ ڇپرائي هيائين. اُن کان سواءِ ڪامريڊ جمال الدين بخاري جي هفتيوار اخبار”انصاف“ جي ادبي صفحي جو به انچارج رهيو.

لقمان حڪيم ڪوڪر جيڪو نه صرف مزاحيه شاعر هيو پر پنهنجي ذات ۾ هڪ انجمن ۽ خود دار محنت ڪش هيو. اُهو جڏهن 29 مارچ 1992ع تي هن دنيا مان موڪلائي ويو ته ائين لڳو ڄڻ ته لاڙڪاڻي جي ادبي حلقن مان نمڪيني، برجستگي ۽ شوخي موڪلائي وئي هجي، جي بچي هئي ته صرف تلخي ۽ تواءِ.

هدايت منگي: سانوڻي جي موج

هدايت ڪي ڏسي لڳندو هو تہ هدايت ڪي ’هدايت‘ جي سخت ضرورت آهي، نالي جي حوالي سان سندس شخصيت بنهہ ابتڙ هئي، اجهل ۽ ڪرو. سئنين راند سونٽي جي، ڀيڙي ڀڏي ڪوٽي جي. پهرين ملاقات موهن جي دڙي تي ٿي هئي، گهٽو ڪري تہ فيبروري مارچ 1987ع ۾. هن اسٽوپا جي اولهائين پاسي وارن آثارن کي پئي جاچيو ۽ آرڪيالوجي ڊپارٽمينٽ جي عملدارن هن کي ــ ايئن پئي لڳو تہ ڄڻ ڪوراڪاس لٿو هجي، ”ڪسٽوڊين“ ۽”ڪيوريٽر“ کان پڇيوسين ”خير تہ آهي؟“

اشارو ڪندي ٻڌايائون تہ اهو هدايت منگي پيو گهمي. هلال پاڪستان اخبار ۾ ڪم ڪندو آهي، خبر نہ آهي تہ ڪهڙو بنبال ڪڙو ڪندو؟ مينهن جي ڪڻ ڪڻ سان، ٿڌي هوا جا جهوٽا لڳي رهيا هئا. ميگهہ ملهار جي موسم هئي، اسان جي جستجو وڌي وئي تہ ڏسجي، سو سري وجي سلام ڪيوسي، سلام ورايائين تہ چرڪ نڪري ويو تہ هي چا...!؟ مڙس آهي تہ سنهڙو سيپڪڙو پر آواز ۾ اهڙو تہ رعب ۽ ڪڙڪو ڄڻ هڏن ۽ ماس جي بوتل ۾ ڪوهہ ڪاف جو ديو وينو هجي.

حالي احوالي ٿياسي تہ اسان وانگر وڏو حوالي نڪتو، قصو موهن جي دڙي کان نڪتو تہ ختم وڃي ”پنيور“ جي آثارن تي ٿيو.

ملاقاتن جو سلسلو تڏهن وڌيو جڏهن هلال پاڪستان اخبار ۾ بيورو چيف ٿي لاڙڪاڻي پهتو. اسان جي سنگت کي خوشي ٿي تہ هڪ موهن جي دڙي جو عاشق وڌيو پر پوءِ خبر پئي تہ همراهہ موهن جي دڙي جي ڪڪ ”ٻلهڙيجي“ ۾ جائو آهي، جوان بگيءَ ۾ ٿيو آهي، هن کي ڏسي ايئن لڳندو هو تہ هو واقعي ”مونهين“ جي مٽيءَ جو نهيل ماڻهو آهي، جيڪو هر جنم ۾ کيس بچائڻ لاءِ آڌرتو آهي. هلال پاڪستان ۾ سندس ڪافي رپورتون موهين جي آثارن کي بچائڻ لاءِ ڇپيون هيون.

موهين جي دڙي تي ڪچهريون ڪندي ڪندي، هڪ ڏينهن سنگت اها صلاح ٻيهاري تہ چو نہ سنڌي ادبي سنگت ”شاخ موهن جو دڙو“ جو بنياد رکجي، پوءِ سنڌي ادبي سنگت شاخ موهن جي دڙي جو بنياد پيو. ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، علي شير رونگهو شعيب علي عمراڻي، منير سومرو ۽ ٻيا ڪيترائي دوست ميمبر ٿيا. سيني هڪ راءِ ٿي هدايت منگي کي سيڪريٽري مقرر ڪيو پوءِ تہ آرڪيالاجي جو اسٽاف ڀتنگو ڦاٿو موهن جي دڙي تي ڪڏهن گڏجاڻي، ڪڏهن ليڪچر، ڪڏهن مطالعاتي دورو. نتيجي ۾ ڪڏهن اسٽاف جا مٽا ڦوڪيل، ڪڏهن سنگت جا. ڪڏهن سيئي گڏجي موهن جي دڙي جي ريسٽورنٽ ”شبستان“ ۾ بغليون هٽندا وتن. انهيءَ دؤران مونکي بہ قائل ڪيائين تہ

ڪالم لکان. 1989ع جي پڇاڙڪن مهينن ۾ مون ”فڪر فرهي هٿ ۾“ ڪالم لکڻ شروع ڪيو. ايڊيٽنگ هدايت ڪندو هو ڪمال جي ايڊيٽنگ هئي، اهڙي ٽيڪنيڪل جو ڪڏهن سٽ نه ڪٽيائين، فل اسٽاپ ۽ ڪاما جي هير ڦير ڪندي يا وري مذڪر مونث واري غلطي درست ڪندي پار پوندو هو ايڊيٽنگ به هڪ ڏانءُ آهي نه ته ڪاسائيڪي ڪار.

باقي زباني تنقيد ۾ ته هدايت ڪڏهن ڪاسائي ڪڏهن ماهر سرجن. اهڙي نڪي ٽوڪي تنقيد ڪندو هو جو همراهه جي تخليق کي ادبڙي ڇڏيندو هو. اصلي آنڊا گونڊا ڪڍي اڳيان رکندس جو همراهه ۾ سهپ جو مادو هوندو ته پيهر ايندو نه ته ڪٽيءَ ڪن وڃيا. ان ڪري سنڌي ادبي سنگت شاخ موهن جو دڙي جي گڏجاڻين ۾ ڪو ڪچي ڦڪي تخليق کڻي اچڻ جو ساهس نه پائيندو هو. هونئن به هدايت جي طبيعت کي، ڪنهن هيٺ مٿي ڦرندڙ چيڪلي جيان لاها چاڙها ها. ڪڏهن ته شيخ النفزاوي جو ڪتاب ”باغ العطر“ لڳو پيو هوندو هو ڏسي لڳندو هو ته ڪيس پيدا ڪرڻ واري، پيدا ڪرڻ کان اڳ عشق جي اڪري ۾ وجهي محبت جي مهري سان ڪٽڪو ڏنو آهي. لطيف جا جمالياتي بيت پڙهندي ڪين جنسي معنائون پهرائيندو. هونئن به چوڻ واري جو پنهنجو خيال، سمجهڻ واري جي پنهنجي سمجهه ۽ سوچ. آفاقي شاعر جي تخليق ۾ته معنائن ۽ مطلبن جا دريا وهن ٿا.خاص ڪري هيٺين بيت ته مجازي معنائن ۾ پيش ڪندي حيرت ۾ وجهندو هو.

تان جي ٿين ساموهان، سونهن پنيرا
سنئون ورائي سپرين، منهن جي مانڊي ڪن
ته رڳون سپ رچن، تن ۾ تازائي ٿئي
...
هلو هلو ڪاڪ تڙين جتي نينهن اڇل
نه ڪا جهل نه پل، سيڪو پسي پرين کي.

۽ ڪڏهن ته اسپيني ڊگي وانگر چيڙاڪ، پڇ ڪندي تي. پل خاني خان هجي شاهه شاهوڪاري چٽي ڏيندس. جيڪو دل ۾ سو زبان تي. مڙندو مولا بخش ڪلهوڙي مان به نه، جيڪو فيملي ڊاڪٽر سان گڏ سندس يارِ غار به هو.

حقيقت ۾ ته هدايت منگي جي طبيعت جي بي چيني ۽ اضطراب، سندس ان حياتيءَ جا عڪس آهن. جيڪا حياتي هن ٻلهڙيجي کان وٺي بگي ڳوٺ تائين. بگي کان ڪراچي تائين ڏاڍي ڪٺن، محنت ۽ مقابلي ۾ گذاري. انهيءَ دؤران بي يقيني واري ڪيفيت ڪيس ايترو ڏونڌاڙيو جو ٻيو ڪو هجي

ها تہ ڪڏهن جو پيالو ڪري وڃي ها. هدايت جي مڙسي اها هئي تہ هن زندگي جي حقيقتن کي منهن ڏنو. ڪنهن گهڙي بہ فرار جي راهہ اختيار نہ ڪئي.

صحافت جو ميدان ڏاڍو خارزار آهي، ان مان صحيح سلامت گذري وڃڻ ڏاڍو اوکو آهي. هن پيشي جون عجيب تقاضائون آهن. پبلڪ کي هر ڏينهن تي ٿيندڙ واقعن جي باري ۾ صحيح اطلاع فراهم ڪرڻ، ماڻهن جي مفادن جي چوڪسي ڪرڻ، ڪنهن خاص مسئلي جي نشاندهي ڪرڻ ۽ ان کي حل ڪرائڻ لاءِ واسطيدار ڌرين جو ڌيان ڇڪائڻ. ماڻهن کي ڪري ڪوٽي جي شناسائي ڏيڻ، انساني اعليٰ قدرن جي آبياري ڪرڻ وغيره.

پر ٻي قسم جي بہ صحافت آهي، غلط خبرون ڏئي ماڻهو منجهائڻ، پبلڪ جي مفادن جو سودو ڪرڻ، ڪري کي کوٽو ۽ کوٽي کي کرو ڪرڻ، ماڻهوءَ جي ماڻهپي کي تڇ سمجهڻ، منفي روين کي اپارڻ، سماج ۾ هيجان ۽ انتشار کي برپا ڪرڻ، اهڙي قسم جي صحافت کي عرف عام زرد صحافت سڏبو آهي.

ان ڪري هڪڙا صحافي اهي آهن، جيڪي حقيقي صحافت کي هٿي ڏيارڻ لاءِ ڪوشان ۽ هڪڙا اهي جيڪي حقيقتن کي توڙي مروڙي پيش ڪرڻ جا خواهان.

هدايت منگي هڪ دفعو ڪنهن لوڪل اخبار جي مهورت تي ڳالهائيندي جڏهن صحافت جي حالتِ زار جي تصوير ڪشي ڪندي چيو هو تہ” صحافت جڻ ڪنهن ڇڪلي جي رنديءَ جيان ٿيندي ٿي وڃي ۽ صحافي دلال. جيڪو ٿو گهر کان رسي، سو صحافي ٿو ٿئي، سنڌ جي هر شهر ۾ جڻ ڪتي ويائي پئي آهي.“ اهي ئي صحافي ڪاوڙيا هيا، جن کي ان آئيني ۾ پنهنجي تصوير نظر آئي هئي. جڏهن تہ سنجيده صحافين سندس جرئت کي ساراهيو. تہ ”جيڪو اسان چوڻ جي جرئت نہ ڪري سگهياسي، ان جو برملا اظهار هدايت منگي ڪري ڏيکاريو.“

ڇا اهو سنڌي صحافت جو الميو نہ آهي تہ اخبار هجي نہ هجي تہ بہ صحافي آهي؟ ڪجهہ لکي نہ لکي تہ بہ صحافي آهي؟ ڇا اهو سچ نہ آهي تہ سنڌ ۾ اهڙا ڪيترائي صحافي آهن. جيڪي ٻين جي لکيل رپورٽن ۽ ڪالمن جي سهاري زنده آهن، جن کي ”فوٽو ڪاپي صحافي“ سڏيو وڃي ٿو؟

ڇا اها حقيقت نہ آهي تہ ڪيترن صحافين کي مختلف موضوعن جي بنيادي اصطلاحن جي خبر نہ هجڻ ڪري، سندن رپورٽون غلط ۽ مذحقہ خيز هونديون آهن. جن کي پڙهڻ کان پوءِ صحت کاتي، آثارِ قديمہ، چيمبر آف ڪامرس، اسپورٽس، ثقافت ۽ روينيو وارا منهن مٿو پٽيندا آهن. ان حوالي سان چند چاڻ ٿئي تہ پاڻهي خبر پئجي ويندي تہ ڪيترا صحافي، صحافت جو ڀرم آهن ۽ ڪيترا نام نهاد آهن.

وري جيڪڏهن صحافتي ايمانداريءَ جو تجزيو ٿئي ته اهو به اندازو ٿي ويندو ته ڪيترا آهن، جيڪي سون تي سيڙ ناهن مٽائيندا، يا جيڪي لفافي جي سهاري تي صحافت ناهن ڪندا.

لاشڪ ته هدايت منگي صحافت جو پرم به هو ته شرم به هو هن جرنلزم جي حوالي سان هر موضوع تي رپورٽنگ ڪئي. سندس مشهور ڪالم ”ڳالهيون ڪرڻ جهڙيون“ 1999ع روزانه ”سچ“ ۾ ”لاڙڪاڻه ڊائري“ عوامي آواز 1993ع ۾، سندس مشهور ترجمو شهري رٿابندي ڪاتي طرف کان پيش ٿيل Out line development plan of larkana لاڙڪاڻي جي رٿابنديءَ ترقياتي خاڪو هلال پاڪستان 1990ع ۾، ”تباهي ڏانهن وٺي ويندڙ فطرت“ مائيڪل جانسن ۽ رچرڊ هيوگز جو انٽرويو عوامي آواز 1993ع ۾. هلال پاڪستان ۾ سندس نيوز ليٽر، ان کان سواءِ اخبارِ جهان ۾ سندس اردو ۾ ڇپيل مضمون ۽ Sindh tribune ۾ ڇپيل انگريزي مواد آهي. جيڪو سندس هڪ بهترين صحافي جي حوالي سان سند آهي.

اخبار هلال پاڪستان مان 1992ع ۾ رٽائرمينٽ ورتائين ته عوامي آواز ۾ بيورو چيف تي ڪم ڪيائين. 1994ع ۾ اخبارِ جهان جو ڊسپيچ رائٽر ٿيو. 1995ع ۾ ڊيلي سنڌ ٽريبون جو نمائندو ٿيو. انهيءَ سال ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي سان واڳيل رهيو. هٽ هٽ تي رکي ويهڻ ڪيس پاڻ نه پوندو هو. جيتوڻيڪ 1988ع کان وٺي دل جو مريض هو پر ذهني طور تي هميشه چاڪ ۽ چوبند رهيو. 1994ع ۾ ڊاڪٽرن سول اسپتال لاڙڪاڻي جي ڪارڊيالوجي وارڊ ۾ داخل ڪيس. سنگت مان ڪنهن گهڻ گهري صلاح ڏنس ته اخبار ۾ سندس سرڪاري خرچ تي پرڏيهه مان علاج ڪرائڻ جو پرزور مطالبو رکيو وڃي. مورڳو همراهه ڪارڊيولاجي وارڊ مان اهو چئي ٽپڙ ڪٽي نڪتو ته، ”زندگيءَ مان اجان ايڏو مايوس ناهيان ٿيو جو مرڻ کان اڳ ماتم شروع ڪرايان.“

هدايت منگي صحافت جي حوالي سان APNS پاران 1991_92ع ۾ بهترين علاقائي زبان جي رپورٽر جو ايوارڊ ۽ ”سر شاهنواز ڀٽو ايوارڊ“ حاصل ڪيو. ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي طرفان بهترين انٽرويوئر جو ايوارڊ پڻ حاصل ڪيائين. هدايت منگي نه صرف صحافت جي ميدان ۾ پاڻ موڪيو پر ادب جي حوالي سان به پاڻ مڃايو. جيتوڻيڪ هن ٿورو لکيو مگر سٺو لکيو. سندس مختصر ڪهاڻي ”نقشو“ سندس لکڻ جي پختگي کي واضح ڪري ٿي. شاعري ۾ خاص ڪري سندس آزاد نظم گهاڙيتي ۽ خيال جي حوالي سان پختا ۽ گهرا آهن. هن پنهنجي آخري خواهش هڪ آزاد نظم ” سانوڻ جي موج“ ۾ هيئن ڏيکاري آهي:

سانوڻي جي موج هن پيري ته ڏس
دل چوي ٿي

مائٽن کي چئي چڏيان
مئي پڇاڻان
سانوڻيون ٽيندين پيون ۽
موج پيي ايندي پئي
مان نہ ڏسندس...!
ان ڪري،
مون کي ڪنڌيءَ تي پورجو.

22 ڊسمبر 1999ع رات جو ساڍي ڏهين وڳي اوچتو سور جي ست ڪيس لوڏي ڇڏيو. سندس صالح پٽن عزيز منگي ۽ عبدالحفيظ ڪوشش ڪئي پر تقدير آڏو تدبير ڪم نہ آئي.

سندس مڙهہ وصيعت مطابق پير حمل قبرستان ڳوٺ بگي، تعلقو ڏوڪري ۾ پوريو. جتي سانوڻيون ٽيندين پيون، موج بہ ايندي پئي. ۽ انهن سان سندس روح رهاڻ بہ ٽيندي پئي.

**

واجد : جا پيڙ هئي پرواني ۾

واجد مرحوم سان جڏهن منهنجي پهرين ملاقات ٿي هئي ته مون تي ڳالهيون نوٽ ڪيون هيون. هڪ ته هو خوشخط آهي. ٻيو ڦٽي ڦوڪاري جو شوقين ۽ ٽيون سندس لفظن جي ادائيگي زبردست هئي.

واجد سان منهنجي چٽڙن جي ياري ته ڪونه هئي. پر پنهنجي، ”عليڪ سليڪ“ ادبي ميڙاڪن ۾ ٿي، 1975ع ۾. ڪجهه ويجهڙائپ وڌي ته چار چونڪ گيان باغ جي نام نهاد ليڊيز پارڪ ۾ ويهي ڪٽيندا هياسي. انهيءَ دؤران مون ڪيس انگريزي سيڪارڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ واجد مون کي شاعريءَ جو بحر وزن سمجهائڻ جي. ٻئي ناڪام وياسي.

اجا اٿڻ ويهڻ وڌيو ته واجد پهريون پيرو گيان باغ جي ڏکڻ ۾، پراڻي گهاڙ واهه جي سڪل پيٽ ۾ اڏيل ڪچي بستيءَ جي هڪ چني ۾ وٺي ويو. اهو سندس گهر هو. هڪ کٽ تي سندس پوڙهو پيءُ ستو پيو هو. ٻي کٽ تي واجد جا ڪتاب ڪڙا ستيا پيا هئا. گهر جي هڪڙي ڪنڌ ۾ ڪاٺ جي پيتي ۽ ان جي مٿان لوهي پيتي ۽ ٻي ڪنڌ ۾ هڪ بجڪو ٽنگيو پيو هو. پڇڻ تي ٻڌايو هئائين ته ان ۾ سندس والد جو سامان سرڙو آهي.

واجد سان اٿندي ويهندي ان ڳالهه جو احساس ٿيندو هو ته هو ڏاڍو دلزده ۽ دلفگار شخص آهي. ڪيس پنهنجي غربت ۽ بي روزگاريءَ جو احساس شديد تر آهي. سندس اڏ کان وٺي ڪ شاعري به ان ڪيفيت جو اظهار هئي. جيڪا ان وقت، هن مون کي ٻڌائي هئي.

زندگي محرومين جو سلسلو آ
ڌرتي ۽ آڪاس ۾ جڻ زلزلو آ
چا حياتي ۽ حياتيءَ جي چمار
ٻن ورانگن جو ڪوئي فاصلو آ.
ماني ۽ ڪپڙن تي پئي عصمت کپي،
ٿو پڇان ڪهڙو پلا هي معاملو آ!
روئندا رڙندا ائين رُلندا وتون ٿا،
جڻ ته ڪنهن رهزن لُٽيو هي قافلو آ.
جيڏو توڪان ٿا ڏجون اوڏو عذاب،
چا اسان جي هي وفائن جو صلو آ.

يا

جڏهن ستائيندو آهيم،
پنهنجي غربت جو احساس.
ٿيندو ائين محسوس اٿم
آهيان ڄڻ ڪو زنده لاش
مفلس ماڻهو جو جڳ ۾
جيئڻ سچ پچ آ بڪواس.

مٿان وري عشق جي هلڪي سلڪي چپيٽ. تنهن ڪيس حد کان وڌيڪ حساس بڻائي ڇڏيو. مون کي هڪ ڏينهن داستان عشق ٻڌائيندي ٻڌائيندي پڇي ويٺو.

”ياءُ منظور. تو ڪو عشق ڪيو؟“

مون شينگهرجي چيو. ”ڪو هڪ اڌ هجي ته ٻڌايان به. الائي ڪيترا.“

سندس پر زور اصرار تي هڪ اڌ عشق جو قصو ڪنيم. شاهي بازار جي هڪ فرضي سيٺ جي ڌيءَ سان عشق، پوءِ اهي ئي ذات پات جا ٻنڌڻ، وچتي چانديءَ جون ديوارون. آخر ۾ ساڳيو ئي الميو سيٺ جي ڌيءَ زهر کاڌو ۽ مان بچي ويس. واجد روئي روئي ڪٽي رڇ پريا. مون ان ڏينهن کان توبهه ڪئي ته هن معصوم سان اهڙو چرچو ڪڏهن به نه ڪجي. اها مذاق ته انهن عاشقن سان ڪري سگهجي ٿي. جيڪي اسان جهڙا هجن نؤد ۾ تيليءَ کي ٿنب بڻائڻ وارا.

واجد جيئن ته حد کان وڌيڪ حساس هو. ان جي ڪري ڪنهن جي ٿوري ڳالهه به ڪيس ڏکوئي وجهندي هئي. ائين به نه هو ته منجهس مزاح جي حس نه هئي. اهل ڪرڻ ته ڪو واجد کان سکي، سا به مرحوم افضل قادري يا مولوي نور الدين نور جي، مشاعرن ۾ ادبي نوڪ جهوڪ به سڻي ڪري ڇاٽيندو هو. مرحوم افضل سان سندس نوڪ جهوڪ محفل کي زعفران بڻائي ڇڏيندي هئي ته ڪڏهن وڏي وڃي رسامن تي به پهچندي هئي. پر هن متاع درد رکندڙ ماڻهو ڪڏهن دل ۾ نه رکيو. مرحوم افضل لاءِ سندس نثري نظم. ”اچ پڙ اڪڙين“ سندس وسعت قلبي جو وڏو ثبوت آهي.

افضل هڪ ارڏو شاعر.
جنهن جي سٽ سٽ،
انڌيرن سان مهاڏو اٽڪايو.
جيڪو سورن جي ساگر ۾.

مون لاءِ ناوَ سمان ھو.“

1976 ع ۾ سندس اڪثر دوست بي روزگار واندا يا شاگرد ھيا. انھن سوچيو تہ ڇو نہ واجد کي ميٽرڪ ڪرائجي. جيئن ھو احساس ڪمتريءَ مان آجو ٿي با اعتماد ٿئي. نيٺ اسلم سنديلي، رزاق مھر ۽ منھنجن ڪوشش رنگ لاتو واجد مئٽرڪ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. سيني کي اميد ٿي تہ ھاڻ ھو ھٿ پير ھڻي با روزگار ٿيندو.

1977ع ڌاري مان سنڌ يونيورسٽي ھليو ويس. منھنجي ملاقات ساڻس گاھي ماھي ٿيندي ھئي. سال 1979ع اپريل جو مھينو ھو. ڪنھن اچي گھر ٻڌايو تہ واجد جو والد گذاري ويو آ. سندس والد بہ ڏاڍو قرباڻتو شخص ھو. جڏھن بہ در تي بيھي سڏ ڪندا ھياسي تہ ويچارو گھر جي اندران ئي ٻاجھاري ٻوليءَ ۾ جواب ڏيندو ھو.

”اڇو منھنجا بابا، مان صدقي ٿيانوَ.“

سندس والد جي وفات کان پوءِ فاتحہ ٿي. فاتحہ کان پوءِ ھيڏانھن ھوڏانھن جا قصا نڪتا، آخر ۾ دنگ وڃي واجد جي بي روزگاريءَ تي ٿيا. ھر ڪنھن پنھنجي ذھن آھر ڪيس دڪان کولڻ يا نوڪري ڪرڻ جي صلاح ڏني.پوءِ خبر پئي ھئي تہ سندس پائرن جاءِ ڪپائي حصي ۾ ڪيس صرف ساڍا ٽي ھزار ڏنا ھيا. اھي پيسا ڪٺي ٽنڊي غلام علي پھتوءِ دڪان کوليائين. دڪان نہ ھليس تہ مارڪيٽ ڪميٽي ۾ سب انسپيڪٽر جي حيثيت سان نوڪري ڪيائين. اٽي يارنھن مھينن جون پگھارون نہ مليس تہ وڃي ٽر وساياائين. جتي ڊي سي عبدالقادر منگي ڪيس روزگار پيڙو ڪيو. جيئن ئي منگي صاحب جي بدلي ٿي تہ ھي ٻيھر بي روزگار ٿجي پنھنجي اصلوڪي ماڳ لاڙڪاڻي اچي پھتو.

ان سڄي عرصي دوران منھنجي ادبي دنيا کان ڏار پار ٽيڻ ڪري وچ ۾ ڪو اھڙو سبنڌ نہ رھيو جو ھڪ ٻئي جي حال کان آگاھي رھي. البت سندس شاعري رسالن ۽ ميگزينن ۾ پڙھندي محسوس ٿيندو ھو تہ ھو سخن کي سينگار وناڻ ۾ ڪامياب ويو آھي.

1989ع ۾ وري پنھنجي ملاقات ”ميگھ ملھار ادبي سنگت“ جي ھڪ ميڙاڪي ۾ ٿي. جنھن جي صدارت ڪندي ھن پنھنجو تازو غزل ٻڌايو ھو. جنھن جو ڪجھ ستون اڄ بہ ھيئن ۾ ھرن ٿيون.

تو سئين ھٿي مئخاني ۾،
چا ملنديءِ چئہ نذراني ۾!
سو ماڻھو لامحدود ٿيو،
جو فٽ نہ ٿيو ڪنھن خاني ۾.
ساءِ مون تہ شمع ۾ ڪو نہ ڏني،

جا پيڙ هئي پرواني ۾.
ڪئن تپندي تند يلا واجد!
جي ناهي تاءُ تراني ۾!

ان ڪان پوءِ ٽنڊي غلام علي مان سندس به ٽي خط پهتا. لڳو هو ته قلم جي زبان جلائي خط لکيو هيائين. جنهن ۾ زماني ۽ دوستن جون شڪوهه شڪايتون ۽ تنهائيءَ جون حڪايتون هيون. سندس اهڙن خطن جي ڪري دوستن جو چوڻ هو. ته ڪيس جهجهڻ، جهرڻ جي عادت پئجي وئي آهي. حقيقت اها هئي ته هو هر پراڻي پريت واري کي پنهنجو سمجهندو هو. اها اسان دوستن جي بي سمجهي هئي. جو ان کي غلط سمجهيو سين ۽ ڪن يارن ته ڪيس مئي ڪان پوءِ به نه بخشيو ۽ سندس روح رنجايو.

سال 1994ع ۾ علي خان جي، ”نواز پريس“ تي ملي ويندو هو. پريس هڪ نديڙي ڪمري تي ٻڌل، انگريزن جي دؤر جي باقيات هئي. پر مالڪ علي خان جڻ لاڙڪاڻي ساهه سيباڻي جي ڪا آخري نشاني هيو. جنهن جي ننڍن ننڍن اسٽولن تي، بظاهر ڏسڻ ۾ ميرا سيرا حالي موالي ماڻهو ويٺا هوندا ها. پر کُلڻ کان پوءِ جڻ هيرن ۽ ياقوتن جو ڪاٽيون هيا. مظفر علي قادري عرف مجن خان ۽ محترم عبدالرحيم پيرزادو جهڙيون ڏکتار شخصيتون براجمان هونديون هيون. ان وچ ۾ واجد پنهنجو شعري مجموعو ”آءُ اوهان جو آهيان“ ڪمپوز پيو ڪرائيندو هيو. جنهن جا ڪيترائي شعر جڻ سندس، امنگن ۽ جذبن جي ڀرپور ترجماني ڪندا هيا. اُنهن مان ڪجهه شعر هتي سندس اندروني ڪيفيت ۽ سوچ جي حوالي سان پيش ڪجن ٿا ته جيئن سندس خيال جي خوبي ۽ پيڙا جي امتزاج کي اوهان به محسوس ڪري سگهو:

زندگيءَ جي هر ادا، مون کي قبول.
با وفا يا بيوفا، مون کي قبول.

سارو جڳ سرهو رکي مون کي مُنئه.
هي عجب جهڙي سخا، مون کي قبول.

زندگي وئرث وئي واجد، مگر،
تلخ ٿيا جي تجربا، مون کي قبول.

تون پڇين ٿو ڪيئن پئي گذري حيات!؟
ريءَ پرڻ جي پئي اذري حيات.

چٽئي پاسن ڪان پيون آنڌيون اچن،
اڳ ئي واريءَ جان پئي اڏري حيات.

ڏکو ڏاڍو ٿيلو آهيان،
مونجهارن جو ميلو آهيان.
سور اوهان جا ساٿي آهن،
آئون ڪٿ اڪيلو آهيان.
جنهن جو ڪنهن نہ شمار ڪيو آ،
اهڙو گذريل ويلو آهيان.

مون هڪ تبديلي محسوس ڪئي هئي تہ واجد جيڪو پهريائين ڪائڻ جو شوقين هو. خاص ڪري سندس مهري دال چاڙهڻ جو تہ ڪو جواب ئي نہ هو. اسان مهري دال، سائو مصالحو ۽ ٿوم وٺي سندس گهر پهچندا هئاسين. واجد پنهنجي ڪرت ڪي لڳي ويندو هيو.دال سوئيندو پاٽيءَ ۾ رڌيندو داغ ڏاهي، مصالحو وجهي، مٿان وري، ٿوم جي رائي ڏيندس، پوءِ ڪو ڏسي دم دال جو آڪڙ پلاءَ جي پر هاڻ واجد چانهہ ۽ سگريٽ نوشيءَ تي لهي پيو هو. سندس چين سموڪنگ مان لڳندو هو.تہ هن ”اهرمن“ جي اولاد (سگريٽي دونهين) سان باقاعده جنگ جوتي هئي. جهلڻ جي باوجود بہ روز سوين سگريٽ ساڙي خاڪ ڪندو هو. مني چانهہ جي محبت ڪيس منو زهر تي لڳي. پنهي سندس صحت ڪي ڏاڍو هاڃو رسايو. واجد ويو پوڙهو ٿيندو تان جو وجي سورن سيراندي ٿيو. سندس ”ست سنگ“ خوب نڀايو. مداحن ۽ مهربانن بہ ڪوشش ڪئي. ايسيتائين جو لاڙڪاڻي جي هڪ سگهڙ، سماني ۽ سوريتي اديبہ بہ ڪيس رت ڏنو. پرقضا ڪي قضا نہ آئي.

5 جولاءِ 1952 ع ۾ لاڙڪاڻي جي ڌرتيءَ تي جمندڙ شعبان علي منگي، 2 مارچ 1994ع ۾ هڪ روشن خيال شاعر”واجد“ جي حيثيت سان موڪلائي ويو ۽ اسان ڪي پنهنجي ذهن جي اميريءَ جا ٽي اهڙا اثاثہ ڏنائين. جيڪي سنڌي ادب جي لازوال ميراث آهن، جن ۾، ”منهنجا گيت زهر جي ڳيت“، ”سوريءَ مٿي سيڻ“، ۽ ”آءُ اوهان جو آهيان.“ آهن.

***

محبت ڀرڙو: مانائتو ماڻهو

”شاھہ و گدا ڪري ٿو تنهنجو سلام قمبر“
”رحمت وسي ٿي توتي هر صبوح شام قمبر“

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، قمبر شهر جي توصيف ۽ تعريف ۾ چوڏنهن بندن تي مشتمل نظم لکيو هو جنهن جو پهريون بند مٿي ڏنل آهي.

حقيقت ۾ اها ئي آهي تہ جڏهن ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي اهو نظم لکيو هو. ماڻهو چون ٿا تہ ان وقت واقعي قمبر امبر هو. ۽ مون بہ ننڍپڻ ۾ ان قمبر جي هڪ جهلڪ پسي هئي، ڇو تہ منهنجو ڳوٺ بلڪل اولهہ ۾ دوست علي واري سڙڪ تي، 5 ميلن جي فاصلي تي هو ڳوٺ جو نالو هو ڪنڊيو خان بليدي. سڙڪ سڌي هئي پر جڏهن هڪ دفعو ان تان ڪا جيپ، بس، لاري لنگهي وئي تہ ڪلاڪ کن ڌوڙ جو طوفان برپا ڪري ويندي هئي، انهيءَ سڙڪ کي پار ڪندي جڏهن قمبر ناڪو ٽپبو هو تہ هيانءُ ٺري پوندو هو. وڏو ۽ ويڪرو پڪين سرن سان ٻڌل رستو نظر ايندو هو رستي جي ساڄي پاسي وڏيون ويڪريون جايون ۽ سيلر نظر ايندا هيا، کاٻي پاسي ننڍين ڪوٺين واريون جايون نظر ايندڙيون هيون، جن جي دروازن تي مايون هار سينگار ڪيون بيٺيون هونديون هيون ۽ ڪنهن ڪنهن جاءِ مان طبلي جي ٿاپ، هار مونيم جو آواز ۽ ڇير جو ڇمڪو ٻڌڻ ۾ ايندو هيو ان وقت عمر ڇهہ ست سال کن مس هوندي هئي. ان ڪري ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي پر پوءِ قوهہ جوانيءَ ۾ خبر پئي تہ اهو ڪوچہ جانان هيو جتي ’هاج‘ رهندي هئي. جنهن جي باري ۾ سيد حسام الدين راشدي پنهنجي ڪتاب ”هو ڏوتي هو ڏينهن“ ۾ سترنهن صفحا ڪارا ڪيا آهن. تنهن جي هڪ جهلڪ سندس لفظن ۾ پيش ڪجي ٿي:

”قمبر جو اهو ڪوچہ جانان، جنهن ۾ پاڻ رهندي هئي، نہ ڇڙو عاشقن لاءِ باغ بهار هيو بلڪ عاشقن کان ان جي بهار جو ڳالهيون ٻڌي، لاڙڪاڻي جي ديوان گيانچند کي پنهنجو باغ بي حقيقت معلوم ٿيندو هيو....هاج جڏهن پنهنجو بروج مشهده ڇڏي خوش و خرام ٿي ڪيڏانهن هلندي هئي تہ في الحال قمبر وارو ڪوچہ شهر، شهرِ خموشان ٿي ويندو هو..... ريل جتي اچي بيني، اتي زناني گاڏي اڳيان ڳاهٽ لڳي ويندا هيا، غريب غربو تہ ”اڙي هيءَ قمبر واري هاج ويني اٿئي.“ چئي اڳتي راهي ٿي ويندو هو ليڪن وڏيرا ان جڳهہ تي پهچي گل محمد ٻڌجي ويندا هيا، پوءِ ”زمين جنبد گل محمد نہ جنبد“بهرحال عين

انهيءَ وقت وڏيرن کي خارش اچي ڪٽنندي هئي، هڪ هٿ ميڇن ۾ ٻيو سٿڻ ۾، توبہ نعوذ باالله اها بدعادت کين ڏاڍي هوندي هئي.“

ننڍپڻ ۾ منهنجو چاچو غلام صديق، جنهن کي مان بابو منو ڪري سڏيندو هيم، سو سڌو ميونسپالٽي جي پاسي ۾ جمعي حجم جي دڪان تي وٺي ايندو هو

جمعو حجم پڇندو هو: ”رئيس! وار ڏاهيانس يا.......؟“

بابو منو وراڻيندو هو: ”بس سمجهي وڃ نہ.....!“

۽ پوءِ جمعي حجم جي پاڪي ۽ منهنجو مٿو هوندو هو . منٿن ۾ صفائي ٿي ويندي هئي. اتان پنهنجي ماماڻي گهر مکي محلي ۾ فوٽي مهر جي گهر وٺي ويندو هو جنهن جي زال مريم لپ تيل جي هٿي ٺوڙهہ چمڪائي بي بالم ڪري ڇڏيندي هئي، فوٽو مهر بابي مني کان حالن احوالن دوران ڏاڏي ڦتل جي باري ۾ پڇندو هو تہ پڦي ڪاٿي آ؟ تہ جواب ڏيندو هو ”لاڙڪاڻي!“ مون ڏانهن اشارو ڪندي چوندو هوا ”هن کي هتي ڇو نہ ٿو پڙهائين؟“ سندس مطلب هوندو هو تہ پڦيءَ کي هتي ڇو نہ ٿو رهائين.

بابو منو وراڻيندو هيو تہ:

”هڪ تہ هتان جو پاڻي سنو ناهي، ٻيو اتي پنهنجي جاڳهہ(جڳهہ) آهي. ٽيون تہ لاڙڪاڻي جي پڙهائي سٺي آهي.“

جيتوڻيڪ قمبر جي پڙهائي مشهور هوندي هئي، هتان جي ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي ۽ سندس سرڳواسي ڀاءُ مکي ڪيول رام بہ پڙهيا ها. ڪامريڊ سوڀو ٻڌائي ٿو تہ 1930ع ۾ قمبرشهر جو تعليم ۾ وڏو نانءُ هيو ۽ خاص ڪري ميونسپل اسڪول انتظامي ۽ تعليمي حساب کان مثالي هيو انهيءَ اسڪول ۾ ڪوآپريٽو اسڪول هلندو هيو جنهن کي هلائڻ لاءِ هر شاگرد کان سال ۾ هڪ رپيو ورتو ويندو هيو ان اسٽور کي هڪ شاگرد، هڪ استاد ۽ هڪ پٽيوالو هلائيندا هيا. جتي اسٽيشنري عام بازاري اگهن کان سستي اگهہ ۾ ملندي هئي، ڪامريڊ سوڀو اهو بہ ٻڌائيندو آهي تہ هو انهيءَ اسڪول ۾ چار سال پڙهيو. جتي روچي رام جهڙو قابل هيڊ ماستر هيو ڪشنچند ۽ نوازش صاحب جهڙا سخت محنتي استاد هيا. جيڪي شاگردن کي مفت ٽيوشن پڙهائيندا هيا. بابو منو دراصل ايريگيشن ڊپارٽمينٽ ۾ ”B“ ڪلاس جو ٺيڪيدار هيو ان ڪري ڪيس هر ٻي ڏينهن تي لاڙڪاڻي اچڻو پوندو هيو. تنهن ڪري مونکي بہ پرائمري تعليم لاهوري محلي جي پي سي اسڪول ۾ وٺي پئي، ۽ سيڪنڊري تعليم، گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾.

1978ع ۾ مون جڏهن پهرين ملاقات ۾ اهو پس منظر محبت علي ٻرڙي کي ٻڌايو جيڪو 25 مارچ 1952ع ۾ قمبر ۾ڄائو هيو. پرائمري تعليم مين پرائمري اسڪول ۾، سيڪنڊري، ميونسپل هاءِ اسڪول قمبر ۾ پڙهيو ته هو حيران ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو:

”جيڪڏهن تون قمبر ۾ پڙهين ها ته پنهنجي ياري انهيءَ زماني کان هجي ها. پر تون باءِ پاس ڪري لاڙڪاڻي هليو وئين. اهو ڪم صحيح نه ٿيو ڇو ته اسان جي زماني ۾ به قمبر جي پڙهائي سٺي هئي.“

اها اسان جي پهرين ملاقات سندر خوبچنداڻي جي توسط سان ٿي، جيڪو ان زماني ۾ عوامي تحريڪ جي سنڌي شاگرد تحريڪ (S.S.T) جو سرگرم ڪارڪن هيو. سنڌ يونيورسٽي ۾ داخلا ورتائين ته سندس پاءُ ڪيلاش خوبچنداڻي جيڪو لائيف انشورنس ۾ ڪم ڪندو هيو ۽ لاڙڪاڻي جا ڏاند ڏهندو (واپارين جي انشورنس ڪندو) هيو. تنهن جي سلامن ڪلامن تي هو منهنجي روم نمبر 49 انٽرنيشنل هاسٽل ۾اچي رهيو هو. ان سان گڏ پنهنجي پاڙيسري ۽ راند روند واري دوست اشتياق انصاريءَ جو پاءُ اخلاق انصاري به اتي آيو هو. منهنجو به ايم اي سوشيالاجي جو فائينل ايئر هو پهرين سال ته منهنجو به گوشه نشيني وارو سال هو. ٽن بسترن واري ڪمري ۾ اڪيلو رهندو هيس. جو ٻن بسترن جي الاٽمينٽ پنهنجي هم ڪلاسي دوست جان محمد رند ۽ ان جي پاءُ صاحب خان جي نالي تي ڪرائي ڇڏي هيم. پر هنن ٻن نوجوانن جي اچڻ ڪري روم نمبر 49 ۾ رونق اچي وئي، ۽ گهما گهمي وڌي وئي.

پهرين ملاقات سڄي رات هلي، جنهن ۾ سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن ۽ انهن جي حل بابت بحث مباحثا ٿيا. جيڪي ان زماني ۾ شاگردن جي مٽي جو سور هيو. جيڪا ڳالهه ڏاڍي نئين ۽ نرالي هئي، اهو هيو سندر خوبچنداڻي جو دلچسپ سوال ته دنيا جي مسئلن تي ڪير وڌيڪ ڄاڻ رکي ٿو ذوالفقار علي ڀٽو جي ايم سيد، يا رسول بخش پليجو؟

محبت جو جواب هيو: ”اها دعويٰ ئي عجيب آهي ته ڪو فلاڻو عقلِ ڪُل آهي.“ سندس چوڻ هو ته هر ماڻهو 98 في صد اڻ ڄاڻ ۽ جاهل آهي، مون کي مخاطب ٿي چيائين:

”اوهان سوشيالاجي پڙهي رهيا آهيو پر مون کي سوشيالاجي جي نالي ماتر ڄاڻ آهي، ان جو مطلب ته مان ان شعبي ۾ اڻڄاڻ آهيان. آءٌ جي اينااتامي تي دسترس رکان ٿو ته ان شعبي ۾ اوهان کي گهٽ ڄاڻ هوندي، وري اسان ٻنهي کي پنهنجن پنهنجن شعبن جي اها ڄاڻ ڪونهي ته اجوڪي ڏينهن ۾ اسان جي شعبن ۾ ڪهڙا سڌارا ۽ واڌارا آيا آهن. ان ڪري اسان کي انساني سماجي ترقيءَ لاءِ گڏيل سمجهه کي ڪتب آڻڻ گهرجي، هڪ ٻئي کان سکڻ واري فارمولي تي عمل ڪرڻ گهرجي، حقيقتن جو جائزو دليلن

۽ ثبوتن جي بنياد تي ونڻ ڪپي، تہ جيئن ڪا سٺي سماجي تبديلي يا انقلاب آڻي يا برپا ڪري سگھجي.“

اھا ڳالھہ محبت جي مون کي نئين ۽ اڻ ڏري لڳي، نہ تہ ان زماني ۾ ھر ڪو پنھنجي اڳواڻ کي عقلِ ڪل، قائد عوام، مھا ڏاھو ۽ عظيم رھبر ڪري پيش ڪندو ھو. محبت جيئن تہ لياقت ميڊيڪل ڪاليج جو شاگرد ھو ان ڪري ھن ايل ايم سي ھاسٽل اچڻ جي دعوت ڏني، مان، سندر خوبچنداڻي ۽ ھڪ نوجوان مشتاق شابراڻي سان گڏ سندس روم تي پھتاسي، تہ اتي ظفر اجڻ ۽ فاضل راھو بہ ويٺا ھيا. محبت منھنجو تعارف ڏاڍي سٺي انداز سان ڪرايو جڻ تہ مان ڪوئي مشھور ماھرِ عمرانيات ھيس ۽ انھن پنھي جڻن بہ منھنجي سٺن لفظن سان آجيان ڪئي.

جيئن تہ اھا نجي ڪچھري ھئي، جنھن ۾ ذاتي ڳالھيون، ھيڏانھن ھوڏانھن جا حال احوال ۽ ان سان گڏ عام سياسي نقطہ زيرِ بحث آيا، انھيءَ دؤران محبت پرڙي عام مھمان نوازي ڪان ھٽي ڪري سيڻ کي ماني ڪارائي ڇڏي.

مان ان ڏينھن ڪان محبت جي ”محبت“ جي گھرائي جو اندازو ڪيم. جڏھن تہ اڳوات ئي ھن مون کي پنھنجو مسڪيني حال ڳالھين ڳالھين ۾ ٻڌائي ڇڏيو ھيو پر سچ پچ تہ محبت دل جو امير ھو ۽ پوءِ مان بہ محبت کي لاڙڪاڻي ميس ۾ گھرائي ماني ڪارائيندو ھئس، لاڙڪاڻي ميس جو مينيجر بشير شاھاڻي ھوندو ھو، جيڪو جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو صدر ۽ منھنجو ذاتي دوست ھيو، اھو محبت ۽ مون کي ڏسي کلي چوندو ھو:

”منظور لڳي ٿو تہ تون عوامي تحريڪ جو ايجنٽ آھين ...! تون سنڌ يونيورسٽي مان جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن وارن جي تڏا ويڙھہ ڪرائيندين.“

مان بہ کلي وراڻيندو ھيو مانس: ”انشاءَالله ايئن ئي ٿيندو.“

پر حقيقت اھا ھئي تہ محبت پرڙي مون کي ڪڏھن بہ ايئن نہ چيو يا زور پريو تہ آءٌ ڪو سندس تنظيم جو ميمبر ٿيان، ڇو تہ ھن کي خبر ھئي تہ مان اسپورٽس جي عشق ۾ گرفتار آھيان، ان ڪري جيڪو بہ واندڪائي وارو وقت ملندو ھيو تہ حيدر بخش جتوئي پويلين تي وڃي فزيڪل ايڪسرسائيز ڪندو ھئس، شاٽ پٽ اڇليندو ھئس يا جيولن ٿرو پيو ڪندو ھئس پر ھن جي اھا خواھش ھوندي ھئي تہ منھنجي ساڻس ملاقات ھفتي ۾ ھڪ دفعو ضرور ٿئي، ۽ ٿيندي ھئي، توڻي جو محبت ھڪ مخصوص سياسي ڏر سان سلھاڙيل ھو پر ھڪ ٻئي کي ڏسندي جڻ دل کي دل جي ڪشش ٿيندي ھئي، جي ڪچھري ڪبي ھئي تہ خوب ڪبي ھئي، پوءِ اھا سياست ھجي يا فلاسافي، تاريخ ھجي يا آثارِ قديم.

عالمي ادب هجي يا سنڌي ٻولي، ناٽڪ هجي يا رانديون، مان ڪڏهن ڪڏهن تہ حيرت ڪائيندو هئس جڏهن محبت سوشيالاجي جي ڏکين موضوعن ۽ اصطلاحن تي ڳالهائڻ شروع ڪندو هيو. خاص ڪري Criminology ۽ Social psychology تي. پاڻ ڪڏهن ڪڏهن لاڙڪاڻي ميس تي منجهند جو ماني لاءِ ويناسين، ماني تہ اڌ ڪلاڪ ۾ پوري ٿي ويندي هئي، ڳالهائيندي ڳالهائيندي سڄ لهي ويندو هو تہ رات جي ماني بہ اتي ئي ڪائيندا هئاسين. ۽ پوءِ وري محبت بلاڪن واري هاسٽل ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ جي ميمبر مشتاق شابراڻي سان وچي پنهنجي مخصوص سياسي ڪچهري ڪندو هو.

1978ع تائين پنهنجون ملاقاتون رهيون. جو پنهنجو هڪ سال آمر ضيا سنڌ جي سمورن تعليمي ادارن کي 9 مهينا بند ڪري وڇايو اهڙي طرح سنڌي شاگردن کي هر حوالي سان پنتي ڌڪي ڇڏيو ان دؤران ڳوٺ ڏانهن ايندي ويندي قمبر مان گذر ٿيندو هو تہ ملاقات ٿي ويندي هئي. جڏهن ڊاڪٽر محبت برڙو آرمي جو ڪيپٽن ٿي ويو ۽ مان گذر سفر جي حوالي سان پهرين پرائيويٽ ۽ پوءِ سرڪاري نوڪريءَ جي شڪنجي ۾ اڙيس تہ ملڻ جلڻ وارو سلسلو ختم ٿي ويو ايتري قدر جو مون جڏهن سنڌ جي شهرن ۽ انهن جي مسئلن تي مضمون لکڻ شروع ڪيا ۽ خاص ڪري جڏهن قمبر تي لکڻ جو سوچيم تہ محبت ڏاڍو ياد آيو.

سال 1994ع اپريل جو مهينو هيو. ڪيميرا ۽ نوٽ بڪ کڻي قمبر ۾ هڪ اڌ ماڻهو کان پڇيم تہ خبر پئي تہ محبت قمبر ۾ آهي ۽ لطيف ڪلينڪ ڪولي اٿس. پڇائيندي پڇائيندي پندرهن منٽن ۾ پهچي ويس. ڪلينڪ ۾ اندر گهڙيس تہ ڏٺم، محبت ويٺي ڪجهہ لکي رهيو هيو. ڏسندي ئي سڃاتائين:

"ڪاٿي آن منظور ياءُ؟"

اهو ساڳيو سوال منهنجو بہ هو. بس پوءِ هر ڪنهن پنهنجي وارتا ٻڌائي. نہ ملڻ جي تشنگي جو احساس ڏياريو باقي هڪ ٻئي سان ڪي شڪايتون ۽ ميارون تہ هيون ڪو نہ. جو ڏجن ها.

ٿوري دير کان پوءِ جامي چانڊيو، سرمد چانڊيو ۽ ہہ ٽي ٻيا دوست بہ اچي نڪتا. انهيءَ جي دؤران محبت وٽ هڪ مريضہ آئي، سا بہ ڪراڙي ۽ نبل. تنهن کي ڏنائين تہ ان چيس: "ابا مان غريب آهيان، مون وٽ پيسا ڪونهن." محبت وراڻيو: "امان ڪائي ڳالهہ ڪونهي! بس تون هيءَ دوا وٺي کاءُ، ٺيڪ ٿي ويندينءَ." مريضہ پرچي وٺي چيو: "جڏهن پيسا ٿيا تہ دوا وٺنديس." محبت چيس: "امان دوا سستي اٿئي 20 روپيہ مس لڳنديءِ."

”ابا 20 روپيہ بہ ڪونھن.“ محبت ڪيسي مان 20 روپيہ ڪڍي مريضہ کي ڏنا. ”ها امان وٺ.“ ان وقت مون سوچيو: ”هن يار جو جهان ڪيئن هلندو هوندو؟“ خير حال احوال ٿيا، مون اچڻ جو مقصد ٻڌايو تہ قمبر تي مضمون لکڻ چاهيان ٿو انفارميشن کپي. وراڻيائين:”کوڙ انفارميشن، پهريان ماني کائون.“

ٿوري دير کان پوءِ ماني آئي. ماني کائي قمبر گھمڻ نڪتاسين. مرلي ٽاڪيز جي سامهون واري روڊ کان شهر طرف اندر گهڙياسين، اڳ ۾ ولايت راءِ جي دربار گھمي سين. ان کان پوءِ ان هنڌ اچي پهتا سين، جتي ڪنهن زماني ۾ سڪو تلاءُ هو، ۽ چيو وڃي ٿو تہ ٻيڙيون اتي اچي ٻڌنديون هيون. اهو تلاءُ جهڙو ڪر قمبر جو ننڍڙو بندر هيو. سرمد چانڊيو اتي بيهي ڪري قمبر جي قدامت بابت ٻڌايو. محبت برڙي وري سڪي تلاءَ جي سامهون اولهائين ڏاڪڻي ڪنڊ ڏانهن اشارو ڪندي چيو.”هتان اصلوڪو قمبر شروع ٿئي ٿو جنهن جي لاءِ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي نظم ۾ واضح اشارو آهي،

اعليٰ دماغ ماڻهن لاءِ، خوب هي جڳهہ آهي،
آهي ٻڌل ڊڙي تي، عالي مقام قمبر.

پوءِ اعليٰ دماغ ماڻهن (محبت، جامي ۽ سرمد) عالي مقام قمبر سڄ لٿي تائين ايئن گھمايو جو منهنجو مضمون ”قصو قمبر علي خان جو“ مڪمل ٿي ويو ۽ ’سنڌ سجاڳ‘ جي آگسٽ 1994ع جي پرچي ۾ڇپيو. جنهن ۾ قمبر جي قدامت کان وٺي موجوده حالت ۽ سندس مسئلن بابت اپٽار ٿيل هئي، اها بہ خبر پئي تہ قمبر واسين خاص ڪري پاٽي نيڪاس ۽ روڊن رستن جي حل لاءِ سٽيزن ڪاميٽي جوڙي هئي، ان حوالي سان هر مهيني هو لاڙڪاڻي ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪمشنر آڏو مسئلا کڻي ويندا هيا ,پر سندس چوڻ هو تہ سٽيزن ڪاميٽي جا آواز صدا بہ صحرا ثابت ٿي ويندا هيا، ڇو تہ قمبر جي نام نهاد سياسي سردارن/اڳواڻن ڪڏهن بہ پنيرائي نہ ڪئي.

پر محبت برڙو ڪڏهن بہ مايوس نہ ٿيو هن قمبر شهر ۾ علم، ادب ۽ شعور جي شمع روشن رکي، جنهن جي نتيجي ۾ قمبر جا ڪيترائي نوجوان مستفيض ٿيا. منهنجو بہ جڏهن ڳوٺ اچڻ وڃڻ ٿيندو هيو تہ محبت سان ملاقات ضرور ٿيندي هئي، مونکي انهيءَ دؤران خبر پئي تہ محبت برڙي کي سنڌي ٻوليءَ تي بہ وڏي دسترس حاصل آهي، ان حوالي سان سندس مضمون نهايت گهرائي ۽ وسعت رکندڙ هيا. هن وٽ سنڌي انسائيڪلو پيڊيا جي حوالي سان بہ هڪ وڏي رٿابندي ٿيل هئي، سندس ڳالهين ۾ هر دفعي هڪ انڪشاف ۽ نئين ڳالهہ هوندي هئي، هڪ دفعي هن سنڌي ٻوليءَ جي هڪ پد وارن لفظن تي ڳالهايو جيئن مثال ”گه“ آهي تہ اهو طاقت، قوت ۽ تيزيءَ کي ظاهر ڪري ٿو. ۽ پوءِ سنڌي جي نج لفظن ”سگهو“ ۽ ”اگهو“ تي ڳالهائيندو رهيو. ان مان اندازو ٿيندو هيو تہ ذهني طور تي هو ڪيڏو نہ امير

هيو پر اها بہ خبر پئي تہ ان عرصي دؤران هن جيترو علم ۽ ادب جي واڌاري لاءِ سوچيو. اوترو پنهنجي معاشي حالتن جي بهتري لاءِ نہ سوچيو پوءِ بہ معاشي ڪسمپرسي جي حالت ۾ هن پاڻ کي چومکي جيان جلائي چوڌس روشني ڦهلائي. سندس ان روشنيءَ جو نتيجو آهي جو اڄ بہ سندس دوست ياڻو درمحمد ٻرڙو سندس ننڍو ڀاءُ رياضت ٻرڙو ۽ ٻيا ڪيترائي سندس ٻاريل شمع جي جوت مان جوت جلائيندا اچن ٿا.

هن شخص وٽ جيتري خيال آرائي ۽ تحقيقي جستجو هئي، مون سنڌ ۾ ڪنهن بہ هم عصر وٽ ڪو نہ ڏٺي.

25 مارچ 1997ع تي پنهنجي آخري ملاقات لاڙڪاڻي ۾ سعيد ميمڻ جي اسپورٽس واري دوڪان، جناح باغ لڳ ٿي، مان دوڪان تي سعيد ميمڻ سان ڪچهري پئي ڪئي، ڊاڪٽر محبت تي نظر پئجي وئي، زور سان سڏ ڪيو مانس: "ڊاڪٽر صاحب !" مون ڏانهن ڏٺائين، وڏي آيو ياڪر پاتائين. حالي احوالي ٿياسي، چانهہ جي لاءِ چيومانس تہ چيائين "تڪڙو ڪم آهي، سول اسپتال ۾." مون چيو: "ڪم لاهي، منهنجي گهر اڄ ۽ منهنجي ماني کاءُ!" وراڻيائين "هڪڙو قمبر جو مريض آهي، ان جي پارٽ سفارت کان پوءِ واپس ورڻو آهيان." مون چيو "سوال ئي نہ ٿو پيدا ٿئي تہ آءٌ توکي ماني کارائڻ کان سواءِ ڇڏيان." پر محبت ٻانهون ٻڌندو رهيو ۽ چوندو رهيو "ٻي دفعي...! حاضر....! ٻي دفعي....!"

ان ڏينهن منهنجي دل نہ پئي چاهيو تہ محبت کي ايئن ڇڏيان، ڏاڍا ايلاز ڪيا مانس پر الائي ڪهڙي تڪڙ هئس، جو چانهہ بہ نہ پيتائين.

۽ پوءِ 8 اپريل 1997ع تي اوچتو سندس دل ٻيهجڻ جي خبر پئي تہ هڪ وڏي ۽ آخري ملاقات جي حسرت رهجي وئي.

هي قمبر شهر جو ڪٺهار ۽ ڪُندار جڏهن پنهنجي علمي قد ۽ بت سان اڄان اسريو مس تہ ايئن لڳو جڻ ڪنهن نسريل ٻُني جيان ٽڙڪي پيو جنهن جو اڄ ڏينهن تائين ارمان آهي.

**

افضل قادري: محنت ڪش ۽ معزز دوست

شاعر يا اديب لاءِ هڪ رويو اهو به جڙيل آهي ته شاعر يا اديب نڪمو يا غير ذميوار ٿئي ٿو ۽ شاعري انسان کي ڇڙواڳ بڻائي ٿي. ٻيو رويو اهو آهي ته شاعر يا اديب ماڻهن کي ناواقفيت جي ننڊ مان بيدار ڪري ٿو.

جيتري قدر ياد ٿو اچي ته شام جو وقت هو. سال 1975ع جي پڇاڙي هئي، مون کي به هِن هُن کان خبر پئي ته لاڙڪاڻي شهر جي محلي علي گوهر آباد ۾ ڪچي جاءِ جي ڪوٺي تي، وچايل تڏن مٿان ”روح رهاڻ ادبي سنگت“ جون تنقيدي گڏجاڻيون ٿينديون آهن. انهن ئي ڏينهن ۾ مون به هڪ ڏينهن وڃي شرڪت ڪئي. گڏجاڻي هلندي ويٺلن جو پاڻ مرادو تعارف ٿي ويجي ٿو هي شوخ طبع ۽ ڳالهائڻ ۾ پڙ سليم ڪورائي آهي، هي احتياط سان هر لفظ ادا ڪرڻ وارو رزاق مهر آهي، هي درد ۾ ٻڏل واجد ناز آهي، هي سنجيده طبيعت ممتاز ابڙو آهي، هي سمانو ليکڪ زيب سنڌي آهي، هي کل مک ۽ خوش مزاج افضل قادري آهي. انهيءَ زماني ۾ ”روح رهاڻ ادبي سنگت“ جي، لاڙڪاڻي جي ادبي ماحول ۾ هاڪ هئي، هيءَ ادبي سنگت اهڙن نوجوانن تي مشتمل هئي جيڪي ادبي شوخ پٽي ۽ ارڏائپ جي ڪري مشهور هئا. مان به ان ادبي سنگت جو پهريان ميمبر، پوءِ سيڪريٽري ۽ آخر ۾ صدر بڻيس. انهيءَ ادبي سنگت جي حوالي سان ملڪ آڪاٽي، ڪيهر شوڪت، ۽ ٻين ڪيترن ئي اديبن ۽ ادب دوست ماڻهن سان ملاقات ٿي. روح رهاڻ ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ اهي ڇتا بحث ٿيا، جو جيڪڏهن انهن تي لکجي ته هڪ دبستان ٺهي سگهي ٿو ۽ شايد اهڙن بحثن جو نتيجو نڪتو. جو ان ادبي سنگت جا 9 ميمبر صاحبِ ڪتاب بڻيا. افضل قادريءَ جي تنقيد جو انداز به نرالو هوندو هيو. سنڌس تڪيه ڪلام هوندو هيو لانڍ سان ”ادا!!“ چوڻ. پهريان نهايت عزت و احترام سان لقب القاب ڏئي پوءِ ليکڪ جي لاک لاهيندو هيو. مڙندو ڪنهن کان به نه هو پوءِ پل اُهي گهاتا يار ڇو نه هجن. هڪ دفعي سليم ڪورائي پنهنجي ڪهاڻي پڙهي، افضل قادري ڪجهه هيئين ريت تنقيد ڪيس:

”ادا، سليم ڪورائي عظيم ڪهاڻيڪار آ. سندس ڪهاڻي به ظاهر آ عظيم هوندي، پر مون کي سنڌ جو قسم ته ڪهاڻي سمجهه ۾ نه آئي، گهٽ ۾ گهٽ ايتري سولي ڪهاڻي ته لکي، جو مون جهڙي سادي ماڻهوءَ کي به سمجهه ۾ اچي. باقي سليم ڪورائي جي ڪهاڻي ۾ رواني ڏاڍي هئي.“

ان زماني ۾ مان به ٿوري ٿڪي شاعري ڪندو هئس مون هڪڙو شعر پڙهيو ان ۾ هندي لفظن جي ڀرمار هئي، افضل قادري نهايت مودبانه انداز ۾ تنقيد ڪندي چيو:

” ادا! منظور اسان جو گهڻ پڙهيو دوست آهي، الله سندس علم ۾ اضافو ڪري. سندس نظم زبردست هيو مگر اسان جي ڪيس هڪ گذارش آهي ته سنڌيءَ ۾ به شاعري ڪري ته جيئن اسان جهڙا گهٽ پڙهيل دوست به ڪيس سمجهي سگهن.“

سليم ڪورائي ۽ مون مان به جڏهن نه مڙيو ته باقي ٻين مان ڪهڙو مڙيو هوندو. هڪ دفعي شيخ اياز جي ڪنهن شعر تي به شاعري ۾ تنقيد لکي آيو. انهيءَ شعر ۾ اياز ڪو ” پپر پيلا گل“ ڪري لکيو هيو. جنهن جي جواب ۾ افضل لکيو هيو:

” پپر پيلا گل ٽيندا ناهن، او ڪويا!“

افضل جي هڪ خوبي اها به هئي ته سندس ظرافت جو انداز نرالو هيو. محرم جا ڏيهاڙا هجن، سليم ڪورائي، رزاق مهر، واجد ۽ مان گهمندي ڦرندي سندس گهر پهتاسي. اهو اوهان کي ٻڌائيندو هلان ته روح رهاڻ جي آفيس، افضل جي گهر جي مٿان تهيل هوندي هئي. جنهن کي هڪ ننڍڙو آڳر ۽ به ڪمرا هوندا هيا. اسان روح رهاڻ جي آفيس ۾ ساٽس ڪچهري پئي ڪئي سي ته اوچتو ڪيس ڪجهه ياد پيو. اسان کي اٿاريندي چيائين:

” ادا، اسان جي پاڙي جي پارڪ ۾ اڄ مولا جو نياز آ، هلو ته هلي کائون.“

اسان نٽايوسي، پر سندس زور ڀرڻ تي هلي پياسي، پهتاسي ته واقعي نياز هلي رهيو هيو پر ماڻهن جي وٽ سٽ لڳي پئي هئي. افضل پري کان نياز ورهائيندڙن کي سڏيو پر ايڏي گوڙ ۾ ڪير ٿو ٻڌي؟ 15 منٽ کن انتظار ڪيوسي ۽ پوءِ هلڻ جي ڪئي سي ته افضل قادري اسان کي روڪيندي چيو:”آخري ڪوشش ڪرڻ ڏيو“ افضل قادري انهن کي زور سان رڙ ڪندي چيو: ”ادا! پنج سيد بيٺا آهيون. ڪجهه ته خيال ڪيو. ڪربلا ۾ به سيدن کي مسلمانن ڏاڍو انتظار ڪرايو هتي به انتظار ٿا ڪرايو!؟“ نياز ورهائيندڙ ٽن مان هڪڙي همراهه ڪيس سڃاڻيندي چيو:” ادا، توهان ته دايا قادري آهيو سيد ڪڏهن کان ٿيو؟“ افضل قادري هڪدم وراڻيو: ”ها ادا! ٿورا ٿورا دايا به آهيون.“ اسان سڀن کان ٽهڪ نڪري ويا. نياز ورهائيندڙ به کلي وينا. هڪدم اسان آڏو ٿالهين ۾ نياز (پلاءُ) وجهي ڪٽي آيا.

سليم ڪورائي ڪلاڪار پبليڪيشن ڪيڊي ته رزاق مهر نئين دنيا ۽ ان کان پوءِ ممتاز ابڙي ڪلا پبليڪيشن.

روح رهاڻ ادبي سنگت ۾ واجد ۽ افضل جي نوڪ جهونڪ هلندي هئي. افضل پاڻ مٿان ٿيل تنقيد تي ڏينهن کان پوءِ وساري ڇڏيندو هو پر واجد ان جو گهرو اثر وٺندو هيو ۽ مهينو کن ان جو ردعمل ڏيکاريندو هيو. ان سبب ڪري، واجد هڪڙو مضمون لکيو. جنهن ۾ افضل قادري سان گڏ ڪراچي

تائين سفر جي ڪتا هئي ۽ ان ڪتا ۾ ڪجهه افضل تي هلڪي سلڪي ڪاوڙ جو اظهار به هيو. اهو مضمون جڏهن ڇپيو ته هڪ ڏينهن سندس سائيڪلن جي دوڪان تي ممتاز ابڙو آيو ته افضل چيس:

”ادا خبر پئي آهي ته تنهنجي ڪلا پبليڪيشن ۾ منهنجي خلاف مضمون ڇپيو آهي؟“

ممتاز وراڻيو: ” ادا مان ڇا ڪيان، واجد زور ڀريو ته ڇاپڻو پيو.“

افضل ڏاڍي پياري انداز ۾ چيس:

”هُن ته ڪٽي مضمون لکي ڇائي پاتي پر تو به ته ڇاپي ڊوڙ پاتي نه ادا؟“

ممتاز ڪجهي پت ڪيچي، ٻين کي چوندو وتي، ”يار مان جنڊ جي ٻن پڙن ۾ اچي ويس.“

افضل ڏاڍو ڏکيو ماڻهو به هيو ڪڏهن ڪڏهن اهڙي ڳالهه ڪندو هو جو اڳلي ماڻهوءَ جا ٽپ ٽاري ڇڏيندو هيو. روح رهاڻ ادبي سنگت ۾ هڪڙو اسان جو ميمبر اشفاق منگي به هيو ان جي والد صاحب سچل منگي جي ايمپائر روڊ تي هيئر ڪٽنگ سيلون هوندي هئي، ادبي لڏي جا ماڻهو اڪثر ڪري سندس دوڪان تان وار ٺهرائيندا هيا. سچل منگي نهايت سلجهيل ماڻهو هيو. ڏاڍي فضيلت سان ڳالهائيندو هيو. پر اهلِ تشيع هئڻ جي ناتي پنهنجي مسلڪ/ فرقي جو پرچارڪ به هيو مان وار ٺهرائي رهيو هيس، افضل ۽ ٻيا دوست وينا هيا، سائين سچل منگي چوڻ لڳو:

” اوهان اديب آهيو تنهن ڪري توهان جي مٿان فرض آهي ته حق جي ڳالهه ڪيو ۽ برملا ڪيو جي اوهان گڏجي صرف ” باغ فدق“ واري مسئلي تي پنهنجي راءِ زني ڪيو ته سڀ معاملا پٽ پڌر تي ويندا.“

افضل وراڻيو ”سائين، مان توهان کان هڪڙي ڳالهه ٿو پڇان ته حضرت علي سائين عرب هيو ۽ مڪي جو هيو يا نه؟ “

” ها هيو!“ سچل منگي وراڻيو.

” ۽ حضرت عمر رضہ به عرب ۽ مڪي جو هيو يا نه؟“

” ها هيو“

”ٻئي هڪ ئي استاد جا شاگرد يعني حضرت محمد ﷺ جي نظريي اسلام جا پيروڪار هيا يا نه؟“

” ها هيا.“

” ته پوءِ سائين سچل صاحب! هڪ قوم جا، هڪ شهر جا، هڪ نظريي جا ماڻهو قيامت ۾ هڪ ٻئي سان ٺهي وڃن، ته تنهنجي منهنجي منهن ۾ ڇا رهندو؟ پاڻ بابا ڏتڙيل قوم جا ماڻهو آهيون، ان ڪري پاڻ

ڪي سنڌي قوم جي مسئلن تي سوچڻ گهرجي. اڄوڪن مسئلن تي سوچڻ گهرجي ۽ عملي جدوجهد ڪرڻ گهرجي. جيڪو مسئلو 14 سؤ سال پراڻو آ. ان کي تون ۽ اسان ڪاڏنهن حل ڪنداسين ...!“

پوءِ ته افضل اهڙو ڪرو ۽ سڏو ڳالهايو جو سائين سچل منگي ڪڏهن به ان موضوع تي اسان سان نه ڳالهايو جي ڳالهائيندو هيو ته سنڌ جي مسئلن تي.

افضل وٽ جڏهن ڇڳو پلو شاعري جو مواد ڪنو تي ويو ته ڪيس ڪتاب ڇپرائڻ جو خيال ٿيو ان وقت 150 صفحن جو ڪتاب اداائي تي هزار روپيا ڪائيندو هيو. مون ڪيس 200 روپيا ڏيڻ جو واعدو ڪيو 1000 روپيا پاڻ گڏ ڪيا هيائين باقي. پندرنهن سؤ ڪن گهربل هيس. ان ڪري پريشان رهندو هيو هڪ ڏينهن ڪيبن تي وينو هيو مان به بينچ تي ساٿس ڪچهري پئي ڪئي. سيد مظفر حسين شاه. جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن سان سلهاڙيل ۽ لاڙڪاڻي جو مشهور قوم پرست اڳواڻ/ڪارڪن هيو سو ٽانگي تي چڙهيو پئي ويو. تنهن کي ڏسي زور سان چيائين:

” او سائين مظفر شاه! سنڌ جو قسم اٿئي ٽانگي تان لهه. اڄ قوم کي توکان حساب وٺڻو آ.“

مظفر شاه هڪدم لهي پيو. ٽانگي واري کي ڪرايو ڏنئي. افضل وٽ آيو افضل چيس:

” ادا! مظفر شاه! هن ويهين صديءَ ۾ هڪڙي جي ايم سيد کان سواءِ باقي سڀني سيدن سنڌ کي لٽيو آ.“

مظفر شاه وراڻيو: ” پوءِ سڀني سيدن جو حساب مون کان وٺندين ڇا؟“

” ها بابا! پهريان توکان وٺبو پوءِ ٻين کان ......“

” پوءِ قوم حاضر آ.“ مظفر شاه وراڻيو

” بابا سائين. هڪڙي غريب قومي شاعر جي ڪتاب ڇپرائڻ جو مسئلو آ... ان کي اوهان ڏن ڏيو ته ڪتاب ڇپجي. باقي قيامت ۾ ته اوهان به اسان کي ڪونه ڇڏائيندؤ اها پڪ آ.“

مظفر شاهه چوڻ لڳو: ”اسان سڄي دنيا کان ڏن وٺئون. تون وري اسان کان وٺين. هيءَ ڪا شرافت آ ...!؟“

پوءِ افضل ۽ مظفر شاه جي پوڳ نڪاءَ واري ڪچهري هلندي رهي. افضل. مظفر شاه سان ڏاڍو حجاٿتو هيو افضل جا پوڳ چرچا ۽ نمريون اکين تي رکي ڇڏيندو هيو ۽ پوءِ خبر پئي ته بقايا پئسا مظفر شاه ڏنا.

شاعريءَ جو ڪتاب ”ٻريا رنگ رتول“ ڇپجڻ لڳو پيش لفظ سليم ڪوراٽي کان لکرايائين. ۽ پس لفظ مون کان. اِهو ڪتاب 8 مئي 1977ع ۾ ڇپيو. جنهن ۾ منهنجو لکيل پس لفظ هيٺين ريت هيو:

”افضل قادري منهنجو دوست آهي ۽ دوست بہ دوستن جهڙو. مان سچي دوست لاءِ رت ست ڏيڻ وارو آهيان. سنگت ۾ ’وِهُہ بہ اتي تہ گِهہ بہ‘ اتي واري ڳالهہ ڪي ورجائيندو آهيان. ظاهر آهي تہ جيڪڏهن مان افضل لاءِ پنهنجا جذبا ظاهر ڪيان ۽ اهي جذبا ٻين لاءِ پل تہ رس پريا ۽ چس پريا نہ هجن. پر پوءِ بہ مان پريشان نہ ٿيندس. ڇو تہ اهو منهنجو فطري جذبو هوندو. جيڪو هڪ دوست جو ٻي دوست جي لاءِ هوندو آهي. پر چوندا آهن تہ ”لٺ ڪٽجي پاڻ ڌانهن ڳالهائجي الهہ لڳ“ جڏهن بہ اهو حق سچ جو سوال سامهون ايندو تہ پنهنجي دوستي واري جذبي کي پاسيرو رکي پروڙڻو پوندو تہ منجهس ڌانءُ، ڌات، ۽ سچائي ڪيتري آهي. وڏيڪ توهان سڄاڻ پڙهندڙ انصاف ڪري سگهندؤ تہ مان رڳو دوستيءَ جو حق نڀايو آهي يا ان سان گڏوگڏ مٿائنس ڪجهہ ناقدانہ نظر بہ وڌي آهي.

پهريون پهريون سوال جيڪو منهنجي ذهن ۾ هورا ڪورا مچائي ٿو تہ، مان پهريائين افضل جي شخصيت تي ڳالهايان يا شاعريءَ تي، جڏهن تہ منهجي نظر ۾ ٻئي پهلو اهم آهن. بهرحال مان پهريائين افضل جي شخصيت تي ڪجهہ روشني وجهان ٿو ۽ سندس شاعري تي پوءِ. ڇو تہ شخصيت جو اثر لکت تي نمايان هوندو آهي.

هونئن بہ افضل جي شخصيت جي باري ۾ جيترا وات، اوتريون ڳالهيون. افضل جي شخصيت جو اثر مختلف ماڻهن تي مختلف نموني سان پيو آهي، سو ڪوهن ۽ ماڻهن جا وات ڪير بند ڪري؟. ڪن جي نظر ۾ افضل قادري ڪهاڙي باز، ڪن جي نظر ۾ جذباتي شاعر.

حقيقت ۾ مون کان پڇو تہ منهنجي نظر ۾ سڀ ڪجهہ آ. يعني مڪمل انسان. مڪمل انسان جي وصف بہ منهنجي نقطي نگاهہ کان اها آهي تہ جنهن ۾ گڻ ۽ اوگڻ ٻئي هجن.

افضل جي هر روپ کي ظاهر ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ڇو تہ افضل جنهن سماج ۾ رهي ٿو ان سماج ۾ هر انسان جي شخصيت پر پيچيده آهي.

هن دودي سنهڙي ڳوٺ کان وٺي، لاڙڪاڻي شهر تائين جيڪو سفر ڪيو آهي، سو ڏاڍو ڏکيو ڪيو آهي. هن يار جي شخصيت تي ٻهراڙي ۽ شهري جيون جو چٽر چڱيءَ طرح چٽيل آهي. هن ٻهراڙيءَ جي پيڙهيل هاري ۽ مڇن وٽيل وڏيري کان وٺي شهر جي ٿي ٻي ورتل مزدور ۽ وڏي دنب واري سرمائيدار کي چڱيءَ طرح چٽائي ڏنو آهي، جنهن ڪري ڪيس هاري ناري ۽ محنت ڪش مزدور جي مسئلن جي چڱي پروڙ آهي. جيڪا سندس سنئين سڌي مشاهدي جي ڪري آهي نہ ڪي ٻڌ سڌ تي.

هن جي طبيعت ۾ ٻهراڙي واري ارڏي ڳيروءَ واريون ارڏايون بہ آهن تہ. شهر جي سمجهو ۽ سڄاڻ جوان واريون سوچون بہ. مان هن جي پيشاني تي غيض ۽ غضب واريون ريکائون بہ ڏٺيون آهن تہ سادگيءَ واريون سڌيون ريکائون بہ.

مان ۽ افضل جڏهن ڍنڍ تي شڪار ڪرڻ ويندا آهيون. جڏهن هو ڪنهن اڏامندڙ پکيءَ کي نشانو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ ڪڏهن نشانو خطا ٿي ويندو اٿس تہ سندس نرڙ تي هڪ اهڙو گهنڊ پئجي ويندو آهي، جنهن ۾ سندس ماضيءَ جون وحشتون ۽ وسريل ورق هوندا آهن. پوءِ جيستائين ڏهن ٻارهن پکين جو ساهہ نہ وٺندو، تيستائين چڻ ٻانهن چڪ ۾ هوندس.

افضل جي سڌين ريکائن وارو روپ بہ آهي، جڏهن هو آرهڙ جي ڏينهن ۾ ٽاڪ منجهند جو سائيڪل تي پگهر وهائيندو منهنجو دروازو ڪڙڪائي چوندو آهي "وزٽ تي ويو هيس، ڏهہ پندرنهن روپيہ هٿي آيو آهيان، هل تہ هلي چانهہ پيون ۽ ڪچهري بہ ڪيون." پوءِ خبر پوندي آهي تہ هي همراهہ سڄي سنگت جي ننڍ ڦٽائي آيو آهي، انهيءَ وقت سندس سادگيءَ تي پيار ايندو آهي، ۽ ڪاوڙ تڏهن ايندي آهي جڏهن سادگيءَ ۾ سيني کي چرچا هٽي ويندو آهي. افضل جي زندگي بہ الف ـ ليلوي داستانن وانگر گذري آهي، يا ائين ڪٽي چئجي تہ هڪ اهڙي عجيب ناول جي مثال آهي، جنهن جو هر باب، ٻي باب جي نفي ڪري ٿو.

سندس زندگي جو پهريون باب اهو آهي، جنهن ۾ افضل، دودي سنهڙيءَ ڳوٺ ۾، سيارو ٻوڪي ۾ ۽ اونهارو لاڪ (گوڏ) ۾گذاريو. هر انهيءَ ٻهراڙيءَ جي معصوم ابهم جيان جنهن جي سوچ ۽ سونهن نيڪيءَ جي ديوتائن ڪان بہ وڌيڪ سندر ۽ سُشيل هوندي آهي.

سندس زندگي جو ٻيو باب اهو باب آهي، جنهن ۾ هر نوجوان نت ڪٿ شيام جيان، ڪنهن راڌا جي راهہ تڪيندو آهي، ۽ هر جوانڙي من ئي من ۾ پيار جو پنگهٽ جوڙي ڪنهن نت ڪٿ شيام جو انتظار ڪندي آهي. افضل بہ پنهنجي ڳوٺ جو اهو ناليرو نت ڪٿ شيام هو جنهن پريم جي ڊگر تي آيل ڪيترين ئي راڌائن جا دلا ڀڳا. بقول خليل جبران جي "In every man's life there is salma" (هر ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ هڪ سلميٰ هوندي آهي.) پر افضل جي ان دؤر واري زندگيءَ ۾تہ ڪو واٽڪو ليکو چوکو ڪرڻ ئي غلط آهي. چو تہ بقول سندس ڪيترين ئي سلمائون آيون ۽ ويون.

ٽيون باب سندس زندگيءَ جو پوائنٽو باب آهي جنهن دؤر ۾ سندس اکين مان ڪام ديو ڪاليءَ جي پڙ ڪان پڇي ويو. سندس اکين ۾ ان ڪاليءَ اچي آرو ڪيو. جنهن جي باري ۾ چيو ويندو آهي تہ سندس هڪ هٿ ۾ ڪانڌ، ٻي هٿ ۾ انساني سر. گهنگهور گهٽائن جهڙا ڪارا وار، خون آشام اکيون، ڳچيءَ ۾

انساني ڪوپڙي جي مالها ۾ رت سان پريل ڳاڙهي زبان هوندي آهي. ان دؤر ۾ افضل جي اکين مان وحشت ڳاڙهن تاندن جي تؤجيان نڪرندي هئي ۽ سندس ايمان گوليءَ جي ٻوليءَ ۾ هوندو هيو.

سندس زندگيءَ جو ڇوٿون باب، وڏو موڙ (Twist) ثابت ٿيو. جيئن سنڌ ۾ هر ارڏي ڳڀرؤ کي سڌارڻ لاءِ سندس وڏا، نڪ ۾ نوڙي وجهندا آهن. افضل کي به سندس وڏن شادي ڪرائي نڪ ۾ نوڙي وڌي ته ننڍڙي ڪٽنب جو آغاز ٿيو پوءِ افضل هر وحشت کي وساري، پنهنجو ايمان محنت ۽ جفاڪشي تي رکيو ڇو ته کيس اها خبر هئي ته محنت ۽ جفاڪشي جي زندگي ئي هڪ اهڙي زندگي آهي، جنهن ۾ امن ۽ شانتي هوندي آهي ۽ ”هٿ کس“ واري زندگي ڪنهن جوالا مکي جي مُنهن جيان هوندي آهي.

هن پاڻ ۽ پنهنجي ڪٽنب کي زنده رکڻ لاءِ وٽنري اسسٽنٽ جي نوڪري ڪري زندگي جي ڏور کي ڏوريو پر انهيءَ وچ ۾ هن نه هٿ تنگيوءِ نه وري ڪنهن کي سوال ئي ڪيو.

سندس زندگيءَ جو پنجون باب، جيڪو سيني بابن کان وڌيڪ مانائتوءِ شانائتو آهي. جنهن باب ۾ هن جسماني محنت سان گڏوگڏ ذهني محنت به ڪرڻ شروع ڪئي. هن پنهنجي پڙڪندڙ جذبن جي اظهار لاءِ شاعريءَ کي چونڊيو پر اها شاعري جيڪا سندس برهه جي باب جو پڙاڏو هئي، جيئن ته مان افضل جي شخصيت تي ڳالهائيندي سندس ان پهلو کي واضح ڪري وڌو آهي، جنهن ۾ هو اسان جي اڳيان شاعر جي حيثيت سان سامهون اچي ويو آهي. بهتر اهو ٿيندو ته هاڻي شخصيت کي ڇڏي سندس شاعريءَ تي ڳالهائڻ شروع ڪجي، ته افضل جي شاعري ڪهڙن ڪهڙن دؤرن مان گذري؟ يا سندس شاعري ۾ ڪيئن ۽ ڪهڙا لاڙا آيا؟ انهيءَ لاءِ سندس شاعري تي ڪجهه روشني وجهندس، پر هام نه هڻندس ته افضل بيٺل پاڻي ۾ پٿر اڇلايو آهي يا چپ اڇلائي آهي يا پاڻ اڇلايو آهي. نه وري ائين چوندس ته سائين چوٽيءَ جو شاعر آهي. عوامي شاعر آ، عظيم شاعر آ، وچ آ يا ڪنوڻ آ، پر ايترو ضرور چوندس ته افضل اڳتي وڌيو آهي، گهٽيو ڪونهي. ڇو ته جيڪڏهن چاڪيءَ جو ڏاند اکين تان آکيڙيون لاهي، باز ٻڌجي وڃي ته اها هڪ وڏي تبديلي ڇٽبي. افضل جي پهرين شاعري جيڪا فاعلاتن فاعلات ۽ معشوق جي اڳيان گريه و زاري جي گهاٽي جي ڇوڏاري ڦرندي هئي، اها شاعري اڄ عقابي اک رکي ٿي، جنهن ۾ عالمگير نظر آهي. جيڪڏهن ان ترتيب کي ونجي جيڪا سندس شاعري جي تاريخ آهي ته پوءِ پهريائين افضل جي غزل واري شاعري تي ناقدانه نظر ڦيرائڻي پوندي. حقيقت ۾ ته سندس پهرين غزل واري شاعري روايتي شاعري هئي، جنهن ۾مبالغي آميزي، عبارت آرايانه تڪلف، لفظي لاف ۽ تصنع گهڻو هيو جيئن سندس هن ئي مجموعي ۾هڪ غزل ثبوت طور تي آهي:

وساريان ڪيئن مان توکي، نٿو وسرين وڃان ڪاڏي،
هميشه روح ۾ راڙو منهنجو وهنوار تي ويو آ.

پر پوءِ آهستي آهستي سندس غزل مان عجيب و غريب ترڪيبون، گجهارتون، پروليون گم ٿينديون ويون. انهيءَ جي جاءِ تي سندس غزلن ۾ علامتي رنگ ۽ جذباتي حساسيت اچي وئي. انهيءَ جو مثال هن مجموعي ۾ سندس هي غزل آهي،

خزان جي تيز حملي کان، سڙي ويا ڪانهن ڪينجهرجا،
مندون موتي وري آيون، نه نسريا سر اجان تائين.

بهرحال، مان ائين ڪونه چوندس ته سندس غزل واري شاعري، منديءَ تي ٽڪ جيان آهي بهر ڪيف، پوءِ به مجموعي طور تي سندس غزل ڪي ڪسوڪين چٽبو.

منهنجي خيال ۾ ته، غزل کان سندس نظم سؤ دفعا وڌيڪ سنو آهي يا ائين به ٿي سگهي ٿو ته نئين ٿهي جو لاڙو نظم طرف گهڻو آهي ۽ اها هام انهيءَ اثر هيٺ هجي.

” پرسي، باشي- شيلي“ جي چوڻ مطابق ته ” شاعري بجليءَ جي تلوار وانگر آهي، جيڪڏهن ڪيس نيام ۾ رکيو ويندو ته اها ڪيس جلائي رک ڪري ڇڏيندي“

اهڙي بي نيام شاعري جي شروعات، هن تڏهن شروع ڪئي، جڏهن روح رهاڻ جو رنگ لڳس. روح رهاڻ جي سخت ادبي تنقيد سندس شاعريءَ کي جلا بخشي. هن جهروڪن مان جهاتيون پائڻ ڇڏي ڏنيون، سندس پهريون چرڪائيندڙ نظم، جيڪو 54 سٽن تي مشتمل هيو، جنهن ۾ هن مصنوعي حدبندين واري نيام کي ساڙي رک ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي شاعريءَ جي تلوار کي ننگو ڪيو.

هن جو پهريون نظم، ”ساٿيو هوشيار ٿيو ته آٿيون انقلاب اچ“ کان وٺي، ” هر جنم ۾ مون لکيو آ،“ تائين هڪ هڪ نظم سندس ذهني ترقيءَ جو ثبوت آهي. جيئن جيئن سندس احساسن ۾ اٿل پٿل آئي، تيئن تيئن سندس قافئي وارن ۽ آزاد نظمن لاءِ ايترو ته ضرور چئي سگهجي ٿو ته زندگيءَ جي اصلي حقيقتن کي پيش ڪرڻ ۾ تر جيترو به نه گٿا آهن.

پر سندن مقفيٰ نظمن کان وڌيڪ سندس غير مقفيٰ نظم آهن، جيڪي خيال ۽ فن جي لحاظ کان مٿانهان آهن. غير مقفيٰ نظمن ۾ سندس شاعراڻو مزاج وڌيڪ شوخ ۽ ارڏو آهي.

ڪٿي سماجي تاريڪي ۽ بد نظمي جو عڪس پيش ڪري ٿو ته هي مقفيٰ نظم جڙي پوي ٿو

بک مفلسي ۽ انسانيت،
وري وري هڪ سوال ڪري ٿي.

ڪٿي وري پنهنجي تخليقي ڪربCreative agony جو اظهار ڪري ٿو. تہ هي نظم جڙي پوي ٿو:

” اونداهي رات ۾، دروازو منهنجو کڙڪائي،
منهنجي ئي ذات مون کي ننڊ مان اٿاريو آ.

ڪٿي وري خالصتن قومي سوچ تحت ڌرتي کي ماتا ڪوٺي ٿو۽ پنهنجي محبت جو اظهار ڪري ٿو

او سنڌڙي! تنهنجو ديس وسي
او ماتا! تنهنجو ديس وسي

وري ڪنهن هنڌ تي سندس نظم سماجي سچائي ۽ عالمي دانهن بڻجي پوي ٿو.

امن جي نالي ۾ دنيا ۾
آبادين تي بم وسن ٿا.

اهڙيءَ ريت سندس بيا ڪيترائي نظم، مثلن:

”فرق“ - ”مون کي وسڪي جي تکي بوءِ جو قسم“ - ” ويتنامي عورت“ وغيره محسوس ڪرائن ٿا تہ افضل جي غير مقفيٰ نظمن ۾ گهرا گهاءَ ۽ احساس آهن. خلوص، مساوات ۽ آزادي جي ڏن آهي، حقيقت ۾ تہ سندس غير مقفيٰ نظمن ۾ ئي ڏانءُ، ذات ۽ سچائي ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺيون آهن.

انهيءَ ڪان پوءِ سندس وايون آهن. جيڪي تعداد ۾ گهٽ هئڻ جي باوجود بہ محسوس ڪرائن ٿيون تہ زهر جي پاٽي پيتل ٻرچيءَ جي مثل آهن. جن ۾ پڙڪيلا جذبا ۽ حساسيت ٻرچيءَ جي ڏار جهڙو چيهہ ڏئي من ڪورن ٿيون. مثلا هيءَ وائي سندس صداقت نگاري جو ڪيڏو نہ ثبوت آهي،

ڪير ٿو پيو چوي، ڪنهن ڏني روشني،
ڪوڙ ايڏو نہ هڻ،
او ڪوي ديس جا، مت چو تي منجهي،
ڪوڙ ايڏو نہ هڻ.
پنهنجي هٿ جو ڪنگڻ، آرسيءَ ۾ ڏسي
ڪوڙ ايڏو نہ هڻ.“

حالانڪ افضل جي ابتدا آهي پر پوءِ بہ بسم الله غلط ڪونهي. محسوس ٿئي ٿو تہ هن صنف ۾ بہ خيالن جو جوالا مکي ڦاٽي ٿو. جنهن مان سندس آهون ۽ دانهون لاوي جيان وائيءَ جي صورت ۾ نڪرن ٿيون.

سندس لکيل سانيٽ ۽ ترائيل اهو احساس ڏيارين ٿا تہ افضل رڳو هنر فروشي ناهي ڪئي، تعداد ۾ بلڪل نہ هئڻ جي باوجود بہ سندس ٺٽڙي ترائيل ۽ سانيٽ زندگي تي وڏي تنقيد آهن. جيڪي "آرنلڊ" جي شاعري واري وصف تي بلڪل پورا آهن تہ. "شاعري زندگيءَ تي هڪ تنقيد آهي."

مثلن هي ترائيل مٿين وصف جو هڪ بهترين ثبوت آهي.

ڪالهہ	ڪُسي	ويو	ڪارو	ڪاري.
پوءِ	بہ	ڪاري	ڪوهيڙي	۾.
ناري	ويني	باهہ	تي	ٻاري
ڪنهن	جي	اچڻ	جي	اوسيئڙي ۾"

بهرحال اهو احساس ٿئي ٿو تہ افضل جي سچي شاعريءَ ۾ نواڻ. جذبہ انگيزي ۽ صداقت نگاري گهٽي حد تائين موجود آهي. جيڪا هڪ سٺي شاعر هئڻ جو وڏو ثبوت آهي.

افضل لاءِ مان ايترو ضرور ٻڌائڻ چاهيان ٿو تہ "افضل" نہ "ملٽن" وانگر شاعريءَ جي ديوي The muse جي مرهونِ منت آهي. نہ وري ڪو William black واري دعويٰ ڪري ٿو تہ. " ڪا مافوق الفطرت قوت سندس سامهون اچي ڪانئس شعر چورائي ٿي." پر جيڪو ڪجهہ بہ شاعري جي انداز ۾ چوي ٿو ان ۾ سندس پنهنجن جذبن. احساسن. سوچڻ ۽سمجهڻ جو عمل و دخل آهي. منهنجي نظر ۾ تہ افضل جي اندر جو ڪلاڪار. جذبن ۽ احساسن جي آڌار تي اڃان ڪو جهور پوڙهو تہ ڪو نہ ٿيو آهي جو هي مجموعو سندس آخري مجموعو هجي. پر افضل جي اندر جو ڪلاڪار جذبن ۽ احساسن جي آڌار تي اڃان تہ ٻارنهن سالن جي ٻار واري جستجو ۽ شوق رکي ٿو. عهدِ شباب تائين پهچندي، پهچندي بہ گهٽ ۾ گهٽ تي چار مجموعا تہ ڏئي سگهي ٿو. جيڪي هن مجموعي ڪان اڃان اور هوندا."

افسوس صد افسوس. مٿين پس لفظ واري دعويٰ سچ ثابت نہ ٿي سگهي جو افضل جي زندگي گذارڻ جو طريقو ماڪي جي مک جهڙو هيو. صبح کان شام تائين مسلسل محنت ڪندو رهيو. افضل وٽنري اسسٽنٽ هيو. پگهار مان پورت نہ پيس. تہ آفيس ٽائيم کان پوءِ ايمپائر روڊ جي ڏاڪٽي سري تي هڪ ننڍڙي ڪيبن ڪولي ان جي سامهون سائيڪلون رکي ڪرائي تي هلائيندو هيو. رنگن جو شاهہ ڪاريگر هيو. ضرورتون وڏي ويس تہ موڪل ڪري رنگسازي بہ ڪندو هو. اڌ رات مڌ رات جو سڏ

ٽئيس تہ ڪنهن پاڳئي سان ڪچي ۾ وچي سندس ڏورن جو علاج بہ ڪندو هو. حيرت ٿيندي هئي تہ هي شخص شاعريءَ لاءِ ٽائيم ڪٿان ٿو آڻي. سو بہ جهڙي تهڙي شاعري نہ. اندر ۾ وڌ وجهندڙ شاعري، گهرائي ۽ گيرائي رکندڙ نزاڪت ۽ نفاست سان ڀرپور، خيال ۽ مقصديت سان سلهاڙيل.

سندس دوستيءَ جا اسير وري ايترا هيا، جو ڪهڙن جا نانءُ ڪٽي، ڪهڙن جا ڪٽجن. ڪي ذاتي، ڪي ادبي، ڪي سياسي، ڪي محنت ڪش. شام ٿيندي هئي تہ لاڙڪاڻي جا نوجوان، پڪا ۽ پوڙها اديب، سياسي ڪارڪن ۽ مزدور سندس سائيڪلن جي ڪيبن آڏو گڏ ٿيندا هئا. انهيءَ ڪيبن آڏو ايڏي تہ ڪچهري لڳندي هئي، شايد ڪنهن اوطاقي جي اوطاق تي بہ نہ. جنهن بہ ڏٺو تہ ايئن ڏٺو تہ سندس هڪ هٿ نوٽ بڪ تي سائيڪل جي ڪرائيدار جي نانءُ لکڻ ۾ مشغول ۽ ٻيو هٿ پرسان واري هوٽل جي ٻيري کي آڱرين سان اشارا ڪري چانهہ جي آرڊر ڏيڻ ۾ مصروف. پوءِ چانهہ جا اڌڙ پيا هلندا ها ۽ مختلف سياسي، سماجي ۽ ادبي بحث پيا ٿيندا هيا. ايئن هڪ دفعي ڪچهري ۾ مست مگن ڏسي، ڪو شاهينگ سائيڪل بہ ڪاهي ويس. سائيڪل وڃايائين. نہ وڃايائين ست سنگ ۽ ساٿ.

خودداري جو عالم اهو هئس جو هڪ دفعي مون کان اڌائي سؤ روپيا اهو چئي ورتائين تہ مهيني اندر موٽائيندو. موٽائي نہ سگهيو تہ گهر آيو ۽ چيائين:

"ادا منظور پئسا نہ ٿي سگهيا، مان چاهيان ٿو تہ اوهان جي گهر کي رنگ ڏئي قرض لاهيان"

مون کيس چيو" يار نہ ٿي سگهيا تہ خير آهي، سمجهہ تہ مون توکي مدد ڏني!"

وراڻيائين " قرض طور تي ورتا هيم، ان ڪري ضرور لاهيندس"

منهنجي جاءِ کي ان وقت واقعي رنگ جي ضرورت هئي، هن شخص الائي ڪٿان مختلف رنگ آڻي منهنجي جاءِ کي رنگين ڪري ڇڏيو ڪم پورو ڪري چيائين: "ادا! راضي پازي؟" مون وراڻيو: "اڍائي سؤ کان تہ ڪم وڌيڪ آهي، تنهنجو حساب مون ڏانهن ٿيندو." وراڻيائين: "ادا! تنهنجي جاءِ جي هر ڪمري جو رنگ جدا آهي، معاف ڪجانءِ، جيڪي رنگ مون وٽ بچيل هئا، سي هنيا اٿم ان ڪري ڪم ست رنگي ٿي ويو آ."

ياڪر پائيندي چيو مانس: "افضل تو نہ صرف منهنجي جاءِ کي، پر منهنجي دل کي بہ ست رنگي بڻائي ڇڏيو آهي."

افضل جي اها خوبي يا خامي چئجي تہ جذباتي بہ ڏاڍو هوندو هيو 1977ع ۾ ملڪ آڳاٽي، ڪيهر شوڪت شام جو ادبي گڏجاڻيءَ ۾ شرڪت ڪرڻ ڪانپوءِ روح رهاڻ جي آفيس ۾ رهي پوندا هئا، ملڪ آڳاٽي جڏهن رات رهندو هيو تہ افضل کي طبقاتي ويڙهہ لاءِ سندرا ٻڌائي ڇڏيندو هيو. ان وقت ملڪ

آڳاٽي عوامي تحريڪ جو پرجوش ڪارڪن هيو. سندس ڳالهائڻ جو انداز نهايت سحرانگيز ۽ اثرانگيز هيو. هڪ رات جو افضل کي ڪو وڏيرڪي نظام ۽ وڏيرن جي خلاف ايڏو پڙڪائي ويو جو ٻئي ڏينهن تي افضل هڪ نالي بندوق ۽ ڪارتوس هٿ ڪري ڳوٺ آڳاٽي پهتو ۽ ملڪ آڳاٽي کي چيائين: ”مان وڏيڪ وڏيرن کي برداشت نہ ٿو ڪري سگهان، ٻڌاءِ تہ ڪهڙي وڏيري کي ماريان!“

ملڪ آڳاٽي اچي ڦاٿو ۽ کيس سمجهائڻ لڳو تہ ”بابا ....! هيءَ وڏي ۽ گهڻ طرفي ويڙهاند آ، جنهن ۾ باقاعده رٿابندي ۽ حڪمت عملي جي ضرورت آ وغيره.“ پر افضل قادري چيس،” ادا ملڪ! جڏهن اهو ويڙهاند جو وقت اچي تہ ٻڌائجان، باقي وقت کان اڳي اهڙيون ڳالهيون ٻڌائي مچرائيندو نہ ڪر!“

بس ان ڏينهن کان پوءِ مجال جو ملڪ آڳاٽي ان موضوع تي افضل سان ڳالهائي.

خبر ناهي تہ افضل قادريءَ جي ڦڦڙن ۾ ڪينسر ڪڏهن کان لڳو ۽ ڪيئن لڳو هو شايد گهٽي ٻيڙي پيئڻ ڪري يا حد کان وڌيڪ محنت ڪرڻ ڪري، پر اوچتو ئي اوچتو کيس ساهہ ۾ تڪليف ٿيڻ لڳي. جڏهن ڊائگنوز ٿيو تہ کيس ڦڦڙن جو ڪينسر ثابت ٿيو. ان وقت سنڌي ادبي سنگت شاخ موهن جو دڙو جو بنياد پئجي چڪو هيو سيني ميمبرن ۽ دوستن پنهنجي وت ۽ وس آهر مدد ڪيس. بينظير صاحبہ وزيراعظم هئي، ان کان ڪنهن دوست نوٽ هٽائي کيس آماده ڪيو تہ هو ڪراچيءَ مان علاج ڪرائي. پر جڏهن اتي پهتو تہ اسپتال وارن ۽ ثقافت کاتي جي ماڻهن جو نارو سلوڪ ڏسي موٽي آيو. جنهن تي مون احتجاجن 31 مارچ 1990ع تي هلال پاڪستان اخبار ۾ پنهنجي هفتيوار ڪالم ’فڪر قرهي هٿ ۾‘ ان بي حسي بابت لکيو هو:

افضل قادريءَ جو آخري انٽرويو محمد علي پناڻ ۽ مان سندس مرتئي کان 14 ڏينهن اڳ 28 اپريل 1990ع تي ورتو هيو. جيڪو پوءِ هزار داستان ڊائجسٽ ۾ ڇپيو. جنهن ۾ سندس زندگيءَ جا ٻيا ڪيترائي پهلو نمايان ٿيا. جيڪو ايندڙ وقت جي محقق لاءِ هڪ مواد آهي.

افضل جي ان انٽرويو کان پوءِ بہ اسان دوست مسلسل وٽس ويندا رهياسين. انهيءَ دوران اسان هن جي اکين ۾ موت جو ڊپ محسوس نہ ڪيو. هن کي ڏسي لڳندو هيو تہ هو پر اُميد آهي ۽ پنهنجي اظهار تي خوش آهي. کيس ڏسي اُن وقت حافظ شيرازي جو هڪ شعر ياد ايندو هو:

”فاش ميگويم و از گفتۂ دلشادم
بنده عشقم و از هر دو جهان آزادم.“

(ڪلم ڪلا چوان ٿو تہ پنهنجي چوڻ تي خوش آهيان.

مان عشق جو بندو آهيان ۽ ٻنهي جهانن کان آزاد آهيان.)

برحق تہ افضل قادري هيو بہ عشق جو بندو. ڪو درٻاري شاعر نہ هيو. هن ڪي عشق هو پنهنجي ڪتنب سان، پنهنجي محنت سان، ڌرتيءَ سان، ڌرتيءَ جي ماڻهن سان، سچائي سان ۽ پنهنجي نظريي سان. هو انهن ماڻهن منجهان نہ هيو جيڪي ڳالهہ تہ محنت ڪشن جي ڪن، پر پاڻ محنت کان عاري هجن. ڳالهہ تہ سچائي جي ڪن پر پاڻ ڪوڙا قيصر لنڊ هجن. ان ڪري مون کي هينري جيمز جا اهي جملا ڏاڍا ياد ايندا هيا. جيڪي مان افضل جي حوالي سان اڪثر ورجائيندو رهندو هئس:

” مان لکڻ واري تي ڪائي پابندي نہ ٿو مڙهيان، سواءِ هڪ پابندي جي تہ هو پنهنجي لکت سان سچو رهي.“

پنهنجي لکت سان سچو رهندڙ افضل قادري، بيماريءَ جي دوران بہ پنهنجي ٻي شعري مجموعي ”احتجاج“ کي ترتيب ڏيندو رهيو ۽ اسان سان ويچار ونڊيندو رهيو.

پر 12مئي 1990ع سندس زندگيءَ جو آخري ڏينهن ثابت ٿيو. کٽ تي ليٽيل، هڪ هٿ سيني تي، ساهہ ڏاڍا تڪليف سان کڻي رهيا هئس. مان ۽ ٻيا دوست کيس انهيءَ اذيتناڪ حالت ۾ بيوسي وچان ڏسي رهيا هياسي، پر افضل جي اکين ۾ ٻي وسي نہ هئي، ايئن لڳي رهيو هيو جڻ هو اسان کي اکين ئي اکين ۾ پنهنجو اهو چوسٽو ٻڌائي رهيو هجي:

دنيا جي غلط رسم ۽ رواج جي خلاف،
جنهن ۾ ملي نہ حق، تنهن سماج جي خلاف
اديب احتجاج آ، هر ظلم جي خلاف.
لطيف جيئن مثال آ، هر ڏاڍ جي خلاف.

13 مئي تي، جڏهن سندس جنازي کي ڪلهو ڏئي لاڙڪاڻي جي ابوبڪر مقام ڏانهن روانا ٿياسين تہ ائين لڳو جڻ پنهنجي ئي وجود جي حصي کي دفن ڪرڻ ويندا هجون.

***